# سِنڌو جوتِ

# सिंधू जोति



19-20

# سِنڌو جوتِ

# सिंधू जोति

# سِنڌو جوتِ

(سِنڌي اَڪادمي، دهليءَ جو ٽِماهي رِسالو)

سرپرست

**شري سُريش ڪيسواڻي**

(ميمبر پارليامينٽ، راجيه سڀا،

وائيس چيئرمن، سنڌي اَڪادمي، دهلي)

سمپادڪ

لڇمڻ ڀاٽيا ”ڪومل“

ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي


**سِنڌي اَڪادمي، دهلي**

# سِنڌو جوتِ

سِنڌي اَڪادمي، دهليءَ جو
ٽماهي رسالو
جولاءِ - ڊسيمبر ٢٠٠١

پرڪاشڪ : ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي،
سيڪريٽري، سِنڌي اَڪادمي، دهلي
ڊي.ڊي.اي. سَمُدايہ ڪيندر، صدر ٿاڻا مارگ،
پهاڙ گنج، نئي دهلي-110055
فون : 3670319, 3553392

# सिंधू जोति

*सिंधी अकादमी, दिल्लीअ जो*
*टिमाही रिसालो*
*जूलाइ- डिसेम्बर २००१*

प्रकाशक : डॉ.ज़ेठो लालवाणी,
सचिव, सिंधी अकादमी, दिल्ली
डी.डी.ए. समुदाय केन्द्र, सदर थाणा मार्ग,
पहाड़ गंज, नई दिल्ली-110055
फ़ोन : 3670319, 3553392

# SINDHU JOTI

A quarterly journal of Sindhi literature
(July - December 2001)

Printed and published by Dr. Jetho Lalwani
Secretary, Sindhi Academy, Delhi
DDA Community Centre, Sadar Thana Road
Pahar Ganj, New Delhi - 110055
Phone : 3670319, 3553392

Laser-Typesetting : Suresh Chandra Saraswat [Ph: 6476991]
C-1 Dayanand Colony, Lajpat Nagar-4
New Delhi -110024

Printed By : Ramra Adprint Services
11 Rani Jhansi Road, New Delhi-110055

# ترتيب


- پنهنجي طرفان (i)-(iii)
- رکيل مورائي - هڪ شاعر (iv)


## شاعري


| | | |
|---|---|---|
| - غزل | رکيل مورائي | 1-8 |
| - غزل | هري دريائي دلگير | 9 |
| - غزل | ارجن حاسد | 10 |
| - غزل | واسديو نِرمل | 11 |
| - غزل | گل بهار باغائي | 12 |
| - غزل | لڪشمڻ ڏُبي | 13 |
| - غزل | عنايت سولنڪي | 14 |
| - غزل | هوتو سنڌوپياسي | 15 |
| - غزل | آسن واسواڻي | 16 |
| - غزل | ٽيڪچند مست | 17 |
| - غزل | گووَرڌن شرما گهايل | 18 |
| - غزل | ڀڳوان 'نِردوش' | 19 |
| - غزل | روپڪُمار گهايل | 20 |
| - غزل | ڪشور پهوجا | 21 |
| - غزل | لڇمڻ چيلاڻي | 22 |
| - غزل | لڇمڻ ڪڪريجا | 23 |
| - لعنَتي من منهنجو | ڪيرت باباڻي | 24 |
| - ٻہ ترائيل | موتيلال جوتواڻي | 29 |
| - برلن جي ديوار | جهمون ڇُٻاڻي | 30 |
| - روڪيان ڪيئن (مُڪت ڪوتا) | ريتا شهاڻي | 31 |
| - پهچاڻ | مهيش نيواڻي | 32 |
| - نظم | پهلاج راء مسافِر | 33 |


.......

( ** )

## ڪهاڻي


| | | |
|---|---|---|
| - منهنجي سنڌ، منهنجي سنڌ | آنند کيماڻي | 34 |
| - جيوَن پيڙا | پرم اَبيچنداڻي | 41 |
| - نئون تاج محل | هري موٽواڻي سنڌي | 51 |
| - وسريل گيت | مايا راهي | 59 |
| - وساريو نہ وسرن | تارا ميرچنداڻي | 67 |
| - ايڪيهين صدي | گوپال پروانو | 82 |
| - بولڊ ۽ بيوٽيفل | چترو ناگپال | 95 |
| - هڪڙي هٿ جو ڪمال | ڪلا ڏر | 100 |
| - چابيُن جو ڇُڳو | اُشا سارسوَت | 108 |
| - پريم جي پيچري تي | رتن ڏيواڻي | 119 |


## مضمون


| | | |
|---|---|---|
| - وحدت الشهود جو نظريو | تاجل بيوَس | 130 |
| - گوچر اَگوچر | نند جويري | 143 |
| - سُر سنگيت جو پانڌيڱڙو-بلو | وينا شرنگي | 153 |
| - ڇٽگون ڇٽگون پل پرن (تنقيد) | لعل پشپ | 161 |


## ناٽڪ


| | | |
|---|---|---|
| - فيصلو (ايڪانڪي) | لکمي کِلاڻي | 167 |

## پنهنجي طرفان —

هڻ-پٽ جي هِن دؤر ۾ وقت مهانگو ۽ واچون سستيون ٿي ويون آهن. پر اَسان جي قؤم جلاوطن ٿي دربدريءَ جي اُن دور مان بہ گذري آهي، جڏهن ان لاءِ وقت سستو ۽ واچون مهانگيون هيون.

مهانگائيُن ۽ سستائين جي وچ واري عرصي ۾ اسان جي جاتيءَ الائي کهڙا ڏک ڏاکڙا ڏٺا ۽ علامتي طور نہ، پر عملي طور بہ الائي کهڙا کهڙا پاپڙ ويليا! اڄ اسان جا سڀ پاپڙ ويلجي چڪا آهن ۽ اسين هاڻي ٿانئيڪا ٿي، پرپور مانيءَ سان انهن جو ذائقو وٺي رهيا آهيون. سنڌي شاعر سڳن آهوجا جون هي سِٽون ''سِکي پاڇيءَ کي ٿي هٿ ٿي رکيَل ماني'' هاڻي هڪُ خراب خواب جيان اسان کان وسري چڪيون آهن.

پر ايترين خوشين ۽ خوشحالين جي باوجود اسين فني، ثقافتي ۽ اَدبي طور اَجان اُجايل آهيون. هر طرح ڀاول هوندي بہ اَسين بکايل آهيون. اِها بُک ۽ اُڃ اَسان کي ذهني سطح تي مفلوج ۽ روحاني سطح تي demoralise ڪري رهي آهي. اڄ اسين پنهنجن گهرن ۾ ٿانئيڪا برابر ٿيل آهيون، پر. اسان جا اِهي گهر بنا نقشي وارا مڪان. آهن، جن ۾ مڪين اسان جي ڪُٽنب جا ڀاتي پنهنجيءَ ماءُ سان بہ پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ نہ، پر ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهيا آهن. ۽ اسان جي ان ماءُ، جنهن پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ اسان کي لولي ڏني آهي ۽ ڪٽنب جي سيني ڀاتين

کي دل کولي کلايو آهي، اڄ هن جا پنهنجا چپ بہ مُرڪڻ وساري وينا آهن ۽ هوءَ نالائق اولاد جي بيمار ماءُ وانگر بستري داخل آهي.

اسان جي سرمور شاعر سائين شاھ لطيف اِهو تہ چيو تہ 'حيف تنهي کي هوءِ، وطن جن وساريو'. پر شاھ جي سوچ ۾ بہ اِهو سوال نہ اُٿيو هئو تہ انهن مٿان ڪهڙو حيف هٿان، جيڪي اڄُتي هلي نہ رُڳو پنهنجي سَڀيَتا ۽ ساهت بلڪ پنهنجي ٻولي پڻ وساري وهندا. اَسان جيِ واپاري ذهنيت اسان کي اهو تہ سيکاريو آهي تہ پئسو ڪِئَن ڪمائجي؟ ڏنڊو ڪئن هلائجي؟ سڄيءَ دنيا جو سفر ڪري اِها ڄاڻ ڪِئَن حاصل ڪجي تہ هتي ڪهڙي شيءِ وڌيڪ وڪامندي، ڪهڙيءَ چيز ۾ گهٽ سيڙپَ ۽ وڌيڪ اُپراسو ٿيندو؟ ڪٿان وڌيڪ مال ملندو ۽ ڪٿي وڌيڪ ڳڻا ملندا؟ پر اسان اِهو ڪڏهن بہ نٿا سوچيون تہ اسان جو ڪَلچر ڪئن برقرار رهندو؟ اسان جي ٻولي ڪئن زنده رهندي؟ اسان جو ساهت ڪئن ترقي ڪندو؟ اسين ساهِتِڪ سطح تي پنهنجو وجود ڪئن برقرار رکي سگهنداسين ۽ ثقافتي طور پنهنجو مانُ ڪئن مٿاهون ڪري سگهنداسين؟

حيرت تہ اِها آهي تہ جڏهن اَسان جا هٿ تنگ ۽ کيسا خالي هوندا هئا، تڏهن اسان مٿان پنهنجي ٻولي ۽ ساهت بچائڻ جو جُنون سوار هئو. اسان ساهتڪ سميلنن ۽ ادبي سيمينارن ۾ هِتان-هُتان پٽ-سَٽ ڪري، اوڌرون وٺي، گاڏين جي ٿرڊ ڪلاس ۾ سڄي سڄي رات سفر ڪندي، اوجاڳا ڪري، انهن ۾ شِرڪت ڪندا هئاسين! جهڙا تهڙا بہ گرھ کائي، سڄيون سڄيون راتيون ڪليل ذهنن ۽ نيڪ جذبن سان، بنا ڪنهن بغض ۽ وير وِروڌ جي، اَدبي بحث مباحثا ڪندا هئاسين. مشاعرن ۾ پنهنجا ڪچا ڦِڪا شعر پڙهندا هئاسين. سيمينارن ۾ پيپر پڙهي، اُنهن تي بحث ڪندا

هئاسين. اِختلاف ڪندا هئاسين، وڙهندا جهڙندا هئاسين، رُسندا پرچندا هئاسين - پر پوءِ به اسان وٽ وير ونجوڳ نه هئا. اسانجيون دليون ڏوتل وڳن جيان صاف ۽ اڇيون اُجريون هيون. هڪ ٻئي جي پريءَ ۽ پاڪُر ۾ اسان پنهنجي ٻوليءَ ۽ ساهت جي قافلن کي منزل تي رسائڻ لاءِ هڪ ٻئي جي وکَ سان وِکَ وڌائي.

اڄ اسان جي انهن وکن ۾ پير ڪڙيون پئجي ويون آهن. اڄ اسان وٽ سڀ ڪجهه آهي - مالي آسودگي آهي، خوشحالي آهي، مسواڙي مڪانن بدران پنهنجا گهر آهن، پر اَسان لاءِ اهي رڳو اَڏاوَتون بڻجي پيون آهن، جن اَڏاوَتن مان اسانجي ٻولي، سپيَتا ۽ ساهت کي نيڪالي ملي رهي آهي. اسين هر قِسم جي عيّاشيءَ لاءِ پنهنجو وقت ۽ پئسو کُليءَ دل سان خرچ ڪري سگهون ٿا، پر اسان وٽ پنهنجي ساهت خريدڻ ۽ پڙهڻ لاءِ نه پئسو آهي ۽ نه وقت آهي. اسين ڪلبن ۽ ٽِڪاڻن ۾ وڏا سخي ۽ شاهه خرچ آهيون، پر پنهنجي ٻوليءَ ۽ ساهت لاءِ ڪجهه به ڪرڻ ۾ بيحد مفلس ۽ مسڪين، بلڪ ڪنگال آهيون.

اڄ جي هن دوُر جي ديوارن تان سنڌي ساهت جي لهندڙ اُس جي پوين پاڇن تي اسان جي اک ڇو نٿي پوي؟ اَسان کي اِهو نظر ڇو نٿو اچي ته اسانجي اهڙي شاهوڪار ٻوليءَ جي وٿين ۾ هاڻي نه ڪي شهر به نه، رڳو ڪي پاڙا وڃي بچيا آهن ۽ اسين انهن پاڙن کي ئي پنهنجو 'اَبو-اَمان' سمجهي، انهن جي آبرو رکون!

**لڇمڻ ڪومل**

هڪ شاعر

# رڪيل موراڻي

- سنڌيءَ جو نوجوان شاعر، رڪيل موراڻي، اسان لاءِ ڪو نئون آواز ناهي. هو هڪ عرصي کان سنڌ جي نئين آوازن جي کيپ ۾ هڪ اهم آواز بڻجي سنڌي شاعريءَ کي قوت بخشيندو پئي رهيو آهي.

رڪيل جي شاعريءَ جي خاص سڃاڻپ اِها آهي، جو بنيادي طور اِها رومانوي هُئڻ سان گڏ گڏ، اڄ جي دهشت گرديءَ واري دؤر ۾ اعاليٰ انساني قدرن، دوستي، ڀائيچاري، رشتن ناتن ۽ احساس کي زندگيءَ جي ٻَڌِڻ ۽ ٻُڇِڙاڻِ کان پاڪ رکيو آهي.

هڪ اهڙو نئون آواز، جيڪو پراڻي پيڙهيءَ سان جُڙيل هوندي بہ، اُن پيڙهيءَ جي روايت پرستيءَ جو پڙاڏو نہ بڻيو آهي، بلڪ پنهنجو هڪ الڳ انداز پيدا ڪري سنڌي شاعريءَ جو مانُ مٿاهون ڪيو آهي.

رڪيل جي شاعري شعريت سان گڏوگڏ، سوچ جي سطح تي پڻ پختگيءَ جو احساس ڏياريندي آهي. هن پنهنجي ڌرتيءَ جي درد کي محسوس ڪيو آهي ۽ درد جي اِن نِهائيءَ مان نڪري جيڪا شاعري تخليق ٿي آهي، اها رڳو رڪيل جي نہ، پر اسان جي سڄيءَ قوم جي پيڙا کي پيش ڪري ٿي.

'هڪ شاعر' جي عنوان هيٺ رڪيل موراڻيءَ جي شاعريءَ جون ڪي جهلڪيون پيش ڪندي اسين خوشي ۽ فخر محسوس ڪري رهيا آهيون.

— سمپادڪ

# غزل

— رڪيل موراڻي

واءَ جو جهُوٽو وِسائي ويو بتي،
اونده ۾ جرڪڻ لڳي آ شاعري.

باک جي ڳل کي چُمي سِڄُ آئيو،
روشني رابيل جيان پيئي ٽِڙي.

وقت جي کوليءَ جو دروازو کُليو،
سوچَ ٿي سينگار ڪاهيءَ گهاٽ جي!

تو جيان تاريخ ٿي ويئي شهيد،
آ شفق ۾ رت جي ڳاڙهاڻ ٿي.

شامَ تائين بندوق جي ناليءَ جيان،
هر ڪِهتي بارودُ اوڳاڇي سُتي.

رت سان ريٽيون پٽيون بيروُت جون،
سِندُ آئيندي لڳي اهڙي پئي!

◻ ◻

# غزل

— رڪيل مورائي

جنوَريءَ جا ڏينهن سيءَ پارا رُهي،
اَڏ تي ريڊار جي ڪا جهوُپڙي.

ڪجهه بہ ڏسجي ڪين ٿو ڪوهيڙ ۾
دور ڪان ڏس ڪيئَن سُڄاپين او سڪي.

جي ڪٽي لِکجي بہ ڪُجهہ لِکجي تہ ڪيئَن
پين ڪٽندي ئي اُجهامي وئي بَتي!

بسِ جو پاڙو لڳي ماڻهوءَ جو مُلهہُ،
بي-مُلهي ايڏي بہ پياري زندگي.

ائين ٿِئي ماڻهوءَ هٿان ماڻهو شِڪارُ
جڻ تہ جهٽ پڪڙي ويئي ڪوُئو ٻلي.

ساري لانڊيءَ ۾ ٿا جاڳن ڪونگهرا،
نِنڊ گهريءَ ۾ سُتَل پاتي سيئي.

ٻاڪَ جي آڪاسَ آڳند کي رڱيو،
نِمُ ۾ ٻولڻ لڳا پهريان پکي.

□ □

نظم

# سَرمَدَ جي حضور ۾

—— رڪيَل مورائي

ڪير دليءَ جي ديوارين جي
پاڇن پويان –
سرمد !
تُنهنجي ننگائيءَ تي
ڳوڙها ڳاڙي؟
ايڏو ڪنهن کي وقتُ ڪِٿي آ؟
وقتُ سَمندر وانگي آهي
مست قلندر وانگي آهي
جنهن جي سَرمستيءَ جي پويان
ڪوئي اُونهو رازُ لِڪلُ آ،
يا ڪوئي آوازُ لِڪلُ آ،
جو صديُن جي سيني اَندر
راڙ ڪري ٿو
ڪڏهين ڪڏهين ماڙ ڪري ٿو.
ها، پر – وقتُ جلاد بہ آهي
ڪيئَن اِتِهاس اُجاڙ ڪري ٿو
ڪڏهين ڪڏهين اِئين لڳي ٿو.
وقتُ وجي ٿو چوليءَ وانگي،
آدرش جي ڇاتيءَ اَندر.
.. .. هلندڙ

ڳاوَ ڪري ٿو ڳوليءَ وانگي
ڳولي، جنهن جي ٻوليءَ آڏو
هر ڪوئي محتاج لڳي ٿو.
ڪڏهين پينوءَ جو ڪشتو
ڪنهنجي سِرَ جو تاجُ لڳي ٿو.
جنهن ۾ پوُتلُ هرهڪُ موتي
ڄڻ جي ڳوڙهي جهڙو ناهي
جيڪو ڳوڙهو
تُنهنجيءَ قبر جي ڪُتبي کي
صاف ڪري ٿو.
وقت سان جڻ اِنصافُ ڪري ٿو.
اَڄُ هوُ پنهنجا سيئي واعدا
پنهنجي ماضيءَ سان ٿو پاڙي.
ڪيرُ دليءَ جي ديوارُن جي
پاڇن پويان
سَرمَدَ !
تنهنجي ننگائيءَ تي
ڳوڙها ڳاڙي؟

□ □

نظم

# سايبان

— رڪيل موراڻي

ٽُنهنجي جوين جهڙي مُنهنجي زندگيءَ
ٽُنهنجي سُرخ چيڙن جهڙو اوڙهي لِباسُ
ٽُنهنجي وارن جهڙي ڪاريءَ رات ۾
ٽُنهنجي مُک جهڙي صُبح جي سايبا
ڪي چُمڻ جي لئہ ڪيو آهي شروع
پنهنجو سفر –
سايبا –
آهِ جنهن جو ڪئِنواس.
هِن صديءَ جي سونهن آهي
مرڪندڙ تصوير جا
مرڪ جنهن ۾ جڻُ سچو ايران
تو مرڪي پوي.
ايران ڇا؟
ايشيا جو هر اُهو اِنسانُ
تو مُرڪي پوي
جنهن ڪيو آ زندگيءَ ۾ پيار ڪو،
جنهن ڪيو آ پيار جو اِقرارُ ڪو،
سايبان!
آهِ جنهن جو ڪئنواسُ.
ياد پهرئين پيار جي
ايڏي پياري

.... لاڳيتي

جڏهن ڪا تصوير ڪائي يارَ جي،
مُک کي چُمندڙ هير ڪا ملهار جي
۽ مُند بَهارَ جي،
ڪمرو سڄو واسي وئي
خوشبوءِ تُنهنجي سارَ جي،
هر گهڙيءَ تاندا لڳي ٿي
انتظار جي
سائيان !
آهِ جنهن جو ڪئنواس.
رُت بسنتيءَ جو تڙيل
ڦريون گُلابُ - گهاءُ جنهن جو
پيڻ چوري، قيد ۾ آهي اڪيلو
پاءُ جنهن جو،
ماڪَ ۾ تاندي تريل جڳَن
تاءُ جنهن جو
پوءِ بہ سائيان تي ڪري هر وقت
آدر ڀاءُ جنهن جو
سائيان !
آهِ جنهن جو ڪئنواس.
روپلي ڪولهيءَ پُٽ
مِنڻ ۽ محمود خان
پائيتيو دودي جو
بختاوَرَ جي ڌيءُ
آ جيپي جي جنگ جو اُهڃاڻ، جي
هر دور جا سرواڻ جي
جنگ ۾ آهن جُٽيَل
۽ اَجا آهن اَٽل
جڏهن تہ ڪارونجهر جبل، سائيان جو ڪئنواس.

◻◻

نظم

# باڪَ

— رڪيَل مورائي

باڪ جو ننگو سَريرُ
بات جي خوني چنبن ۾
تو لُڇي
چندُ شرابي
تيز ڪائي آ ڪِريو ڪنھن ڪُنڊ ۾.
ڪيترا تارا رڙن ٿا
سندن چارا رڙن ٿا
سانتِ جو سينو وڃي ٿو.
ڪائنات
پينوءَ جو ڪشتو ڄڻ لڳي ٿي
آدمي پئسي جيان
جنھن ۾ ڦري ٿو
اِتِهاسَ جون چاتيون پٽي ٿو
وقت ظالِم.
لاتَ
طوفانن جي گهيري ۾
اَڃا آهي اَڃا
ها، اُجالي لئہ ڏيئو ٻاري تہ ڪيرُ؟

...... لاڳيتي

جيستائين
سِجُ پنهنجو قافلو ڪاهي اَچي
تيستائين
باک جو ننگو سَريرُ
باتَ جي خوني چنبن ۾ تو لُڇي.
چندُ شرابي
تيزُ ڪائي آ ڪِريو ڪنهن کُنڊ ۾
اِت پنهنجو پاندُ
ڦهلائي چڏيو جنهنجي مٿان
ڪائنات
اوندهِ جي ٻڪ ۾ آ اَچان.

☐ ☐

# غزل

—— هري درياڻي ’دلگير‘

## (۱)

زمانو پريشان رُئندو ڏٺم
کيل پُل تي پڳوانُ رئندو ڏٺم

تنگيل حالتن جي صليبن تي
ڏٺم جو بہ انسان رُئندو ڏٺم.

ڪَئين اَنَ ڪڻي لاءِ رڙندا ڏٺم
ٻچيل هِڪُ سُڪل نانُ رئندو ڏٺم

مڃيائون نہ ٿورو، پيون لعنتون
کيل ڪنهنجو احسان رُئندو ڏٺم.

جتن جي ڪويتاتي تاڙيون وَڳيون
ڪو شاعر سُخندانُ رُئندو ڏٺم.

ڳيون پياهٽن ڪانوَ ڪان ڪان ڪري
ڪو هنس جو استان رئندو ڏٺم.

پري پاند گلچين پنهنجا ويا
گلن بن گلِستانُ رُئندو ڏٺم.

ڪٽي گوءِ اِنسان هٿن ڪان ويو،
منجهيل موڳو شيطانُ رُئندو ڏٺم.

ڪو دلگيرَ درويشُ خوش خاڪ تي
گديلن تي ڪو خانُ رُئندو ڏٺم.

△ △

## (۲)

مُک تي ورنُ ٻئي ڪنهنجو آ
دل ۾ سُمرنُ ٻئي ڪنهنجو آ.

شادي تي وئي هڪڙي سان،
پر تن ۾ من ٻئي ڪنهنجو آ.

ڪالهہ رڱيم رَت سان گل جنهنجا
اَڄُ سو گلشن ٻئي ڪنهنجو آ.

ظاهر چپ نہ چُرن تا هُن جا،
ڳائڻ جو فن ٻئي ڪنهنجو آ.

مندر ۾ مُورت هڪڙي جي،
دل ۾ درشن ٻئي ڪنهنجو آ.

منهنجي ڪجهہ پي ڪونہ ٻڌي ٿو
شايد پڳوَن ٻئي ڪنهنجو آ.

بوليان هڪڙو، سوچيان ٿو ٻيو،
منُ منهنجو من ٻئي ڪنهنجو آ

ڪنجوُسي ڪنهن لاءِ ڪرين ٿو،
ڌنُ تنهنجو، ڌن ٻئي ڪنهنجو آ

عڪس نہ هيِ ’دلگير‘ آ منهنجو
پر هي درپن ٻئي ڪنهنجو آ.

△ △

# غزل

— اَرجن 'حاسِد'

هرکو چهرو چئِ ته کا صورتخطي !
صاف ظاهر وقت جي ريکا هُئي !
مورکن جهڙي گهڻنجيَل اِنسانَ کي،
دؤر هر کنهن ۾ سَتائي زندگي !
وات تيَ تنهنجو تڙيل جوين ڏنُم،
لات تي، بازار وت پهتي وڃي!
تن يگن جي پيڙ، پيلو اُپي سچو،
سانت تي ڳولهڻ وڃي کا ڳرکڙي!
جي سچي کؤڙاڻِ آنِرجي سگهي،
مَنَ کي چو آلاڻِ رهندي بانس جي!
گُل اَشُپ يا شُپ، جيئن پَل تون چوين،
کين کنهنجي قبر آ اورانگهبي !
منش جي شخصيپٽي جو پاپُ-پُڃُ،
بي حسيءَ اوندهہ وڃي ڳولهي لڌي!
چانوَ جون بدکون، کجيءَ جو وڻُ کُٺل،
گوڌ، گوڏن وت اُگهاڙي ذرتَني !
پانشالا ير ۾ پَٻُٽِيُن جو تلاءُ،
سونهن باراٽي بہ **حاسِد** ڏسُ وري !

⌂⌂

# غزل

—— واسديو ’نِرمل‘

١. اَڄُ لوڪ کهاڻي کا ٻڌايو تہ اَچي نِنڊ،
ڪنهن سون پريءَ جي ئي سُڻايو تہ اچي نِنڊ.

٢. سُرهاڻِ تہ آ نِنڊ جي راڻيءَ جي سَهيلي،
مؤتِئين سان ذرا سيڄ سجايو تہ اَچي نِنڊ.

٣. گذريءَ کي ڪري ياد نہ وريو آهِ نہ وَرندو،
هر فِڪر جي دامن کان ڇڏايو تہ اَچي نِنڊ.

٤. ڏُک دَردَ جي دُنيا جي حقيقت کي ڀُلائي،
هِڪَ خوابَ مان ٻيو خوابُ اُٿايو تہ اَچي ننڊ.

٥. پرديس ويو مُحبُ، مٿان چنڊُ کِڙيو آ،
اِن چنڊَ کي بادل سان ڍڪايو تہ اَچي نِنڊَ.

٦. اَڄُڪلهہ جي تہ لوليُن مان کو ٻوُٽو نہ ٻريو آ
کا شاهہ جي وائي ڪٿي ڳايو تہ اَچي نِنڊَ.

٧. ويو ڏينهن سڄو گذري، لکو رات جو ٿا شعرَ!
اُف، بس بہ ڪريو، لئمپ وسايو تہ اَچي نِنڊَ.

٨. سُر جي نڪو راڳن جي رکو ڄاڻ ٿا ’نِرمَلَ‘،
اَڌ رات جو پرڀاتي نہ ڳايو، تہ اَچي نِنڊَ.

# غزل

—— گل بهار باغائي منياڻي

سونهن ۾ سَرسي هئي ۽ سادگي موهي وئي،
پيار جي احساس جي سا دلڪشي موهي وئي.

مون ڇپن ۾ چاهہ پُٽڪي جيئَن ڏنو هن جي طرف،
خوبصورت مُرڪ ڪنهن جي من لڳي موهي وئي.

شام جو سِجُ هو لٿو ۽ منهن اَنڌيرو هو ٿيو،
پر منجهان گذري هئي ڪا ڇوڪري موهي ويئي.

مان سفر تان ڳوٺ ڏي ٿي، جيئن آيس رات جو،
اوچتو جو هوءَ سامهون ئي مِلي، موهي وئي.

دير ڪافي ٿي وئي آ، آءٌ هاڻي ٿي هلان،
شامَ جو توڏي ئي ايندس، ائين چئي موهي وئي.

☐ ☐

# غزل

— لڪشمڻ ڏُبي

هر قدم تي پٿرن سان ڪاچ کي ٽڪرائجي،
زهر پيئِجي پر نہ ڪنهن سان دِل اياڻي لائجي.

هيءَ اُداسي ۽ اَڪيلائي متان ماري وجهي،
چونہ دل جي بي وَسيءَ تي ياد هڪ چپڪائجي.

دل زماني ۾ لڳڻ جو ڪو سبب ڪونهي رهيو.
مَئِہ ڪشيءَ جي واٽ وٺجي يا پيو پڇتائجي.

روح جي آواز کي ماري دبائي هِنئَن جيئڻُ،
چونہ پو هرهڪ گهڙيءَ پيو سوچجي، گهبرائجي.

هِن زماني ۾ اَچڻُ معنيٰ فقط بيزاريون،
چونہ دوزخ کان بچڻ جو قسم يارو کائجي.

ديهہ ڏارڻُ، جيوَ جي آهي نِرالي بيوَسي،
آتما اُجريءَ کي پيو تو داغُ هرهر لائجي!

وقت کي بدلڻ اگر ممڪن نہ آهي ’لڪشمڻ‘،
سمجهداري آ تہ پنهنجو پاڻ کي بدلائجي.

□□

# غزل

ـــ عنايت سولنگي

عشق جي منزل اُهي ماڻي ويا
سِرُ ڏئي سوُليءَ چڙهي، گهاڻي ويا.

ڪُفرۃ اِسلامَ کي يڪ جاءِ ڪري
وقت تِن جي واٽ کي آڻي ويا.

ٻول ٻولي جي ٻُڌائيندا هُئا
سي پڪي اُڏري سَيئي هاڻي ويا.

ڇڏ ”عنايتَ“، ڇا ڪندين دُنيا ڀلا
ڏس فنا ٿي ريءُ سَڀُ ناڻي ويا.

◻ ◻

# غزل

—— هوتو ’سنڌوپياسي‘

منهنجي جيجل اَمان سِنڌ توکي چوان،
تنهنجي نالي ونڻ سان تو سُڌِکي پوان.
تون رهين خوب خوشين ۾ جهولين سدا،
پيو دعا مان خدا کان بہ اَهڙي گهُران.
تنهنجا ڏاهر جيئن، تنهنجا دودا جيئن،
تو لئہ جام شهادت مان هردم پيئان.
تنهنجي ڇاتيءَ تي غيرن کيا جي زخم،
تنهنجي ويرين جا سِر ئي پيو لُٽندو رهان.
تو جنم مون کي ڏيئي وڏو وڙ کيو،
ٿورا تنهنجا مڃان، جي نہ لاهي سگهان.
ريجُ رت جو ڏيان پاڳَ وارو ٿِيان،
وير وڙهندا رهن، سِر ڏين شانَ سان.
تنهنجا ٻچڙا اَسين، ساريون توکي سَدا،
تون ئي جڏ بن کي روشن کرين پئي اجان.
تنهنجي عظمت ۽ شهرت لئہ هردم جيئان،
تون وسين روح ۾، خواب تنهنجا لهان.
مان جيئان يا مران، سوُر تو لئہ سَهان،
تنهنجي قدمن مٿان سِرَ کي صدقو کريان.

☐☐

# غزل

— آسن واسواڻي ”مجبور“

هوُ اُڏامندا اَچن تا هِتي،
بم هوا مان جهٽ ڪرن تا هِتي.

رات جو گهر ۾ سُتَل جي هُئا،
لاشَ تن جا اَڄُ کڄن تا هِتي.

آهِ دونهي سان ڀريل هيءُ شهرُ،
آگ جا ڀنيٽ ٻرن تا هِتي!

چاڙ مذهب جي نہ جن کي ذري،
ڌرم ٻئي تي پر ڪِلن تا هِتي!

زندگي بخشي خدا آ جڏهن،
تعصبي مارِن مَرَن تا هِتي.

خوُف جو ’مجبور‘ ماحولُ آ،
حال ورلي ڪي سَلِن تا هِتي.

◻ ◻

# غزل

— ٽيڪچند مست

ساڳيا سوُر پُراڻا، يارَ !
ڳُڻتيون ۽ ڳاراڻا، يارَ !

هڏ هڻندي پيٽُ ڀُڪيو،
ڳهندي سڀ لِڱ ساڻا، يارَ !

پارٽ هڪ ۽ پرانت گهڻا،
سِياسَتَدان اَياڻا، يارَ !

جنگِ جي حيواني وَحشتَ
کُسجن کوُنڌر راڻا، يارَ !

ڪين وٽي تي ڌرتي اَڄُ،
ماڻهو چندَ اُڏاڻا، يارَ !

سنڌ کي سارِيندي چِلڪن،
پنهنجا نيڻ نِماڻا، يارَ !

روح کي راحت 'مست' ڏين،
سِنڌڙيءَ جا اوراڻا، يارَ !

□□

# غزل

— گووَرڌن شرما گهايل

ڪانہ ڪوشش ڪئي اَتس ڪائي،
جيت پو بہ نہ چڏي اَتس ڪائي.
ڪنهن جو فوٽو ڏِسي ڏِسي وينو،
ڳالهہ وسري وئي اَتس ڪائي.
هٿ ۾ تسبيح تو رکي هردم،
اهڙي غلطي ڪئي اَتس ڪائي.
هو سَزا لاءِ ڏاڍو تڙڦي پيو،
پر خطا ڪانہ ٿي اَتس ڪائي.
وينا واچِن مُهانڊا هڪ ٻئي جا،
ڳالهہ اهڙي چئي اَتس ڪائي.
وينو مُرڪي وري وري "گهايَل"
ليڪَ اُڀتي پئي اَتس ڪائي.

□□

# غزل

— پگوانَ 'نِردوش'

چا تہ فضا ۾ آهِ تناءُ !
نس نس ۾ آ گھرو گھاءُ !

نفرت جو ٻجُ وڻُ ٿي ويو،
پاءُ بہ کونہ رهيو آ پاءُ !

ڌرم مذهب بناوَت ساري،
تعصب جو سِر ۾ سؤداءُ !

جيوَن جو هر موڙ لڳي ٿو،
دهشت خطرو ۾ ڌهڪاءُ !

ٿِڙندي ڪِئَن من جي مُکڙي،
دل جي چمن ۾ خِزان جو واءُ !

وحشي وحشي نظر نظر آ،
چا تہ وَڌي ويو آ وِٽاءُ !

ڏُريوڌن جي چؤپڙ رانڌِ،
جيتيندا پک ڪوُڙو داءُ !

سرءُ نہ قائم آ ''نِردوشَ'' !
هوا ۾ ايندو نيٺ هٻاءُ !

□ □

# طنز

—— ڊاڪٽر روپڪُمار ''گهايل''

جيئَري منهنجو ڏنُ هڙپينداٰ،
پنهنجا نيتِ بہ پنهنجا ٿيندا !

لالچ وَس ٿي لاپ وَٺيندا،
پنهنجا نيتِ بہ پنهنجا ٿيندا !

شيوائون هوُ ڪڏهن نہ ڏيندا،
پنهنجا نيتِ بہ پنهنجا ٿيندا !

مون ڪان منهنجو ناءُ کسيندا،
پنهنجا نيتِ بہ پنهنجا ٿيندا !

ڏکَ ڏيئي مون سازي ايندا،
پنهنجا نيتِ بہ پنهنجا ٿيندا !

ٻارهي جو جسُ خوب لُٽيندا،
پنهنجا نيتِ بہ پنهنجا ٿيندا !

ٻارهي ڪان پو(ءِ) پُلجي ويندا،
پنهنجا نيتِ بہ پنهنجا ٿيندا !

# غزل

— ڪِشور پهوجا ’جيون‘

حقَ وٺڻ لئہ آ اَڄان جنگِ جوٽڻي
جاڳُ اِنسان! گهور نِنڊ مان، سَڌُ سُٽڻي.

۱. ديس ڊوهي اَڄُ بہ هِتِ آهن گهڻا،
ديس ڀڳتيءَ جي ضرورت آ گهڻي.

۲. ڀيدَ مذهب اڄُ بہ وڇهندو ٿو رهي،
ڪترپنٿي مُلڪ جو ڏسجي ڌڻي.

۳. عورتن جو مانُ اَڄُ ڀي ڪونہ آ،
فقط ڪا ڪا ڏسجي پئي شيرڻي.

۴. جنمُ ڀارت ۾ وٺڻ تي ڪر فخر،
ديس جي آهي اَمولڪ ڀِڻ ڀِٽي.

۵. جاڳُ اِنسانَ! نِنڊ نہ ايڏي آ چڱي،
پنهنجي قسمت پاڻ ’’جيوَنَ‘‘ ناهِٽي.

◻◻

# غزل

—— لڇمڻ چيلاڻي

تنهنجي خودغرض دنيا ۾ رهڻ جو فائدو ڇا آهي،
هِتي اِنسان جي دل ايتري ويران ڇو آهي؟

سڄيءَ دنيا جي ڪولاهل جي وچ ۾ تو رهان مان پيي،
مگر مون تي فقط سنسان جو اَحسان ڇو آهي؟

لڳل آهي منهنجي چؤطرف رونق زندگانيءَ جي،
مگر نظرن ۾ منهنجي فقط هڪ شمشان ڇو آهي؟

مِلڻُ آ مُرڪ جو مشڪل، ڇپن کي ڇو خبر ناهي،
اَکين جو اوچتو روئي پوَڻُ، آسان ڇو آهي؟

لڳي تي دِل ڌڙڪڻ، ڏسي ڪا روشني سامهون،
اُتي هڪ حادثو تي پوَڻ جو اِمڪانُ ڇو آهي؟

لڳي ٿو هيءَ سڄي دنيا ئي برپٽ جي نهيل آهي،
جتي اَهڙي زمين آهي، اُتي اِنسان ڇو آهي؟

□□

# غزل

—— لڇمڻ ڪُڪريجا 'مسافر'

هيءُ ماحول ۽ هيءُ جيئَڻُ هِتي
جيئَڻ کان گهڻو اَڳُ مرڻُ هِتي.

ٻپ ڳاڏڙ آ جيئَڻ ڪنهنجو بہ
عجب آسان جو زنده رهڻُ هِتي.

هر عمر ۾ دانهون ئي ٻُڌيون
ٻُڌندي دانهون ٻُڌو ٿِيَڻُ هِتي.

هاڻِ جيئَڻ جو اَنداز ڪهڙو،
هِن دنيا جو نِنڊو هڻَڻ هِتي.

پارٽي تهذيب سا آهي ڪِٿي،
اولهہ جي هوا جو لڳڻ هِتي.

هِن هوا کان بچاءُ تہ گهُرجي ئي
ڪڏهن هوا کان بہ نہ بچڻ هِتي.

مشڪل آهي، تمام مشڪل آ
شل جادو لڪڙيءَ جو گهُمڻ هِتي.

◻◻

مُڪت ڪوِتا

# لعنتي مَنُ منهنجو!

— ڪيرت ٻاٻاڻي

لکَ ايلاز ڪَيَم
لکَ مِنتون ڪَيَم
لکَ عرض ڪيَم
لکَ ڌمڪيون ڏِنم
لکَ لعنتون وڌم
پر ڪتي تو سُڌُري، لعنتي مَنُ منهنجو!

ڪيئي تِرڪاٽا پيتِيَم
ڪيئي مندِر پوُڄِيَم
ڪيئي مَٺَ گهُمِيُس
ڪيئي مڙهيون تَڪِيَم
ڪيئي تيرٿَ ڦِرِيُسِ
پر ڪتي تو سُڌُري، لعنتي مَنُ منهنجو!

ڪيترا پاٺ پڙهيَم
ڪيترا گرنٿَ واچيَم
ڪيترا وَچَنَ وَرتَم
ڪيترا شاستر پُڇيَم
پر ڪتي تو سُڌُري، لعنتي مَنُ منهنجو!
....لاڳيتي

کيترن سنتن کي ڏِٺُم
کيترن مهنتن کان پُڇيُم
کيترن ڏاهن کي ڏيکاريُم
کيترن مهاتمائُن سان مِليُس
پر ڪٿي تو سُڌُري، لعنتي من منهنجو!

کيترن فقيرن کان سَڳِڙا وَٺايَم
کيترن درويشن کان تعويز نهرايَم
کيترا ياشڻ ٻُڌم
کيترا وِرتَ رکيَم
پر ڪٿي تو سُڌري، لعنتي مَنُ منهنجو!

کيتريون سِمَرٽيون سوريَم
کيتريون پيوُتِيون مَليَم
کيترا تِلڪَ لڳايَم
کيترا پاٺي پڙهايَم
کيترا ڏوُپَ-واسَ کيَم
پر ڪٿي تو سُڌري، لعنتي مَنُ منهنجو!

گهٽو لجائڻ تي
گهٽو شرمائڻ تي
اَگر ڪڏهن مجي به وڃي
ته به اَکِ چنيَ ۾
پڙکو ڏيئي اُڏاميو وڃي

.... لاڳيتي

چل-ول بلبل جيان
وَڃي وَڻ جي چوٽيءَ تي وِهي
يا باز وانگر وڃي اَننت آڪاس جا لامارا ڏئي
يا سَهي وانگر وڃي ٻڙ ۾ لڪي وهي
يا اُلوءَ وانگر وڃي وڻ جي ڏار ۾ وهي
۽ ٻوُٽَ ناهي
پيو مون کي چيڙائي!
ڪٿي تو سُڌري، لعنتي مَنُ منهنجو!

نِرلڄو ڪنهن جاءِ جو!
ساڳيا لاتون، ساڳيا ڇُڱهَ
اُهي ئي مَنَ-مانيون ڪري
اُهي ئي بي-شرمايون ڪري
اُهي ئي لُچايون ڪري
اُهي ئي لفنگايون ڪري
اُهي ئي شرارتون ڪري
ڪٿي تو سُڌري، لعنتي مَنُ منهنجو!

ڪنهن جي ٽوپي تو لاهي
ڪنهن جي ڌوتي تو ڇڪي
ڪنهن جي چوٽي تو پٽي
ڪنهن جي مُڇ تو مَڙوٽي
ڪنهن کي ننگو تو هٽي
ڪنهن تي اَڪرن جا تيرَ تو اُڇلائي
ڪٿي تو سُڌري، لعنتي مَنُ منهنجو!
.... لاڳيتي

کيڏو نہ ڪُڌو آهي نامُراد مَنُ منهنجو!
ڪنهن کي سَتائي ٿو
ڪنهن کي رِڻ ۾ رُلائي ٿو
ڪنهن کي مُنجهائي ٿو
ڪنهن کي پِتڪائي ٿو
ڪنهن جو سِرُ چَڪرائي ٿو
پر ڪٿي ٿو سُڌري، لعنتي مَنُ منهنجو!

ڪيرُ ٿو چَوي : مون منُ جيتيو آهي
مَنَ کي مطيع بڻايو آهي؟
هوُ ڪوُڙي دعويٰ ٿو ڪري
سَڪِڙو اعلان ٿو ڪري
ڪوڪلو هوڪو ٿو ڏئي
پاڻ کي دوکو ٿو ڏئي
فتح جو نَغارو وڃائي ٿو
پر اَندر ئي اَندر وِيڪَ جون مارون کائي ٿو
پر ڪٿي ٿو سُڌري، لعنتي مَنُ منهنجو!

هٿن مان کِسڪِيو ٿو وڃي
پيرَنِ تان گِسڪِيو ٿو وڃي
وَچَنن مان ٿِرڪِيو ٿو وڃي
ڪوڙڪي مان ٽپيو ٿو وڃي
قندي مان ڦِرڪيو ٿو وڃي
ڪٿي ٿو سُڌري، لعنتي مَنُ منهنجو!

.... لاڳيتي

منهنجو مَنُ مَکنو هاٿي
بي-لغام مستُ گهوڙو
منهنجو مَنُ مؤجي، ڇُڙوا ڳُ
دِل جي تختن جو مهمانُ
منهنجي شخصيت جو اَنسُ
منهنجي اَستِتوَ جو اَنگُ
مَنُ تہ نيٺِ منهنجو آهي
مان ئي تہ آهيان منهنجو مَنُ
منهنجو مَنُ، منهنجو بَلُ
منهنجو لعنَتي مَنُ،
ڏاڍو پيارو مَنُ!

◸◸

# ٻه نرائيل

— ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي

## جيڪر اِهي جنگيون غير-قانوني بڻجن

جيڪر اِهي جنگيون غير-قانوني بڻجن،
نہ تہ پلا ڪلا، ساهت جو ڪِئَن وڪاس ٿيندو؟
مُڇُن تي ريهہ اَچين، جوانَ مارايا وڃن!
جيڪر اِهي جنگيون غير-قانوني بڻجن!

شخص هِٽلر ٿين ۽ مُلڪ ناناشاهہ هُجن؟
نيٺ پوڳ ڇڏي، تياڳ جوئي پرڪاشُ ٿيندو!
جيڪر اِهي جنگيون غير-قانوني بڻجن!
نہ تہ پلا ڪلا، ساهت جو ڪِئَن وڪاس ٿيندو؟

## ٢. پنهنجي ڪي پانئبو، پيا متا پيي وٽندا

پنهنجي ڪي پانئبو، پيا متا پيي وٽندا،
سيني متن جا اِهي ساڳيا اُصول آهن.
عيد ۽ وڏي ڏينهن تي تُحفا پيي وٽندا،
پنهنجي ڪي پانئبو، پيا متا پيي وٽندا.

ٻين جي اُصولن ساڻُ پنهنجا پيي وٽندا،
مِڙني پنٿن جا اِهي اُصول قبول آهن.
پنهنجي ڪي پانئبو، پيا متا پيي وٽندا،
سيني متن جا اِهي ساڳيا اُصول آهن.

⧠ ⧠

# برلن جي ديوار

— جهمون ڇُڳاڻي

برلن جي ديوار ٽٽڻ سان
پٽيو دنيا راحت جو ساهُ
هِند سِندُ جا ناتا سُڌِرن
ٿِئي ٻنهي ۾ اَهڙو ناهُ.
گنگا جمُنا سِندو سَرسوَتي،
چوَندي آهي منهنجي ماءُ
گنگا آهي اَمرت اَمرتُ
ليڪِن سِندوءَ ۾ تسِ ساهُ.
پانُ کائڻ لاءِ سِکي سِندُ تي
پان مِلن هِتِ هِندُ ۾ جامِ،
پانَ موکلي ڇونہ سِند ۾
کائون پستا ۽ بادام!
سِند جا سنڌي سِندُ ۾ کائين
چانوَرَ باسمَتي دُبراج،
منهنجيءَ اَمڙ کي اَڄُ ٻي آهي
سُڳداسيُن تي ساڳيو ناز.
دم دم دمَ جي وجي کا نؤبتَ
آسَ پُڄائيج لعل شهباز
هِندُ جا سِنڌي سِندُ گهُمن،
گونجي ايکي جو آوازُ.

مُکت ڪوِتا

# روڪيان ڪيئَن

— ريتا شهاڻي

ايندڙ پَل ۽ ويندڙ پَل جي هر حرڪت کي روڪيان ڪيئَن؟
ڏيئي قدرت ڪسيِ جواني، اِن حرڪت کي روڪيان ڪيئَن؟

روز صبح هِتِ ٿئي پؤڦتي، روز ٿِئي ٿو ڏينهن ۽ راتِ،
سِجَ ۽ چنڊ جي اَچڻ وَڃڻ جي، اِن فِطرت کي روڪيان ڪيئَن؟

جنم وٺي ٿو ماڻهو ڇا لئہ، اَنت ۾ نيٺِ تہ مَرِڻو آ،
جمَڻ-مَرَڻ جي اَروڪ چڪرَ جيِ اِن قدرت کي روڪيان ڪيئَن؟

ماڻهو اَهڙو بُرو تہ ناهي، تسِ خوبيون پڻ ڳڻڻ سمان،
آپي ۾ اَچي ڪري ٿو مان-مان، اِن لعنت کي روڪيان ڪيئَن؟

خودغرضيءَ جو مَرضُ لڳو جي، مِنَ-مُحبتَ ٿي وڃي فَنا
مَڏُر ڀاوَ کي ڀسم ڪري جا،اُن نفرت کي روڪيان ڪيئَن؟

پنهنجي-پنهنجي سمجهہ هر هِڪ جي، پَر-پيڙا جيِ ڇا لئہ پرواهہ
ڀاوَ بِنا انسانُ بڻيو جي، اُن غُربتَ کي روڪيان ڪيئَن؟

جيسين مُفلِس مِسڪينُ آهي، ماڻهو تيسين نيڪ شريف!
زرَ ۽ زورَ تي ضمير وڪڻي، اِن عادَتَ کي روڪيان ڪيئَن؟

# پهچاڻ

— مهيش نيواڻي

شينهن جي پهچاڻ
مُڇُنِ سان ڪونہ ٿيندي آهي
ڪيش سان ڪونہ ٿيندي آهي
ٻيهڪَ سان ڪونہ ٿيندي آهي
گجگوڙ سان ڪونہ ٿيندي آهي
ڊوڙ سان ڪونہ ٿيندي آهي
چنبن سان ڪونہ ٿيندي آهي
ڏندن سان ڪونہ ٿيندي آهي
مؤت سان ٿيندي آهي !

☐☐

# نظم

— پهلاجراءِ ’مسافر‘

نہ گرجا گردواري کي الڳ سمجهي نہ مسجد کي
وڃي ٻاپوهہ مان جيڪا، تي پيرن ڏي فقيرن ڏي
غريبن ۽ اَميرن لئہ سَدائين هِڪَ ڪري آهي
ڪارو بدن سندس آ، پر لڳي تي ڪا پري آهي
ڪري تر تن بدن کي؛ تي خوشبو خوب ڦهلائي
ٻُڌايو اِنَ محبت مڌ پريءَ جو نانءُ ڇا آهي؟

نہ هِندو آ نہ مومن آ، نہ سک آهي نہ عيسائي
سين لئہ مينهن اُلفت جا، وسائي جڻ آ هرجائي
اَمن سنديش ڦهلائي، نِماڻي مؤرتي آهي
سلوڪت سک سچي سپ سان، سين کي هڪ سمان ڀانئي
وطن جي لئہ محبت جو ٻٽي جذبو، تي جاڳائي
ٻُڌايو اِنَ محبت مڌ پريءَ جو نانءُ ڇا آهي؟

مسافر چوڄ مان تنهن کي، پُڪاري تو اَگربتي
سندس نالو اِهو آهي، اِهو آهي، اِهو آهي.

⊠ ⊠

# منهنجي سنڌ، منهنجي سنڌ

— آنند کيماڻي

منهنجا ڪي لِڪاڙ دوست آهن. اَچي منهنجي ريسٽارنٽ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ وهندا آهن ۽ چانهه جي هڪ پيالي تي بحثن جا انبار لڳائيندا آهن. ننڍي وڏي ڳالهه تي اٽِڪي پوَندا آهن ۽ زور-زور سان هڪ ٻئي تي تهمتون چسپان ڪندا آهن. گهڻيئي دفعا هنن کي درخواست ڪئي اَٿم ته ٻيلي منهنجي دَنڌي کي چؤپٽ نه ڪيو. ڪين چوندو آهيان، چانهيون پيو، بسڪوٽ کائو، گڏو گڏ ڍهه-ڍهه رُپيا وٺي وڃو، پر هِتِ گوڙگنبوڙ نه ڪيو. پر نِنر ٻارن وانگر هُنن جي ساڳي رَوِش هلندي اَچي.

ڪافي سال اَڳ، پاڪستان مان هڪ سنڌي ليکڪُ دهليءَ ۾ آيو هو. سندس مُلاقاتون ۽ شاعريءَ جا دؤر، منهنجن لِڪاڙ دوستن سان ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي ٿيندا رهيا. هڪ اَهڙي مجلس ۾ مان به وڃي پهتو هوس، پنهنجي هڪ يار جي اِستِدعا تي. مون سان واقفيت ڪرائي هڪ دوستَ : 'هيءُ اَسان جو سنڌي شاعر ياءُ اَحمد نوراني ۽ هيءُ اَسان جو سنو پانڪ بچومل دولتاڻي.

پڇيومانس : اَوهان پاڪستانَ مان آيا آهيو؟

چيائين : نه، مان سِنڌ مان آيو آهيان.

مان حيرت شُده ٿي ويُس. سِنڌ جو مُسلمان پاڻ کي پاڪستاني چَوَڻ کان ڪيٻائي ٿو! ڇا ته خوبصورت وطن دوستي آهي!

مجلِس هلندي، نوُراني صاحب پنهنجيءَ ڳوٺڙيءَ مان اَجرڪ ڪڍي ۽ اَسان جي هڪ هردِل لذيز دوست نَريندر ياڳيا کي پاتائين. نَريندر ياڳيا جذبات ۾ پرجي ويو ۽ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو، مؤتن تي ياڙي تي وَرتل سياپا ڪندڙ عورتن وانگر. ٻيا دوست به اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳا – ڇي : هيءَ اَسان جي مِٽي سنڌ جي سوکڙي آهي ۽ اِها اَسان جي آتما آهي. مان ليکڪ دوستن جي زندگيءَ جي گرامر کي اَڃُ سؤڏو سمجهي ڪونه سگهيو آهيان ۽ طئه ڪري نه سگهيُس ته اِهو رودن واقعي سنڌ-پريم جي لهر هئو يا ڏيک جي ڏارا . بهرحال، مونکي نوراني صاحب جي جوابَ ۾ ته هوُ سنڌي هئو، ۽ نه پاڪستاني، ڪافي صداقت محسوس ٿي.

محفل ۾ ماحول جلد ئي غير- نميءَ وارو ٿي ويو. دوها، غزل، گيت، نظم، نَمڪين ۽ شراب جا پيگ، گڏوگڏ وڏا ٺهڪَ ۽ هڪ ٻئي کي 'ڄٽ' ۽ 'واڻيا' سان مخاطِب ڪرڻ جو سلسلو.

مان ڏنڌئي ماٺهو. هر چيز کي پئسن جي تارازيءَ ۾ توريندڙُ، اِن قِسم جي محفلن جي ايڪانامِڪس کي سمجهي نه سگهيُس.

پر منهنجي اَندر ۾ هڪ ڪنڊ لاءِ هڪ تيلي ٻري هئي. مون کي پنهنجي وڏي اَمان جي يادَ اَچي ويئي هئي. منهنجو سَرڳواسي بابو، پنهنجيءَ ماءُ کي خُدا ڪري سڏيندو هو. اَسين جڏهن ننڍا هئاسين، ته وڏي اَمان کان پڇندا هئاسين : وڏي اَمان، بابو توکي 'خدا' ڇوٿو چوي؟ چوندي هئي، اُوهان جو بابو چريو آهي، هُن جو خُدا ۾ وشواس نه آهي، اِن ڪري هُن

جي بي-عزتي ٿو ڪري. بابو چوندو هو : پڳوان مون ڏنو ڪونهي ۽ اَمان ئي منهنجو پرماتما آهي. ۽ وڏي اَمان ڪان بہ وڏي اَمان - ڌرتي يعني پنهنجو مُلڪُ، اُنجو درجو تہ خُدا ڪان بہ وڏيڪ آهي. مون اسڪولي ٻار وانگر سوچڻ شروع ڪيو، جنهن ڪي ڪتابن ۽ ٽوٽڪن ذريعي وطن حُب جي ماڪي، موقعي بي-موقعي چٽائي ويندي آهي.

مون لاءِ سِنڌ جي ياترا هڪُ اُڦرڪائيندڙ خواب بڻجي پيئي. آخر اِهي لڪاڙ دوست مون کي ڪم آيا ۽ لڳو منهنجيءَ ريسٽارنٽ ۾، سالن جا سال جيڪي مُفت جا مال ڪاڏا هُئائون، سي وصولجي رهيا هُئا. پاڪستانَ ۾ رسُوخ پيدا ڪيل هونِ. ڪين پيپون نينڊون ملنديون هيون ۽ پيا اُتي ويندا هُئا ۽ اُتان جون جذبات-ڦوڙ ڪهاڻيون ٻڌائيندا هُئا. ۽ اَهڙيءَ هِڪَ ياترا لاءِ منهنجي لاءِ بہ نيند ڪڍائي آيا. رسوخ اُنهن جو ۽ پيسو منهنجو. منهنجيءَ ياترا لاءِ تہ هُنن جي سفر لاءِ بہ. زندگيءَ جي هر ڪم لاءِ رسوخ ۽ پيسي جو مِڪسچرُ هِڪُ ناياب نُسخو آهي. ۽ مان سيٺ بچومل - Dream Day ريسٽارنٽ جو پروپرائيٽرُ - هاڻِ ليکڪن سان گڏ، اَدبي ڪانفرنس ۾ ڀرو وٺڻ لاءِ، سِنڌ جي ياترا تي وڃي رهيو آهيان. ڇا تہ گِراوَٽَ آهي، اَدبي ڪانفرنس جي معيار جي!

منهنجا حرامخور لڪاڙ دوستَ، جيڪي عمر ۾ منهنجيءَ ڇيڇ جيڏا بہ نہ آهن، مون کي 'بچو' ڪري سڏيندا آهن. پر مان اِها بي-عزتي محض اِن ڪري سهندو آهيان، جو ليکڪن جا گپوڙا، مون کي ڪنهن ڪمسِن سان هم-آغوشيءَ جو سُکُ ڏيئي ويندا آهن. دوستن مون کي هڪ سؤ-ڏهہ دفعا سمجهايو هو تہ مان پنهنجو مُنهن گهٽ ۾ گهٽ کوليان، ورنہ منهنجي اديب نہ هُئڻ جو پول کلي پوندو ۽ پاڻ بدنام ٿي ويندا !

شاهُہ، سامي سچلُ
اي ِ پڻ سُنو عملُ
پر شاعري ڪا چيز ٻي
جنهن سان ٿئي خللُ.

مائيڪ تان مونکي زبردستيءَ پري هٽايو ويو. لڳ ڀڳ وڳوڙ جو سمو پرجي آيو. جيڪي شاعر صدين کان عظيم ۽ سَنَدي ليکيا ويندا هئا، اُنهن تي اِها تهمت ته شاعري ڪا چيز ئي ٻي آهي!

هوٽل ۾ اَچي منهنجي دوستن مون تي گاريُن جو ڏوڙيو وسايو. چوڻ لڳا: هِتِ شاهه جي ڪلام جو قران شريف جي آيتن جي برابر درجو آهي. تون ته پاڻ سان گڏ اسان کي به اَريسٽ (arrest) ڪرائيندين. وڏيڪ چوڻ لڳا: اَسين توکي ڪٿي به وني نه ويندا سين. تون هوٽل ۾ ئي رهِجِ، يا وڃي گهُمِجِ ڦِرج.

مون کي اِها رِت ڪافي نيڪ لڳي. مون اِچا ظاهِر ڪئي ته موري ۾ پنهنجو اَباڻو گهرُ ڏِسي اَچان.

ڪَڏ جي هِڪ پاسي اَسان جو گهر هئو ۽ ڪَڏ جي ٻئي پاسي سرڪاري اِسڪول هوندو هئو. ڪڏ جي ٺئين پاسي نانگن جو ٽِڪاڻو هوندو هو.

پاڪستان ٺهڻ بعد، ۽ هندستان اَچڻ کان اڳُ، بابي اِهو گهرُ پنهنجي دوست گُل محمد کي لکي ڏنو هو، هڪ شرط تي ته وڏي اَمان جي ڪمري ۾ ڪا به ڦير-ڦار نه ڪندو ۽ اُن کي اسان جي لاءِ تيرٿ ياترا طور قائم رکندو.

گل محمد جي مؤت بعد، سندس فرزند شهريارَ پڻ اِن واعدي سان نِباهُہ ڪيو آهي. اُتان جي سرڪار جي اِجازت سان، سادنڪيڙن ۾ هِڪَ سي.آءِ.ڊي اَفسر ۽ هڪ ٻئي بزرگ سان گڏ، مان پنهنجي مڪانَ ۾ اچان ٿو. شهريارَ سان واقفيت ڪرائي ٿو اُهو بزرگُ. منهنجي ۽ شهريارَ جي، ٻنهي جي اکيُن

۾، خود ساخته آنسو تري ٿا اَچن. وڏي امان جي ڪمري تي لڳل قلف لهڻ کان اڳُ ئي، مان جهُڪي ڪمري جي چانئٺ تي پنهنجو سِرُ جهُڪائي جهوُنگاريان ٿو : وڏي اَمان ! وڏي اَمان!

ڪمري اَندر گهِڙندي ئي هزارين يادون طوفاني اِسپيڊ سان دماغ ۾ لهن-چڙهن ٿيون. وڏي اَمان پنهنجو نڪُ رومال سان نه پر پنهنجي رَئي يا جبلي سان اُگهندي هئي. ۽ جڏهن نڪ جو پاڻي گهاٽو هوندو هوس، ته هٿ سان سُٽڪي پِٽِ تي چنبڙائي ڇڏيندي هئي.

اَڄُ به وڏي اَمان جي ڪمري جي ديوارن تي، سندس گوبا، جديد پينٽنگس وانگر، الڳ الڳ شڪلِيُن ۾، اَڌ-چنبڙيل اَڌ-لٽڪي آيل روپ ۾، نظر پيا اَچن.

منهنجي ذهن ۾ هڪُ خيالُ ٿو اُڀري. شهريار کي مِنٿَ ٿو ڪريان ــ اَدا! ڪا صاف خالي بوتل ڏي ۽ جي ٿورڙي شراب جو بندوبستُ ٿي سگهي، ته ڪر.

شهريار کي سندس والدَ اَسان جي ڪٽنبن جي گهاٽي دوستيءَ کان واقِف ڪري ويو هو. اِن ڪري هُن اَلائي ڪٿان اُن اَفسر ۽ بزرگ جي مؤجودگيءَ ۾، ۽ پاڪستان ۾ عام طرح شراب تي بندِش جي باوجوُد، هڪ خالي صاف شيشيءَ ۾ ڪجهه شراب هٿِ ڪيو ۽ منهنجي حوالي ڪيو. مون وڏي اَمان جي گوبن واريُن پِتِيُن جي چاپوڙن کي لاهي، پوري بوتل ۾، شراب ۾ وجهي ڇڏيو ۽ اِئين هڪ امرتُ تيار ڪيو.

دهليءَ واپس اَچي، مون پنهنجي گهر هڪ محفل رکي ۽ دوستن، واقِفڪارن کي نيند ڏني. گيت، سنگيت، شاعري، چُٽڪُلا ڪاڏي-پيتي بعد سيني کي اُن بوتل مان ٿورو-ٿورو چرنامرت ڏنو. سِنڌ جي ان اَمرت کي سيني وڏي احترام سان پيتو ۽ شُڪر گذاريءَ طور مون ڏانهن نَم اَکيُن سان نِهاريو، گويا مون

ڪين بهِشتي جام سان نوازيو هو. ماحول ۾ جذبات اينتري طاري هئي، جو مون پنهنجي سِنڌ ياترا جا تفصيل ڏيندي ڏيندي، اِهو بنهه صاف ڪري چڏيو هو تہ هيءُ اَمرتُ منهنجيءَ وڏيءَ اَمان جي گوبن وارين ديوارين جي سيڙهيءَ جي چاپوڙن ۾ شراب جو اَڌَ-ٻُڏو، اَڌَ-ڏِنو، مِڪسچَرُ هو، جنهن جي پيئَڻَ لاءِ جيڪر ديوتائون بہ رشڪ ڪن، تہ بہ ڪنهن بہ اِن ڪي پيئَڻَ کان اِنڪار نہ ڪيو ۽ نہ ڪنهن پيئَڻَ بعد ڪو اُبتو ڏنو! هڪ لائين وارو سنگيت، جنهن ۾ اَنيڪ لاهہَ-چاڙهہَ هُئا، اِستيرِيو تي آن ڪري، چئن سالن جي منهنجي ننڍي پوٽيِ، پنهنجن اَبهم پيرن ِتي رقص ڪري رهي هئي ۽ ”منهنجي سنڌ - منهنجي سنڌ - منهنجي سنڌ“ وارو هِڪَ سِتو گيتُ سڀُ مهمان جهونگاريندي، پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿي رهيا هئا.

# جِبون پيڙا

— پرم ابيچنداڻي

مون چيو،''نه، اِئين به نه آهي، ڪوِيتا. هوءَ مغرور نه هئي. صرف پنهنجن وِيچارن انوسار هلندي هئي. ياوناٿن ڪان به وانجهيل نه هئي.''

''هون......'' منهنجي ياچائيءَ ڪوِيتا مختصر ۾ جواب ڏنو.

مون چيو،'' جذباتي هوندي به هن کي ڪي آدرش هئا. هن کي پاڻ ۾ وشواسُ هو.''

'' وشواس کي اَٽل رهڻ لاءِ سهارو کپي. جڏهن سهارو ٽٽي پوندو آهي تڏهن وشواسُ به ڊهي پوندو آهي.''

''اِهو ته مون کي ڏسڻو آهي.''

''پر تون ڪيئن ٿي چوين ته هوءَ اچا هتي آهي. ٿي سگهي ٿو ته دهلي ڇڏي ويئي هجي.''

'' ڪيڏانهن ويندي. هينئر ته ٻارن ٻچن واري هوندي. هن جي آخرين چٺي پندرهن سال اَڳُ ممبئيءَ ۾ آئي هئي، لکيو هئائين:'' ڪاليج ۾ ليڪچرار جي نوڪري ملي رهي آهي؛ شايد قبول ڪريان.''

اَسين ڪجهه وقت ماٺ ۾ رهيونسين - پنهنجي پنهنجي

سوچ ۾ غلطان. ڪوينا سانت پڇندي چيو، ”اَڇڻ ڪان اَڳ تو ڪيسِ لکيو هوندو؟“

”ها بہ هفتا اَڳ، پر جواب نہ ڏنائين. ڪجهہ سال اڳ بہ ٽي چنيون لکيون هيم، پر اُنهن جو بہ جواب ندارد.“

”تہ پوءِ لڳي ٿو تہ هوءَ هاڻي هِتي نہ رهندي آهي.“

”پر پوءِ جاچ ڪرڻ ۾ ڪهڙو هرجُ آهي.“ مون وار لسارِيندي چيو. جواب ۾ ڪوينا فقط ڪنڌ لوڏايو ۽ پوءِ سانت رهي.

....... ....... .......

مون ڪمپائونڊ جي گيٽ جي پاسي ۾ لڳل گهنٽيءَ جو بٽڻ دٻايو. سنڄها جو ميرانجهڙو طاري ٿيندو ٿي ويو. هِڪ چڙهيل عمر واري اِستري اندران نڪتي ۽ اَچي گيٽ کوليائين ۽ پوءِ مون تي سوالي نگاهون وجهندي منهنجي ويجهو آئي. ڪجهہ ساعتون منهنجو مرڪندڙ چهرو تڪڻ کان پوءِ مونکي پنهنجين ٻانهن ۾ وڪوڙي ڇڏيائين. سندس مکہ مان آواز نڪتو، ”رنجنا .... ....“

مون پاڻ کي ڪاويريءَ جي گرفت مان آزاد ڪيو ۽ چيم، ”تو ڪڏهن پنهنجي صورت آرسيءَ ۾ ڏٺي آهي؟ وارن جو ڳچُ حصو اَڇو، منهن ۾ گهُنج ۽ ڳلن ۾ کڏون. تنهنجي چهري جي سرخي ڪيڏانهن غائب ٿي ويئي؟ اَکين جو نوُر بہ کوهي ويٺي آهِين تلهن شيشن واري عينڪ کڻي پاتي اَٿيئي.“

ڪاويريءَ جي چپن تي مرڪ ڦهلجي ويئي - ڦڪي مرڪ. چيائين، ”ڪڏهن آئي آهِين؟ ڪٿي لٿي آهِين؟“

”ڪالهہ. منهنجو ننڍو ڀاءُ راجن هاڻي هتي دهليءَ ۾ ئي رهندو آهي.

ڪاويري منهنجو هٿ پڪڙي اَندر وٺي هلي ۽ مون کي ڪوچ تي وهاري پاڻ بہ منهنجي پاسي ۾ ويهي رهي. پاڀوهہ مان چيائين : ٻُڌ رنجوُ، اڄُ مان توکي گهر وڃڻ نہ ڏينديس. رات هتي ئي ٽِڪنديءَ. دل کولي ڳالهيون ڪبيون.

ٺمان ڪجهہ پل ٻُڌ تر ۾ پئجي ويَس. هن وري چيو : ”مان راڄن کي ٽيليفون ڪري ٿي چڏيان.“

ايتري ۾ اَندران آواز آيو : ”ڪاويِ! ڪيرُ آهي؟“

”رنجو آهي، اَمان!“ هوءَ اُٿي بيٺي ۽ چيائين : ”هل تہ توکي اَمان سان مِلايان.“

••••••• ••••••• •••••••

آڪٽوبر جي شروعات هئي. هلڪي وٽندڙ ٿڌاڻِ آهستي آهستي ڦهلجي رهي هئي. اَسين ڊنر ڪائي، ٻاهر گاهہ تي پيل ڪُرسين تي ويٺيون هيونسين. ڪجهہ دير ڳالهائڻ کان پوءِ، ڪافي ناهڻ لاءِ ڪاويري اُٿي اَندر ويئي ۽ مان اڪيلي سندس باري ۾ سوچيندي رهيَس. جنهن ڪاويريءَ کي مان سُڃاڻندي هيَس، سا ڪهڙي نہ سُندر هئي ــ بيباڪ ۽ نِڊر. اَڄُ هوءَ پنهنجي سُندرتا ڪوهي چُڪي آهي ۽ سو بہ ڪيتري نہ ٿوري عرصي اَندر! پندرهن سال ــ پندرهن سال ڪو ايترو لنبو عرصو تہ ناهي. پندرهن سالن ۾ اِنسان جسماني طور ايترو بدلجي سگهي ٿو؟ پندرهن سالن ۾ سندس زندگيءَ ۾ اَهڙو ڪو طوفان آيو هوندو، جنهن ڪيس ٻُڏيِ ٻٽائي ڇڏيو آهي ــ سانت ئي سانتِ، ڪوهيَل، مُنجهيَل ۽ هيٺي! سندس اُها بيباڪي، اُها بُردباريُ ۽ اُهو وشواس ڪيڏانهن غائب ٿي ويو. ڪاويري ..... ڪاويءَ .... زندگيءَ جا پنج سال منهنجو ساٿُ ڏنو هو. ڪڏهن ڪجهہ بہ ڪرٽو هوندو هو، تہ ساڻس صلاح ڪندي هيس. ڪڏهن بہ ڪنهن مونجهاري ۾ هوندي هيس تہ وٽِس ويندي هيس. هن وٽ منهنجي هر

سگهنديءَ. سڀ ڪجهه وسري وِيُئِہ ڇا؟

”شاديءَ تي!“ ڪاويري وائڙن وانگر مون ڏانهن نهارڻ لڳي.

مان سمُجهي ويس. ڇيُم: ”ڏهه سال ڪن ٿيا جو مون شادي ڪئي. شاديءَ ڪان پوءِ ڪلڪتي ۾ رهندي آهيان.“

پندرهن سالن ۾ ڪيترو نہ بدلجي ويئي آهين! خوش آهين، ٿ توکي خوش ڏِسي، مون کي خوشي ٿي رهي آهي.“

”ٿ تون ٻڌاءِ. عرصي ڪان پوءِ توسان گڏي آهيان ٿ تو ۾ ايتري تبديل ڏِسي، حيران ٿي ويئي آهيان. ٻڌاءِ، آخر ڇا ٿيو؟“

”ڪجهه بہ تہ نہ ٿيو آهي. عمر سارؤ سَرير ۾ تبديلي اَچڻُ قدرتي آهي.“

”ڪجهه بہ نہ ٿيو آهي! تنهنجي سُندرتا ڪيڏانهن ويئي؟ اُهو ساهس، اُها نِڊرتا ڪٿي آهي؟“

ڪاويري سانتِ رهي.

”ٻڌاءِ نہ.“ مون ڏُهرايو.

”ڪجهه بہ نہ ٿيو آهي. مان نيڪ آهيان.“

”مَنَ طور توڙي تَنَ طور؟“

”ڇيُم نہ تہ جسماني تبديلي قدرتي نيم آهي.“

”تون پاڻ کي ٺڳي رهي آهين. توکي ياد آهي تہ تون چوَندي هُئينءَ تہ زندگيءَ ۾ اِنسان لاءِ پاڻ سان سچو رهڻ ڪافي آهي.“

”ها، اِئين آهي.“

”پوءِ؟“

”پوءِ ڇا؟“

”ٻڌاءِ نہ، تہ ڇا ٿيو؟ ڪنهن تنهنجي زندگي نيرَس بڻائي ڇڏي؟“

مان هُن کي پنهنجي زندگيءَ جو راز ٻڌائڻ لاءِ سوڙهو گهُٽي رهي هيس ۽ هوءَ ٽارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. في الحال، هوءَ چُپ رهي. ڪجهه پَلن کان پوءِ چيائين: ”مان پاڻ سان سچي رهي آهيان.“

مون چيو: ”پاڻ سان نه، آدرش سان. تنهنجا ڪوڙا آدرش!“

”مان پاڻ سان سچي رهي آهيان.“ هن وري چيو.

”ايترو ڪجهه چوڻ ڪافي نه آهي. ٻڌاءِ ته ڪيئن؟ توکي ٻڌائڻو ئي پوندو.“

هوءَ وري سانت ۾ ٻڏي ويئي. شايد ساهس سندس ساٿُ نٿي ڏنو. اُها ڪاويري مري چُڪي هئي، جنهن کي مان چاڻندي-سُڃاڻندي هيس. مون چنڊ جي هلڪي روشنيءَ ۾ هن جي ڏنڌِليَل چهري ۾ اکيون کُپائي ڇڏيون. هوءَ سوچي رهي هئي ۽ مون کيس سوچڻ ڏنو. ڪجهه وقت کان پوءِ سندس سوچ جو سلسلو ٽِڪيندي چيم: ”ٻُڌ، ڪاويري! جيڪي ڪجهه ٿيو آهي، سو توکي اڄُ ٻُڌائڻو ئي پوندو.“

ڪاويريءَ جي جسم ۾ چرپُر آئي. هن هٿ ڊگهيڙي ٿرماس کنيو ۽ پوءِ پيالن ۾ ڪافي اوتي. هڪ ڪوپ منهنجي طرف وڌائيندي چيائين: ”رَنجَنا! ٻيو ڪجهه به نه ٿيو آهي. صرف اَنڌيءَ تقدير مون سان اَنڌير ڪيو آهي.“

”سو ڪيئن؟“

”اِن ۾ ڏوهه به منهنجو آهي.“

”پر به ڪيئن؟“

”ڪافي پيئُ. مان توکي سربستي ڳالهه ٿي ٻڌايان.“

۽ هُن ڪافي پيئڻ شروع ڪئي. ڪافي پي، ڪوپ ٽيبل تي رکڻ کان پوءِ چيائين: ”توکي اِها ته سُڌِ آهي ته منهنجو پيءُ ڪَسٽمس ۾ آفيسر هو. پندرهن سال اڳُ سندس بدلي

ڍهليءَ ۾ ٿي هئي. اَسان ٻہ مهِنا مسواڙي جاءِ ۾ رهياسين ۽ اُن کان پوءِ هيءَ جاءِ خريد ڪئيسين. ٿورن ڏينهن کان پوءِ دادا جي ملاقات پنهنجي هڪ پراڻي مِتر سان ٿي. هوُ اَسان جي گهر اَچڻ-وڃڻ لڳو ۽ هڪ ڏينهن پنهنجي پُٽ لاءِ دادا کان منهنجي ٻانهن گهريائين. ڇوڪري جي باري ۾ پُڇا ڳاڇا ڪرڻ کان پوءِ، دادا مون کي چيو، ”ڏيءَ، گَٽيش سُٺو ڇوڪرو ٿو لڳي. سُٺي عهدي تي آهي، پر سائِي وقت سُٺو آرٽِسٽ بہ آهي. سندس چترن جون بہ نمائشون بہ ٿي چُڪيون آهن.“

”پر مان هُن کي ڏسڻ کان سواءِ ”ها“ يا ”نہ“ ڪئن ٿي ڪري سگهان؟“

”مان بہ اِهو ئي تہ چاهيان ٿو. اِن سلسلي ۾ مان سندس پِتا سان ڳالهائيندس.“

ڪاويءَ پل بہ پل ساهي پٽي ۽ پوءِ چيائين، ”ٻاهرينءَ طرح ڇوڪرو مون کي نيڪ لڳو. سياءَ ۾ ٿوڙي ٻيءَ طرح. ۽ مون ’ها‘ ڪري ڇڏي. مهني کان پوءِ اَسان جو وواهہ ٿي ويو. ٻہ مهنا مون هُن سان بيحد خوشيءَ ۾ گذاريا ۽ مون کي اِئين محسوس ٿيو تہ زندگيءَ هڪ نئين موڙ تي آڻي بيهاريو آهي ۽ مون کي اُهو ڪجهہ مِلي رهيو آهي، جنهن جي مون کي تلاش هئي. ان وقت مون گَٽيش کي هڪ عجيب روپ ۾ ڏٺو. هن تي زندگيءَ جي ڪؤڙاڻ جو ڪوبہ اَثر نہ ٿي پيو. جيڪي ڪجهہ زندگيءَ هن کي ڏنو ٿي، ايهو ٢ن خوشيءَ سان سويڪار ڪري ٿي ورتو. جيڪي ڪجهہ هن کي نٿي مليو، ان جي هُن کي ڪابہ چنتا نٿي رهي. ڳالهيُن ڪندي هڪ ڏينهن هنَ مون کي چيو: ڪاوي، سوچ تہ سهين، جيوَن جون هي چار گهڙيون ڪهڙيون نہ سُهاوڻيون آهن. ڇو نہ اِهي آنند ۾ لين ٿي گذاريون!“

مون چيو: ”ڇا اسان پنهنجو جيوَن آنند ۾ لين ٿي نہ

گذاري رهيا آهيون؟‘‘

هُن چيو : ’’مان توکي هڪ ٻي دنيا ڏيکارڻ ٿو چاهيان، هر بندڻ کان مُڪت.‘‘

مون جواب نہ ڏنو. ٻئي ڏينهن سنجها ويلي هوُ مونکي هڪ محفل ۾ وٺي ويو جتي هُن مون کي هڪ نئين دنيا ڏيکاري ــ هڪ عجيب دنيا، جيڪا مون هِن کان اڳ نہ ڏٺي هئي. هِتي پُرُش ۽ اِستريون موج مستيءَ ۾ هئا. وسڪيءَ ۽ سافٽ ڊرنڪس جا دؤر چالو هئا. گڏيش مون کي اُنهن ماڻهن جي سنگ ۾ آندو، جيڪي چترڪار هئا، مورتيڪار هئا، ساهتڪار هئا. دنيا طرف هُنن جو بي-پرواهيءَ وارو رُخ هو. هُنن کي ڪوبہ دُنيوي دين ڌرم نہ هو. هنن جو ڌرم فقط پاڻ سان سچو رهڻ هو. اخلاقي قدرن ۽ سماجڪ بندڻن هُنن کي نٿي ٻڌو. سُياڻي جي اونَ سندن اَڄُ جي سُپنن کي نٿي ٽوڙيو. ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو تہ ڪرمن جي ڦل جي خيال سندن آتمائن کي پليت نٿي ڪيو. هُنن فقط اُن گهڙيءَ ۾ وشواس ٿي رکيو جيڪا گُذري ٿي ۽ اُن گهڙيءَ لاءِ ئي هو زنده ٿا رهن. ٻي ڪا بہ چنتا هنن کي نٿي ستائي. مون سوچيو تہ زندگيءَ جي اَهڙي فلسفي جي پيٽ ۾ اَسان جي زندگي ڪهڙي نہ ڦڪي ۽ ڦوڪ آهي. سماجڪ ملهن جي پڃري ۾ بند، رسمن جي زنجيرن ۾ ڪڙيءَ وانگُر ٻَڌيل. اَسين اَلڳ شخص بہ نٿا ٻڻجي سگهون. هِڪ ڏڻ مثل آهيون جيڪو زندگيءَ جي مقرر ڪيل پئمانن اَنوسار رهي ٿو ۽ اُن ۾ ڦير ڦار نٿي ڪري سگهجي. هيڏانهن هيِ عجيب اِنسان هئا جِن سمجهيو ٿي تہ اَسان کي هر پل پورڻ سُک ۾ گهارڻ گهرجي جنهن تي دک جو پاڇو بہ نہ پوي.‘‘

ڪاويري ڪجهہ مختصر گهڙيون چُپ رهي. هوءَ شايد پنهنجي اَندر ۾ پاڻ سان بحث ڪري رهي هئي. مون سندس

پنهنجيءَ حفاظت اَندر رکيو تي. گُنيش پرڀات ڦٽڻ تائين گهر نہ آيو ۽ مون فيصلو ڪري ورتو. اُن فيصلي گُنيش ۽ سندس دنيا تي فتح پائي ڇڏي. صبح جو مان پنهنجو سامان سهيڙي پنهنجي گهر پهچي ويسِ.''

هوءَ ڪجهہ وقت خاموش رهي. مان خود سوچ ۾ پئجي ويسِ تہ جيڪي ڪجهہ ڪاويريءَ ڪيو، سو درست هئو يا غلط. هر اِنسان پنهنجي سوچ انوسار فيصلا ٿو ڪري. جيڪي ڪجهہ ڪاويريءَ ڪيو، سو سندس سوچ انوسار درست ئي هوندو. مون پڇيو، ''پوءِ ڇا ٿيو؟''

''ڇا ٿيندو؟ سال کان پوءِ طلاق ذريعي مون هِن مان مڪتي پاتي. ان کان پوءِ جيئَن زندگي گذري ٿي تيئَن گهاري رهي آهيان.''

''گُنيش جو ڇا ٿيو؟ هن وري ٻي شادي ڪئي هوندي؟''

''جنهن دنيا ۾ هو رهي ٿو اُن ۾ شادي ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي.''

مان ڪجهہ وقت ڪاويريءَ کي بي-معنيٰ نظرن سان تڪيندي رهيس. زندگيءَ طرف ڪوڙاڻ واري سندس رويي مونکي ڏيڄاري ڇڏيو. مان فيصلو نہ ڪري سگهيس تہ هِن رنگ بدلجندڙ دنيا ۾ آخر ڪير صحيح آهي ۽ ڪير غلط.

□□

# نئون تاج محل

—— هري موٽواڻي سنڌي

مان هِن وقت ڪراچيءَ ۾ آهيان. ڪراچي سنڌ جي راڄڌاني ۽ وڏو بندرگاهه آهي. سڄيءَ دنيا جا جهاز هتي اچي لنگر هٽندا آهن ۽ مال لاهي-چاڙهي واپس روانا ٿي ويندا آهن. هي شهر تمام وڏو، سُهڻو ۽ صاف سُٿرو آهي.

مان سِنڌي آهيان، سِنڌ ۾ ئي ڄائو هوس، ليڪن هن وقت ڀارت جو سينئَر ناگرڪ آهيان. اَهڙو سُڃاڻپ جو ڪارڊ بہ مليل اَٿم. ماڻهو ڪٿي بہ رهندو هجي، ڪيس وطن جي سار ضرور ٿيندي. مون کي جڏهن جڏهن ويزا ملندي آهي، تہ پنهنجي وطن پهچي ويندو آهيان، جيئَن هن وقت، هتي، ڪراچيءَ ۾ آهيان.

هِن دفعي مُنهنجو ميزبان منظور شورو آهي. هُن مون کي پنهنجيءَ موٽر ۾ ڪراچي گهُمائي آهي. ڪلفٽن وٽ آئيس ڪريم بہ کارائي اَٿائين. ڪِلمُڪ جوان آهي: اِمپورٽ-ايڪسپورٽ جو ڌنڌو ڪندو آهي. سنڌ جا سُگڌاسي چانوَر رشيا موڪليندوآهي. بزنيس ۾ سندس پارٽنر ۽ سونهون هڪُ هِندو آهي، جنهن کي هوُ اِنڪل چوَندو آهي.

منظور شورو جڏهن ماءُ سان گڏجي مُمبئيءَ آيو هو، تہ

مون کين ڪافي ڳڻمايو هو. خريداري بہ ڪرائي هُئيمان ۽ ديترو ۾ هڪ هندي فِلم بہ ڏيکاري هُئيمانِ - ’ماچيس‘، جيڪا گلزارَ ناهي هئي. فِلم ڏِسي منظور چيو هو تہ اَوهان وٽ اِظهار جي آزادي آهي!

ڪراچيءَ ۾ چاهي حيدرآباد ۾، مان جنهن وٽ بہ مهمانُ ٿي ويس، اُن سڄڻ مون کي دل ۾ جاءِ ڏني. مير صاحب ڪراچيءَ ۾ پنهنجي هڪ عزيز دوست جي بنگلي تي رکيل محفل ۾ مون سان گڏ، منظورَ ۽ بشيرَ کي بہ وٺي ويو. سندس دوستُ سيني سان ڀاڪُر پائي مليو. آجيان ڪندي، کِلندي چيائين : اَوهان جا قدم مُبارڪ! توهان ڀارت مان هتي آيا آهيو ۽ هتان اَسان جو صدر صاحب ڀارت سان دوستي ڳنڍڻ ويو آهي!

منظور پنهنجيءَ سمجهہ موجب چيو : اِنشا الله، اَسان جو جنرل صاحب دوستيءَ جي دستاويز تي مُهر هڻي موٽندو. مون خوش مزاجيءَ واري لهجي ۾ چيو : اِهو هڪُ سياسي سمجهوتو ٿيندو. اَصل مُراد دِليُن جو ميلاپ آهي. ۽ مون کي اِن ڳالھ جي خوشي آهي تہ اَسان جون دليون اڳواٽ ئي ڳنڍيل آهن. اِئين نہ هجي ها تہ اَسان جون پاڻ ۾ هيءَ ڪچهريون بہ نہ هجن ها!

”واقعي، واقعي! ڪاڪو بلڪل سچُ ٿو چوي!“ اِهو شبير خان جو تڪيہ ڪلام هو، جيڪو هوُ خوشيءَ وارن موقعن تي اِئين ڏُهرائيندو هو.

مير صاحب پنهنجي سونهري لائيٽر مان سِگريٽ دُکائي وڏو ڪشُ هڻي چيو : اَسان جون دليون مليل نہ هجن تہ جيڪر اَسين بہ اِنڊيا وڃي نہ سگهون. اُتي اَسان جو هيءُ ڪاڪو اِئين خيال رکي جيئن اَسان جي گهر جو ڪو وڏو بزرگُ خيال

رکي. رات جو اَسين سُمهون، تہ ڪاڪو گهر وڃي. صبح جو سُتا پيا هُجون، تہ نِنڊ مان اَچي جاڳائي !

”واھ ڙي ڪاڪا واھ!“ اِها هنبوشي بشير خان جي هئي.

محفل جي موڙ، ميزبانَ، وسڪيءَ وارو گلاس هٿ ۾ ڪٽي، سيني جي گلاسن سان ٽڪرائي، ’چيئرس‘ چئي، کِلندي چيو : اَچو تہ هِند-پاڪ دوستيءَ جي نالي، جام نوش ڪريون!

اَسان سيني واڏي واڪي چيو : هند-پاڪ دوستي، زنده آباد!

پَليجي جي نياڻيءَ بختاوَر جي شادي هئي. شاديءَ کان اَڳُ لاڏا هئا، جنهن کي ’ڍولڪي‘ تي چيائون - ڍولڪ تي لاڏا ! مون وارن ميزبانن کي لاڏن ۾ شِرڪت جي نينڊ هئي. منهنجي لاءِ بہ نينڊ هئي - خاص نينڊ!

بختاوَر مشهور فنڪاره زرينہ بلوچ جي ڏوهِٽيءَ دلير ماءُ، اَختر بلوچ جي نياڻي هئي، جنهن ”جيجل جي ڊائري“ لکي هئي، جيڪا پارت ۾ ’نئي دنيا‘ وارن ڇپائي هئي.

مون اُن ڍولڪيءَ ۾ شِرڪت ڪئي.

وڏو شاهي بنگلو هو، جيڪو بجلي بتين جي روشنيءَ ۾ ٻهڪي رهيو هو. اَسين موٽر مان لٿاسين تہ پليجو صاحب پاڻ اَڳيان وڌي اَچي مليو- ڀاڪُر پائي.

ڍولڪي، اَندر زالن ۾ چالو هئي. اَسين اوطاق ۾ اچي ويناسين، جتي مرداڻي ڪچهري پئي هلي. گهڻو ڪري سيني اِن موضوع تي پئي ڳالهايو تہ ٻنهي مُلڪن جا سرڪردا پاڻ ۾ دوستيءَ جو هٿُ مِلائيندا، ڪينَ نلهو واپس ورندا؟ ڪيترن کي ناھ جي اُميد هئي، پر ڪي نااُميد بہ هئا. جيڪي اُميد ۾ وشواس رکي وينا هئا، مان اُنهن سان گڏجي

۽ اُن وقت، جنهن وقت سهٽي ۽ سيبري بختاور، جنهن جي شاديءَ جا لاڏا پئي ڳاتا ويا، جنهن لاءِ مون بہ جهمر پئي هنئي، منهنجي سامهون اَچي، مُرڪندي چوڻ لڳي : ڪاڪا، اَوهان سان گڏ هڪُ فوٽو تي ڪڍايان!

اينرو چئي هوءَ مون سان لڳي بيٺي ۽ فوٽو گرافر فوٽو ڪڍي ورتو.

مان صفا جهري پيس. چپ پيڪوڙجي ويا. چپ نہ پيڪورجن ها، تہ وات مان نِڪرندڙ سُڏِڪي ڪي روڪي نہ سگهان ها! اِهو سُڏڪو اُن نياڻيءَ طرفان ڏيکاريل عزت ۽ احترام بدؤلت، اُڇلجي ٻاهر نِڪري اَچي ها!

قدرت اِنسان کي - استري چاهي پُرُش کي - هڪ ئي قالب ۾ گهڙي ناهيو آهي. رت ٻنهي ۾ ساڳيو آهي - ڳاڙهو، سُرخ! ڪِلڻُ ۽ روئڻُ پڻ ٻنهي جنسن جو ساڳيو آهي. جهٽ اڳُ منهنجي اکين جيڪو جل هاريو هو، اُهو ڪهڙي بہ ڌرم ۽ مذهب جي ليبل جو محتاج نہ هو. اُهو نيرُ اِنساني من جو اُدگار هو!

تنهن ڪري بنيادي طور، سڀُ اِنسان ساڳيا آهن، هڪ آهن، هڪ مالها ۾ پوتل موتي آهن. بلاشڪ تہ هر موتي الڳ الڳ آڪار ۽ مُلهہ جو هجي ٿو، ڪنهن جو گهٽ تہ ڪنهن جو وڌ آهي، پر آهن سڀ مُلهائتا موتي!

اِهو احساس مون کي ڊولڪيءَ ۾ وڃڻ بعد ئي ٿيو....!

...... ...... ......

آرتوار ڏينهن ڪراچيءَ ۾ موڪل هوندي آهي. مون فيصلو ڪيو تہ منهنجا ميزبان ڀل تہ سُمهيا پيا هجن، اَڄُ آئون اَڪيلو ئي ڪراچيءَ جي پرڪرما ڏيئي ايندس - پنڌ ئي پنڌ، پيادل ئي پيادل !.....

ڪراچيءَ ۾ چئن ٻولين جو خاص واهپو آهي - سنڌي، پنجابي، اُردو ۽ گجراتي. اِئين ته ٻه ٻيون به ٻوليون آهن - پشتو ۽ بلوچي، مگر هلن چار ئيون، جن مان اُردوءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي.

مون کي چارئي ٻوليون آيون ٿي.

پوشاڪ مردن جي گهڻو تڻو ساڳي - سلوار ۽ قميص. مان به ساڳيو لِباس پهريان. هڪ دفعي مُمبئيءَ ۾ فساد ٿيا ته گهرَ وارن چيو ته مان اِها ڊريس نه پايان. مون نه مڃيو. لباس جو ڌرم مذهب سان ڪهڙو واسطو. اِهو ماڻهن جي پنهنجيِ مرضيءَ تي ڇڏيل آهي ته هوُ ڪهڙوَ لباس پائين!

ڏسجي ته هِندي ۽ اُردو، ٻئي ٻوليون ٻن ڀينرُن جيان آهن. ٻئي هندستان جي ڌرتيءَ تي پلجي وڏيون ٿيون آهن. ٻنهي جو هڪ سرو واهپو آهي. هِندو ليکڪ اُردوءَ ۾ افسانا لکندا هئا ۽ مُسلمان شاعر هنديءَ ۾ ڪوِتائون لکندا هئا. ٻئي ڀينرُ پاڙ ۾ نه نهيون. هڪ ٻئي کان الگ ٿي ويئون. هڪ پاڙ تيِ پاڪستان جو ٺپّو لڳايو ته ٻيءَ هندستان جو!

•••••• •••••• ••••••

مان پرنس ڪامپليڪس ۾ رهيل هوس. صبح جي پهر ۾ ٻاهر نڪري آيس. بلڪل شانتي هئي. نه گهڻا ماڻهو، نه گهڻيون موٽرون. ماڻهو ۽ موٽرون نه هونديون، ته پوها پوھ به نه هوندي. اَهڙي ساڳي شانتي مُمبئيءَ ۾، صبح جو ستين ٻجي تائين ماڻي سگهجي ٿي. نه گهڻيون موٽرون، نه ماڻهو، ۽ بسون. به ايڪڙ-ٻيڪڙ. اَهڙي وقت مان پنڌ ڪندو گيٽ وي آف اِنڊيا تائين وڃان يا وڌ ۾ وڌ نَريمن پوائنٽ تائين سمنڊ ڪِناري!

پرنس ڪامپليڪس کان ڪلفٽن ۾ ڪياماڙي ٽورو پري آهن. مان اوستائين نہ وڃي، ’ٽِن تلوارن‘ وارو علائقو گهمڻ لڳس، جيڪو صبح جي وقت بيحد شانت ۾ سَباجهو هوندو آهي. مون هڪ هاڪر کان سنڌي ”هلال پاڪستان“ ۾ اُردوءَ جي ”جنگ“ اَخبارون ورتيون. سامهون هڪ ڪُنڊ کان، وڻ جي هيٺان هڪ پناڻ جي چانهہ جي هٽڙي هئي. ٻہ بينچون رکيون هيون، جن تي ويهي ڪي ماڻهو چانهہ پي رهيا هئا. مون پناڻ کان چانهہ جو گلاس ورتو ۾ هڪ بينچ جي ڪُنڊ کان ويهي رهيُس. هُنن جي گُفتگو چالو هئي. مان اُها گفتگو ٻڌندو رهيس.

– خدا ڪري، ناهہ ٿي وڃي !
– ضرور ٿيڻ گهرجي. ناحق پيا پاڻ ۾ وڙهون.
– لڙائيءَ ۾ ڪنهن جو ڀلو ٿيڻو ڪونهي. اَسين مِسڪين ماڻهو نہ مريو وڃون!
– دوستي ٿي وڃي، تہ پوءِ لڙائي نہ لڳندي.
– پوءِ مهانگائيءَ بجاءِ محبت ئي محبت هوندي!
– ڪارگِل لڙائيءَ ۾ ٻنهي ملڪن جا هزارين نوجوانَ شهيد ٿي ويا! ڇا حاصل ٿيو؟ ڪارگِل وارا اُهي جبل جتي هئا، اُتي ئي آهن. خوامخواه اُنهن مٿان انسانن جو رت هاريو ويو!
– آئون سمجهان ٿو، هن دفعي اَسان جو صدر پرويز مشرف ۾ پارتي وزير اعظم ضرور ناهہ ڪندا !
– تون يقين سان ڪيئَن ٿو چئي سگهين؟

- چاڪاڻ تہ ٻنهي مُلڪن جي ليڊرن ڳالهيُن لاءِ آڱرو پسند ڪيو آهي. آگري ۾ دنيا ۾ مشهور تاج محل آهي، محبت جو تاج محل!

اِها گفتگو ٻڌي، منهنجي اکين ۾ روشنيءَ جو ترورو چمڪڻ لڳو. مون کي لڳو تہ اَڄُ عيد هئي، ڏياري هئي ۽ اَسين هِند ۽ پاڪ جا باشندا، هڪ ٻئي کي واڌايون ڏيئي، منهن منو ڪرائي رهيا هئاسين!....

# وِسريَل گيٽ

— مايا راهي

اي.سي. ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ هڪ شيلف کان ٻيءَ ڏانهن ويندي، شانتا هڪ عجيب آنند ۽ آزادي محسوس ڪري رهي هئي. ٽپڙن تي ڦر-ڦر ڪندي، من-پسند شيون ٽراليءَ ۾ رکندي ٿي ويئي. ائين نه هو ته ڪو هوءَ هن اسٽور ۾ پهريون ڀيرو آئي هئي. سالن کان شانتا هتان ئي گهر جون ننڍيون-وڏيون شيون خريد ڪندي آئي هئي. هاڻ فرق فقط اِهو هو ته هن ڀيري جي هيءَ خريداري، هن پنهنجي لاءِ پنهنجيءَ پسنديءَ سان ٿي ڪئي. اَڳي ته هوءَ خريداري ڏيڻ-ڏين، گهر گهوٽ لاءِ ڪندي هئي. اِهو خيال رکڻو پوندو هوس ته ڪنهنجي ڪهڙي ضرورت هئي ۽ ڪهڙي پسندي. ۽ اَڄ؟اَڄ ته هوءَ صرف پنهنجي ضرورت، پسندِ ۽ دل جي تقاضا جون شيون خريد ڪري رهي هئي.

پنجُٽيهه سال اَڳُ، ڪچڙيءَ عمر ۾ ئي ڪاليج جي پڙهائيِ اَڌ ۾ ڇڏائي، سندس مائٽن موتيِءَ سان سندس شاديِ رچائيِ هئي، صرف اِن خيال کان ته اهڙو آڪاهتو، اهڙو ٻٽائتو خانداني ور ۽ گهر وريِ ڪٿان ملندو؟ شانتا جيِ ڪا به ڳالهہ ڪنهن نه ٻڌي. شانتا کي هِڪ ته اِن موتي نالي کان ننڍي هوندي کان ئيِ سخت نفرت هئي، جو موتيِ پاڙي جو ئيِ ڇوڪرو هو، جو ننڍي هوندي ته ڇوڪرين کي ڇيڙيندو هو،

چوتيون پتيندو هو، ۽ وڏي هوندي پاڙي جو داداگير تي ويو هو. ۽ ٻي ڳالهہ جنهن هن کي رات ڀر روئاري، ويهاڻو ڀُسائڻ لاءِ مجبور ڪيو هو، سو هو موتيءَ جو رنگُ! نالو موتي ۽ رنگ ڪوئلن جي ڪاٺين ۾ ڪم ڪندي، ڪاري ڪوئلي جهڙو! مٿان وري وارن جي عجيب ڪٽ! ماءُ پيءُ جي سامهون تہ هوءَ اُن وقت ڪجهہ نہ سگهي هئي، پر شاديءَ جي هَوَن جي اَگنيءَ ۾ هن جي جيون ڀر جا سندر سپنا سواها ٿي ويا هئا.

هڪ شيلف تي چيز جي ننڍڙن چيز-لنگس جو پئڪيٽ ڏسي هن ٽپ ڏيئي اُهو کنيو. سندس اکين ۾ چمڪ اَچي ويئي. ڪنواري هوءَ اڪثر ڪڙهيءَ ۾ اهي پوري وجهي کائيندي هئي ۽ سندس پائر پينر ڪيس چيڙائيندا هئا. بسڪيٽ جو پئڪيٽ هن نڪ وٽ رکي سنگهيو ۽ آنند جي لهر، هن جي تن من ۾ ڊوڙي ويئي. هڪ وڏي عرصي کان پوءِ هن کي اهو آنند مليو هو! پر پل ۾ هوءَ وري اُداس ٿي ويئي اِهو ياد ڪري تہ سندس ساهيڙيون، پوني ۾ مزا ڪري رهيون هونديون. هنن ڇهني ساهيڙين گڏجي ڪري پوني وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو هو. هن کي ڄاڻ هئي تہ موتي هن کي اَصل وڃڻ نہ ڏيندو. چوندو تہ گهر ڪوڻ ديکيگا؟ کانا ڪؤن بنائيگا؟ ڇڻ ڪا نوڪرياڻي آهيان هن جي! خريد ڪري آيو هو مونکي، منهنجي پيءُ کي ڏوڪڙ ڏيئي. مون کان تہ ڪم واري شڪو ٻائي چڱي آهي، جو جڏهن ڪپيس تڏهن گهر ويهي رهي. خير، هن پيري تہ موتيءَ هن کي وڃڻ نہ ڏنو، پر ٻئي پيري تہ هوءَ پڪ ئي پڪ ويندي ساهيڙين سان پڪنڪ تي، هن دل ئي دل ۾ نشچو ڪيو.

عجيب مصيبت آهي، شانتا سوچيو. ڪيڏا سال لنگهي ويا گهر گهوٽ ۽ ٻارن کي سنڀاليندي ۽ اڄ جڏهن هوءَ پنهنجا فرض پورا ڪري چڪي آهي، ٻارن کي سيٽل ڪري چُڪي آهي، تہ بہ شانتا جي اَڃا هن گهر مان جان نٿي ڇُٽي. موتيءَ کي ٽيئي

رذل ڪاڏو ڪاٺ پاپ آهي.‘‘ اِها ڪا هن جي اڄ جي عادت ته ڪانهي! پراڻي عادت آهي. ٿِر-ٿِر تي ناراض ٿي ڪاڏو ڪاڻ چڙي ڏيندو آهي. هيترن سالن ۾ الائي ڪيترا ڀيرا هن اِها ڌمڪي ڏني آهي. ويلو ٻه ڪاڏو ڪونه ڪاٺيندو آهي ۽ شانتا هر ويلي تي رسوئيءَ جي ٿالهي پري هن جي اَکيان رکي هٽائيندي رهندي آهي. ’’ڏسو رسوئي ڪاٺو نه، ڪاڏي جو اَنادر ڪبو آهي؟ اَن راجا اِنسان سامهون ڏڪندي ايندو آهي ته منهنجو مان ٿيندو ڪين اَپمان.‘‘ ۽ موتي ٻه ٽي ڀيرا نه نه چئي ڪري ڪاٺ ويهي رهندو آهي. ٻار ٻه اِهي ناٽڪ ڏسي وڏا ٿيا ته شانتا کي صلاحون ڏيڻ لڳا: ’’ممي ڇا لاءِ ٿي ماني ڪٽي اَکيان پُنيان ڦرينس. ڇڏي ڏينس، ته ڏس ڪيئن نه پاڻ ئي ٿو ڪاٺي.‘‘ پر هن ڪي ڪڏهن ٻارن جي صلاح نه آئڙي هئي.

پر هن سال ۾ ته هوءَ رت ٿي ويئي آهي. هڪ منٽ آرام سان ڪم ڪرڻ نٿو ڏي. ’’شانتا پاڻي ته ڏي.‘‘ شانتا جي پاڻي ڪٽي اَچڻ تي، ’’ڇڙو پاڻي ڪيئن پيئبو؟ ڇو؟ ڪو بسڪيٽ ٻسڪيٽ ڪونهي ڇا گهر ۾؟ ’پت ماءُ جا، اُتي ڪڻُ پاڻ، ٿنگ ٿنگ تي چاڙهي وينو حڪم هلائين؟ اِهو هوءَ دِل ئي دل ۾ چوندي آهي ۽ سنڌي بسڪيٽن جو دٻو آڻي سامهون رکندس ته ’يهه ڪيا هئه؟‘ هو هنديءَ ۾ پُڇندو.

’’بسڪيٽ هئه نه‘‘ هوءَ ٻه هنديءَ ۾ جواب ڏيندي. ’’تميز هئه ڪِ نهين؟ ٻسڪيٽ ائسي لاتي هنئه؟ گهر ۾ پليٽ ٻليٽ هئه ڪِ نهين؟‘‘ هوءَ وڏيڪ جلندي بسڪيٽن جو دٻو اَندر رنڌڻي ۾ کٽي ويندي آهي ۽ هڪ وڏيءَ پليٽ ۾ ٻن ٽن قسمن جا ڪارا، مٺا بسڪيٽ آڻي رکندي آهي ڇو جو هوءَ ڄاڻي ويئي آهي ته منو بسڪيٽ کٽي ايندي ته ڪارو گهُرندو. جوءِ آهيان ڪين فاءِ اسٽار جو بيئرر! هوءَ دل ئي دل ۾ سوچيندي، سڙندي رهندي آهي.

رنڌڻي ۾ پيئي هجي، فقط هن لاءِ پيئي ٻُل رڌي. جوءِ آهي ڪين باورچي!

خرچ جو مهڻو تو ڏي؟ رکي پنهنجا ڏوڪڙ پاڻ وٽِ! ڪا اَنڌي منڊي، لولي، لنگڙي ته ناهيان، جو ڪم ڪري نه سگهندس. هونءَ به منهنجو ڪئريئر ته هن ئي برباد ڪيو. گرئجوئيٽ ڪونه هئي ته ڇا ٿيو؟ سلائيءَ ۾ ته ڊپلوما ڪيل هئي نه؟ جڏهن گهر جي ئي پاسي ۾ سلائيءَ جي ڪلاس ۾ اِنسٽرڪٽر جي جاب آفر ٿي هيس ته چيائين،” گهر ڪَون ديکيگا؟ بچي ڪَون سنڀاليگا؟`` جڻ گهرُ ۽ ٻچا مان پيڪن مان پاڻ سان ڪٽي آئي هيس! اِهو ته ڇڏ، پر پيڪن جي خوشيءَ ۽ غميءَ تي به موتيءَ ڪڏهن ڪيس لڪنئو وڃڻ نه ڏنو هو، سدائين اِهو گهرُ ۽ ٻار جو بهانو.

اَڄُ هن پنهنجي ميڙي چوندي ڪِڍي آهي. سندس ڏاڏي اَمان چوندي هئي،” اُهو ڪي ڪِجي، جو مينهن وسندي ڪم اَچي.`` سو اَڄُ هن جي زندگيءَ ۾ فقط مينهن ئي نه وسيو آهي، پر طوفان به آيو آهي. پتنيءَ جي دُک درد، خوشي ۽ غميءَ جو اَحساس نه رکندڙ پتي، رٽاير ٿي گهر ويهي ته اُن کان وڏو طوفان، هڪ عورت جي جيون ۾ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

وڃوءَ کي جڏهن خبر پيئي ته ڊئڊي وري ڪاڏي جي اُپواس تي آهي ته هن هميشه واري ٻالهه چئي،” مما، ٿوري وَڌيڪ آرتي اُتاريوس، ميڙ مِنٿ ڪيوس، ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.``

” نه نه، مان ٿي ميڙ مِنٿ ڪريانس، نه ڪائي ته نه ڪائي، ٻارهان جهان نه ڪائي.``

” توهان ئي ته ڪيس سِر تي چاڙهيو آهي، هاڻي ڏيو منهن.``

وجيا جو فون آيو،'' مما جانِ ڇڏائڻ جو موقعو اَئو، هاڻ وقت آيو آهي جو توهين ٿورو پنهنجو بہ خيال رکو، جيڪو توهان هيل تائين پنهنجي لاءِ ڪرڻ چاهيو آهي ۽ نہ ڪري سگهيا آهيو، سو ڪريو.''

ٻار بہ پيءُ جي گهر ڏانهن بيپرواهي، بيجوابداري ۽ ٻي واجب تقاضائن کان پريشان هئا. موتيءَ جو حڪم، مان وجيہ ۽ وجيا، سِر پر مٿي ڪري ڪٽندا هئاسين. شانتا ئي تہ هئي جيڪا ٻارن ۽ موتيءَ جي وچ ۾ پسڄندي رهندي هئي. موتيءَ ڪڏهن ٻارن کي سامهون دڙڪا نہ ڏنا هئا ۽ نہ ئي وري ٻارن کو هن کي ڪڏهن ڪنو جواب ڏنو هو. هيءَ ئي هئي جا ٻنهي ڌرين جو ٻڌندي هئي، پڙڪيل ڌر کي ٺاري گهر ۾ شانتي رکي سگهي هئي!

اَڄُ صبح جو اُٿي هن پهرين پنهنجي سلائيءَ جي مشين ڪڍي صفائي ڪئي هئي. سالَ هن گهر ٻار جا ڪپڙا سبيا هئا، هيترو ڪجهہ اِنهيءَ گهر لاءِ ڪيو هئائين، سا تہ ڪوئِلن جي دلالي ئي ثابت ٿي هئي. هٿ ڪارا تہ نہ ٿيا هئا، پر خالي جا خالي رهيا هئا. خير. اَڄ اِهو ساڳيو سِلائي جو ڪمُ هوءَ پاڙي اوڙي يا ساهيڙيءَ سڏ لاءِ ڪندي تہ هٿ سان گڏ من بہ پريو رهندو. گهٽو نہ تہ دال ڦلڪو تہ ملندو ئي. ترار جي منهن ۾ وجهي پر مٺي جي منهن ۾ نہ وجهي. من پسند شيون ڪٽي گهر ڏانهن ويندي هن پنهنجو تن من هلڪو محسوس ڪيو ۽ ڪنواري هوندي جي من پسند گيت جون سِٽون سالن کان پوءِ اَزخود سندس چپن تي اَچِي ويون هيون ۽ هوءَ گُنگنائيندي، گهر وڃڻ لاءِ رڪشا ۾ چڙهي ويني-

''تتلي بنون، اُڏرِي ڦرون، نيل گگن ۾؛
آج مئِن آزاد هون دُنيا کي چمن ۾.''

▢▢

# وِساريو نہ وسرن

— تارا ميرچنداڻي

٢٥ جوُلاءِ ١٩٨٨ جي ڳالهہ آهي، نہ ڪالهہ جي نہ ئي وري تمام پُراڻي. اَکيون بند ٿي ڪريان، تہ ائين پيو لڳي جڻ مان بنهہ هينئَر، هِن وقت اُن مان گذري رهيِ آهيان. اِهي چِتر اَجا منهنجي دِل تي چِٽا آهِن. شايد وقت پئي صفا مٽجيِ وڃن يا صرف جهڪا ٿيِ سگهن.

٢٢ تاريخ اَجا بنارس ۾ ٿيل سيمينار پورو مس ٿيو هو. گهڻو ڪري سڀ مهمان ليکڪ پنهنجي پنهنجي ماڳ وڃيِ چڪا هئا. ڪي ليکڪ سيمينار پوري ٿيڻ کان پوءِ ٻہ ٽي ڏينهن مون وٽِ رهيل هئا. ٢٥ تاريخ صبح جو ڇهين بجي منهنجيِ الهآباد مان آيل پرٽيل ڏيِءُ ۽ ياءُ ڪرشڻ ڪتواڻيِ ٻہ اَسان کان موڪلائي روانا ٿيِ چڪا هئا. اهو آرتوار جو ڏينهن هو. مان ۽ منهنجو گهوٽ ٻئي، هيٺرن ڏينهن جي پيچ ڊوڙ کان پوءِ واندا ٿيِ، نشچنت ٽي.ويِ. تي 'رامايڻ' ڏسيِ رهيا هئاسين. رامايڻ پورو ٿيندي ئي ڪمپائونڊ جو ڦاٽک کُليو ۽ انهيءَ مان هِڪ......، ٻہ......، ٽي......، چار......، ڏهہ......، ويِهہ......، پنجاهہُ ماڻهو گهڙندا آيا. جڻ ماڻهن جو سمنڊ اُٿليِ پيو هو. مون رڙ ڪري موتيِ کي چيو، ”ڏس تہ سهين.... اَسان جي ڪمپائونڊ ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو گهڙندا پيا اچن!“ موتي

تڪڙيِ وڪ ڪٽيِ ٻاهِر نڪتو. ڏنوسين تہ ٽرڪ جيِ ٽرڪ سِرن ۽ سيمينٽ جيِ ڪمپائونڊ ۾ ڪرڻ لڳيِ. مزور هٿن ۾ ڪوڏرون ڪنيو هڪ ٻئي پنيان ايندا پي ويا ۽ ان انبوهہ جيِ اڳواني ڪري رهيا هئا اسان جي مڪان مالڪ جا ٽي جوان پٽ ۽ ساڻن گڏ هئا سندن ئيِ عمر جا اڻ ڳڻيا دوست. سينيِ جي چهرن تي عجيب جولان هو. موتيءَ مڪان مالڪ جي هڪ پٽ جي ڪلهي تي هٿُ رکي پُڇيو، "بيٽا، يي ڪيا هو رها هئہ؟" هن پيپڪ ڏيندي چيُسِ، "هاٿ هٽا لو نهين تو هاٿ ڪاٽ ڪي رک دينگي."

اِهو ٻُڌي ڪن لاءِ تہ موتيِ پنڊُ ٿيِ ويو. وڏيڪ ڪجهہ بہ ڳالهائڻ بيڪار هو. مون کي چيائين، "تارا هيءَ تہ ڪا زبردست سازش ٿي لڳيِ. تون اندران دروازو بند ڪري ويهہُ ۽ دوستن کي فون تي ٻُڌائي ڪائنِ مدد جيِ گهُر ڪر. مان پوليس ۾ رپورٽ لکائي ٿو اَچان."

••••••••••••••••••••••••••

اسان جو گهر هڪ وڏو بنگلو هو. چار ڪمرا ۽ وڏو هال. چوڌاريِ ورانڊو. چوطرف ورانڊي کي گِرل لڳل. ڇا هوا...... ڇا اُس. اَڳيان ڪمپائونڊ ..... پنيان ڪمپائونڊ...... سُهڻو باغيچو... سائو سائو لان .... چوطرف ٻارا .... گُلاب جا گُل ..... چنبيليءَ جا گُل ..... سورج مُکيءَ جا گُل.

ورانڊي ۾ سنڌِ وارو پينگهو ..... جنهن ۾، سنڌ ۾ ٻالپڻ ۾ منهنجو گهوٽ، سندس ڀائر، ڀيڻ ۽ گهر جا ٻيا ڀاتيِ لڏيا هئا.
اُن بعد منهنجا ٻار ...... ۽ ان بعد...... منهنجي ٻارن جا ٻار.

مان پنهنجي ان گهر جيِ روپ ريکا کهڙن لفظن ۾ چٽيان....... ڪٿان شروع ڪريان مان پنهنجي ان گهر سان جُڙيل پنهنجيِ ڪهاڻيِ. ۱۹۵۰ ۾ جڏهن مان شاديِ ڪري اُن گهر جي ڦاٽڪ مان اَندر گهڙيس ..... يا ان ڪمري ۾ جتي

منهنجي ٻارن جنم ورتو...... يا اُن پينگهي سان...... جنهن ۾ مون ٻارن کي لوڏي ڪئين گيت ٻڌايا...... ڪئين ڪهاڻيون ٻڌايون.

اُن بعد گهر ۾ ٻار هلڻ سکيا .... ڳالهائڻ سکيا .... پڙهڻ سکيا .... وڏا ٿيا .... شادي ڪيائون. ان ئي گهر مان اَسان جا وڏا ڀاڀي ۽ دادا اَسان کان هميشه لاءِ موڪلائي هليا ويا.

يا .... اُن وڏي هال جي ڳالهه ڪريان جتي محفلون لڳنديون هيون، جتي ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر به گهنگهرو پائي نچندا هئا. اِنهيءَ ئي هال ۾ پالِٽڪس تي بحث مباحثا ٿيندا هئا. اِنهيءَ ئي هال ۾ ڪنهن وقت کان ۽ ڏيوَن موتيهار 'راٽو' ڳايو هو.

گهر ۽ اَسان جو دُڪان (Provision & General Merchants) گڏ هئا. ڊئيننگ هال ۽ دُڪان جي وچ ۾ صرف هڪ پردي هئي. مان پنهنجي جيوَن ساٿيءَ جي دڪان ۾ مدد ڪندي هيس. زندگي پنهنجي چال سان گذرندي رهي. زندگيءَ جا ڪئين روپ انهيءَ گهر ۾ ڏٺم. ڪتا-منا آزمودا .... ڏُک سُک جون گهڻيئي ڪهاڻيون اِن گهر سان جُڙيل آهن.

اَسان جو دادا ڪراچيءَ ۾ لائيف اِنشورنس ڪمپنيءَ جو ايجنٽ هو. سندس هيڊ آفيس بنارس ۾ هئي. اُن وقت ڪمپنيءَ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر شري مدن موهن مالوييہَ جو پٽ گوبند مالوييہَ هو. ديش جو ورهاڱو ٿيو تہ هُن دادا کي بنارس جي آفيس سنڀالڻ لاءِ تار ڪئي. دادا بنارس اچي، آفيس جائن ڪري، هيءُ گهرُ مسواڙ تي ڪري موٽي آيو. اُن وقت هيءُ گهر اڃا نهي مس تيار ٿيو هو. تنهن زماني ۾ ئي اَسان ڪئين هزار خرچي، پنهنجي مرضيءَ پٽاندڙ، پنهنجي سهوليت آهر، هن گهر کي سجايو هو. تن ڏينهن ۾ اِها سڄي ايراضي ڪنڊهر جيان هئي. ڪي ايڪڙ-ٻيڪڙ بہ چار بنگلا مس نظر ايندا هئا.

رات جو اُتان اَڪيلي لنگھندي پؤ پيو ٿيندو هو. ڏسندي ڏسندي اِهو پاسو وسڻ لڳو ۽ ڪجهہ سالن کان پوءِ شهر جو ناميارو پاڙو بڻجي پيو. جاين جا اگهہ وڌڻ لڳا. مڪان مالڪ اسان کي جاءِ مان اُٿارڻ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو تہ اِها جاءِ ڪيس پنهنجي رهڻ لاءِ کپي؛ جو ڪيس هُن هارايو. ڪجهہ سالن بعد اسان جو دادا گذاري ويو. هُن وري ڪيس داخل ڪيو تہ پيءُ جي گذاري وڃڻ بعد سندس پٽ اڇي انهيءَ جاءِ تي بي-جا دخل ڪري ويٺو آهي. پر اُهو بہ ثابت ڪري نہ سگهيا. ان بعد ١٩٨۴ ۾ وري سندس پوٽيَن (grand children) ڪيس داخل ڪيو تہ اِها جاءِ کين ڏاڏي وٽان ورهاست ۾ ملي آهي. هوُ تي پائر آهن، کين پنهنجي رهڻ لاءِ جڳهہ کپي. جيتوڻيڪ وٽن بيون بہ اَڻ-ڳڻيون جايون هيون. هُنن اِهو ڪيس بہ هارايو. اِن بعد اسين مسڻ وچي نشچنت ٿيا هئاسين.

هيڏو اَنبوهہ ڏسي، موتي ۽ مان، ٻئي هراسجي ويا هئاسين. موتيءَ جي وڃڻ بعد دوستن کي فون ڪرڻ لاءِ رسيوَر کنيُم، پر لائين هجي تہ فون بہ ڪم ڏي. هنن فون جون تارون ٻاهران ڪپي ڇڏيون هيون. مان بيوَس وراندي مان ئي ٻاهر جو نظارو ڏسي رهي هيَس ـــ ڪنن سان آواز ٻڌي رهي هيَس ـــ جلدي ڪَرو، جلدي ڪر ... هات ٻڙهائو ... مزور اَسان جي سُندر باغيچي جا ٻارا بي رحميءَ سان اُکيڙي ڦٽا ڪري رهيا هئا. اڻ ڳڻيون ڪونديون، طرح طرح جي گُلن ۽ پنن سان سجيل، هڪ ڪُنڊ ۾ اُڇلائيندا پي ويا. مون کان وڌيڪ ڏٺو نہ ويو ۽ مان پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويس. پر چين ڪنهن کي ٿو اچي! موتيءَ جي موٽڻ جي راهہ تڪي رهي هيس. باغيچو اُکيڙي هُنن پٽ اَڏڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. ڪمپائونڊ جي هڪ حصي ۾ هنن قبضو ڪرڻ ٿي چاهيو. اَڌ ڪلاڪ اَندر هڪ فوٽ

پت ڪچي ته چُڪي هئي. مان نه اَندر هيَس نه ٻاهر. اَندر ۾ زبردست طوفان .... ساڻ ساڻ بي وَسيءَ جو احساس. هڪ بيڊروم جي دري ٻاهر رستي طرف هئي. انهيءَ دريءَ مان ٻاهر نهارڻ لڳس. مَنَ ڪير سُڃاڻپ وارو نظر اچي. آرتوار هجڻ ڪري اسان جي گهر جي سامهون وارا سڀ دُڪان بند هئا ۽ رامايڻ جي ڪارڻ رستي تي آمدرفت به نه جهڙي هئي. دريءَ مان هڪ ٻه ڄاتل سڃاتل چهرا ڏٺم. کين اَندر اچڻ لاءِ چيُم. جواب ڏنائون : ڦاٽڪ تي ٻه پوليس انسپيڪٽر بيٺا آهن ۽ ڪنهن کي به اَندر اَچڻ نٿا ڏين.

ڏسندي ڏسندي مُنو ڪلاڪ گذري ويو. موتيءَ جو نه اَتو نه پتو. ڪيڏانهن ويو هوندو؟ .... مان اَڪيلي ... بي چين .... هراسيل.

سُڃاڻ جي ڏجڻي آهيان. پر اُن وقت ڏٺم ته ڏجڻ مان ڪم نه هلندو. ڪانئر وانگر ڏسڻ کان ته پنهنجي مُهر کو ٻوٿو ٻارڻ کپي. ويجهو ئي ڪنهن بنگاليءَ جو گهر هو. ٽيليفون صرف وٽن هو. همٿ ڪري، دروازو کولي، ٻاهر نڪتس. گهر کي ڪُلف ڀاتم. من ۾ دپ به هوم ته ڪُلف پڇي گهر تي قبضو نه ڪن. پر مون کي اُن وقت اُن کان سواءِ ٻيو ڪو چاڙهو نظر نه آيو. نه ڄاڻان ڪٿان همٿ اچي ويَم ۽ مان انهن غنڊن جي انبوهه کي چيريندي ٻاهر نڪتس. تعجب لڳم ته مون کي روڪڻ جي ڪنهن کي به همت نه ٿي!

پاڙي واريءَ جو گهوٽ پنهنجي فئڪٽريءَ ۾ ويل هو. کيس جلد ئي اچڻ لاءِ چيُم. هُن صلاح ڏني ته يڪدم S.S.P کي فون تي خبر ڏي. ٻين دوستن کي به فون ڪيم ۽ S.S.P کي ٻڌايم ته اسين فلاڻي ايراضيءَ ۾ رهندا آهيون. لئنڊلارڊ ڪن غنڊن ۽ مزورن جي مدد سان اسان جي ڪمپائونڊ ۾ پت ڪڙي ڪري رهيو آهي. اسان کي توهانجي مدد جي سخت ضرورت آهي. هُن

چيو تہ اَڌ ڪلاڪ اَندر هوُ خود اُتي پهچي ويندو. آئت پائي مان واپس گهر موٽيس. اُن وچ ۾ ٽي-چار دوست اِسڪوٽرن تي پهچي چُڪا هئا. مان ڪين اَندر گهر وٺي آيس. هُنن مان هڪُ نيتا جي ٽائيپ هو. ٻالهائڻ جو ڪڙاڪيدار. هُن اَچڻ سان پوليس انسپيڪٽرن کي سڏي چيو : هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڪنهن جي حڪم سان هيءَ پٽ جي اَڌاوت ٿي رهي آهي؟

هڪ پوليس انسپيڪٽر وراڻيو : سِٽي مئجسٽريٽ (City-Magistrate) جو آرڊر آهي. پوليس انسپيڪٽر گوٺناٽي ڪري آرڊر پريان کان ڏيکاريو ۽ ٻڌائين تہ هيءُ آرڊر صرف مسٽر ميرچنداڻيءَ کي ئي ڏيکاريو ويندو. تنهن وچ ۾ ٻہ ڪلاڪ گذري ويا. پٽ کجندي پي ويئي. نيتاجيءَ چيو : پاڀي، هوُ تہ نهيل ٺُڪيل دروازو بہ ڪٽي آيا آهن ۽ ڇٽ لاءِ پرچ بہ آڻن. باغ جي ٽِن پاسي تہ پٽ آهي ئي. جي اڳيان پٽ نهي ويئي ۽ مٿان پڙڇ لڳي ويا، دروازو پئجي ويو ۽ ڪُلف لڳي ويو، تہ هوُ قبضو ڪري پنهنجا ماڻهو وهاري ڇڏيندا. سُڀاڻي سوُمر آهي، عيد آهي. ڪورٽ بہ بند آهي. اَسين ڪُجهہ بہ ڪري ڪونہ سگهنداسين. اَسان کي سِٽي مئجسٽريٽ مٿان ڪو اِنفلوُئنس (influence) کپي.

ٻوُڌ ۾ پرجي چيُم : سُپرِنٽينڊنٽ آف پوليس (SSP) خود پيو اچي. مون ڪيس فون ڪيو آهي. نيتاجي بہ شان ۾ پرجي ويو ۽ اِنسپيڪٽرن کي سڏي ٻڌائين : SSP صاحب خود آ رها هئہ. اب ديکنا ڪيا هوتا هئہ. اِهو ٻُڌي سندن منهن جو پنو ئي لهي ويو ۽ هوُ مڪان مالڪ ڏانهن ڀڳا. منجهن سُس پُس ٿي ۽ ڏسندي ڏسندي ٽي-چار اسڪوٽر ڪمپائونڊ مان نڪتا. منهنجي اَندر ٻولايو تہ SSP جي اَچڻ جي سُڌِ ڏيئي توهان پنهنجي پير تي پاڻيهي ڪُهاڙو هنيو آهي.

اَڌ ڪلاڪ گذريو، مُنو ڪلاڪ گذريو، پر SSP جو نہ اَتو نہ پتو. مان وري پاڙي ۾ ويس ۽ کيس فون ڪيُم. هِن پيري سندس آواز تمام رُکو لڳُم ۽ کهري آواز ۾ چيائين: چيُم نہ تہ جاچ ڪري رهيو آهيان. ائين چئي فون جو رسيور زور سان رکي ڇڏيائين.

مان گهر موٽي آيس. نِراس. موتيءَ جو بہ ڪو پتو ڪونہ هو. ڪيس وئي بہ اَڍائي ڪلاڪ گذري چُڪا هئا. منهنجو من ٻُڏڻ لڳو. اَندر ۾ نہ ڄاڻ کهڙا ڦُرنا اُٿڻ لڳا. مڃاڻ موتيءَ کي ڪُجهہ ..... .... مون اُجهاميل آواز ۾ نيتاجيءَ کي چيو: اسين ختم ٿي وياسين، اسين بي گهر ٿي وياسين. وڏيڪ پاڻ سنڀالي نہ سگهيس ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي دروازو بند ڪري اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳس ۽ پنهنجي گروءَ جي فوٽي اڳيان ڦٿڪڻ ۽ ٻاڏائڻ لڳس: هي پريو، اسان جي مدد ڪر. اسان کي بچاءِ. مون کي لڳو تہ اُنهيءَ فوٽي منجهان آواز آيو: توهان جو وار بہ ونگو ڪونہ ٿيندو. هي سڀ ناٽڪ آهي. توهان جي ڀلي لاءِ آهي.

مان جڏهن روئي ٿڪس تہ ڪمري مان ٻاهر آيس. منهن ڌوئي پاڻي پيتم ۽ ٻين دوستن کي بہ ڇانهہ ناهي پيئاريم. نيتاجيءَ چيو: پاپي، شهر ۾ هڪ نئون S.P City مسٽر سِڌوءَ جي نالي سان آيو آهي. جوان آهي. ڏاڍو نالو ڪمايو اَٿس. ٻُڌو اَٿم تہ ڏاڍو نياءَ ڪاري آهي. توهين کيس فون ڪري سڏيو.

مان وري پاسي واري گهر ۾ پڳس. منُ اَڃا شانت ڪونہ هوم. ”مان مسٽر سِڌوءَ سان ڳالهائڻ ٿي چاهيان.“ هُن چيو: ”مئڊم، مون کي ٻڌايو تہ کهڙو ڪم اَٿوَ؟“

مان ڳالهائي بہ رهي هُيَس تہ سُڏِڪا بہ ڀري رهي هيس. روئندي چيُم: مون کي صرف سِڌو صاحب سان ڳالهائڻو آهي.“

هلڪو آواز ڪن تي پيئم : ”صاحب، ايڪ عورت بهت رو رهي هئہ، اور آپ سي بات ڪرني ڪي ليئي ضد ڪر رهي هئہ.

تمام مِنو ڏيرج وارو آواز آيو : Sidhu Seaking
مون ڪيس توري ۾ پنهنجي کهاٽي ٻڌائي.

هُن پڇيو : مسٽر ميرچنداڻي ڪٿي آهي؟

ٻُڌايومانس : اَيڊائي ڪلاڪ ڪن ٿيا اَٿس، F.I.R لِکائڻ ويو هو، پر اَڃا تائين موٽيو ڪونهي.

هُن وري پڇيو : جهڳڙو ڇاتي آهي؟

مون چيو : لئنڊ لارڊ اَسان کي اُٿارڻ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو هو. ڏهہ ڏينهن ٿيا آهن، اُهو ڪيس اسان کٽيو آهي. ان ڪري هوُ .........

هن هڪ منٽ مون کي ترسڻ لاءِ چيو ۽ wireless تي هن ڪائي مان سچي خبر ورتي. وري ڪن تي هلڪو پرلاءُ پيم تہ برابر اُتي هڪ old couple رهندو آهي ۽ ساڻن ڪجهہ ناجائز ٿي رهيو آهي.

مون کي مسٽر سِڌوءَ چيو : توهان وٽ پنجين مِنٽين ۾ مدد پهچي ويندي.

واقعي، مان گهر پهتس مس تہ هڪڙي wireless van اَچي ڦاٽڪ وٽ بيني. منهنجيون اَکيون چمڪيون ۽ اَندر ۾ اُميد جا تِرورا جاڳيا. پر ڏٺم تہ وَٽن مان جيڪو اِنسپيڪٽر لٿو، سو تہ ساڳيو ئي هو، جيڪو ٻين ٻن اِنسپيڪٽرن جي مٿان هو ۽ صبح جو لئنڊ لارڊ جي پُٽن سان گڏ ٿي ويو هو. پر اُن وقت ڪيس ڊبل-رول ڪرڻو هو، جو مٿان آرڊر مليل هوس. پت لڳ ڀڳ چار فوٽ نهي چُڪي هئي. ڏنڊن جي آڌار تي ڇت بہ لڳي چُڪي هئي ۽ دروازو بہ ڪڙو ڪيو ويو هو. اَندر ٽيهہ-چاليهہ مزور ٻيڙيون ڇڪي رهيا هئا.

استيشن آفيسر (S.O) ڪانئن ڪم بند ڪرايو. ٻي ٻجي ڪن موتي ۽ ساڻس گڏ شهر جا ڪي هستيءَ وارا شخص پهتا. موتيءَ ٻڌايو تہ ٿاڻي تي FIR لِکڻ کان اِنڪار ڪيائون. اُتي ڪير ٻڌڻ سُڻڻ وارو ڪونہ هو. پوءِ هوُ ڪنهن دوست کي وٺي A.D.M وٽ ويو. جنهن سِٽي مئجسٽريٽ کي فون ڪيو تہ سندس آرڊر غلط آهي ۽ چيائينس تہ پارٽيءَ کي هوُ ڏانهنس موڪلي رهيو آهي. پر سِٽي مئجسٽريٽ سِڌو منهن نہ ڏنس ۽ پوءِ موتي مدد لاءِ هڪ در کان ٻئي در تي ڀٽڪندو رهيو.

تنهن وچ ۾ ڦاٽڪ جي ٻاهران ڀيڙ ڪٺي ٿي ويئي هئي. ڏارين لاءِ تہ تماشو هو. اُنهن مان جيڪي گهٽگهُرا بہ هئا، پر پوليس کي ڏسي ڪين اَندر اچڻ جي همٿ نٿي ٿي. ٻاهران ئي ٻُچا ٻاچا ڪري هليا ٿي ويا. ڏسندي ڏسندي رات اچي ٿي. ماڻهن جو اِنبوهہ گهٽجڻ لڳو. باقي لئنڊ لارڊ جي پارٽيءَ جا اَٺ-ڏهہ ڄڻا ۽ اَسان جي پاسي جا اَٺ-ڏهہ ڄڻا وڃي بچيا هئا. S.O پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪجهہ نوٽس ورتا ۽ ٻنهي پارٽين جي سينئَر (senior) ميمبرن کي صحيح ڪرڻ لاءِ چيائين. انهيءَ ۾ لڪيل هو تہ پٽ جيتري ڪچي چُڪي هئي، اُنهيءَ مان هڪ سِر بہ نہ تہ ڪوئي هٽائي ٿو سگهي ۽ نہ هڪ سِر وڌيڪ جوڙي ٿو سگهي، جيستائين ڪورٽ جو فيصلو ملي. ٻنهي ڌُرين صحيح ڪئي. ڪمپائونڊ خالي ٿي. پر اَسان جي من ۾ دپ گهر ڪري ويو هو. اڳين پي لڳو تہ نہ ڄاڻ راتوڪي رات ۾ ڇا ٿي گذري. بہ ٽي دوست رات جو اسان وٽ رهيا. اسان پنهنجن ٻارن کي فون تي اطلاع ڏنو. پٽ تہ ٻئي ڏينهن ئي هوائي جهاز رستي پهچي ويو. ڌيئر ۽ ٻيا ٻار بہ ٻئين-ٽِئين ڏينهن پهچي ويا. وڪيلن وٽ ڊوڙون-ڊُڪون شروع ٿي ويئون. وڪيل چيو تہ هيءَ اَڏاوت (construction) ڍهڻ کپي. نہ تہ هو نگر مهاپالِڪا ۾ ڪارائي آرڊر وٺي ايندا تہ اِها اَڏاوت

اڳوات ئي هئي. توهين جي انصاف لاءِ ڪورٽ جو در ڪڙڪائيندا تہ هوُ هر وقت پئسا ڏيئي تاريخ پنيان تاريخ وٺندا ايندا. هڪ ڀيرو جاءِ جي اَندر داخل ٿيا تہ هوُ توهان کي ايترو تہ آزاريندا، جو توهان کي لاچار ٿي گهر ڇڏڻو پوَندو!

منهنجو پٽ ۽ سندس دوست هڪ وڪيل کان پئي وڪيل وٽ پي ڊوڙيا. اسان جو سينئَر وڪيل مسٽر چندناڻي اَسان جو دوست بہ هو. تنهن تہ زوردار اَڪرن ۾ چيو تہ اِها اَڏاوت راتوڪي رات ۾ ڊهڻ کپي.

مان چوان تہ پوليس ڊائريءَ تي موتيءَ صحيح ڪئي آهي تہ هڪ سِر بہ ڪونہ هٽائيندو. قاعدي جي پڇڪريءَ جي ڏوهہ ۾ ڪيس پڪڙي وٺي ويندا. گهر ۾ ميٽنگ ٿي تہ ڇا صحيح آهي، ڇا غلط آهي. ڪن ناجائز اَڏاوت ڪيرائڻ جي پنيرائي ڪئي تہ ڪي ويچار ۾ پئجي ويا. رات جا يارهن اَچي لڳا. اَسان جو مسٽر چندناڻيءَ ۾ پورو وشواس هو. پوءِ بہ الائي ڇو من گواهي نہ پئي ڏني.

اُن ڏينهن برسات بہ زبردست هئي. بجليءَ جي ڪڙڪاٽن سان چار ئي ڏسائون ڏڪڻ پي لڳيون. بجليءَ جا چمڪاٽ اچا بہ اَندر ۾ ڏهڪاءُ وجهي رهيا هئا. منهنجو پٽ سنجيو ۽ سندس هڪ دوست اُن اؤرڪ جهڙي برسات ۾ اِسڪوٽر تي چڙهي پڪ ڪرڻ لاءِ وري چندناڻيءَ وٽ ويا. مسٽر چندناڻيءَ چوائي موڪليو تہ يا تہ اَڏاوت ڊاهيو يا تہ پيش پئو ۽ جاءِ ڏيئي هليا وڃو. اِنهيءَ کان سِواءِ ٻيون رستو آهي ئي ڪونہ. موتيءَ کيْ ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. ڪابہ ڳالهہ ٿي، تہ اسين تہ وينا آهيون.

آخر اِهو فيصلو ٿيو تہ راتوڪي رات ۾، بنا ڪنهن کي ڪڙڪ پوڻ جي، اِهو ڪم ٿيڻ کپي. سنجيو ۽ سندس چئن دوستن اِهو ڪم پاڻ تي کنيو. فيصلي تي پهچندي پهچندي

صبح جو اَٺين بجي پوليس چوڪيءَ تي اَچڻ جو آرڊر هو. سنجيو صحيح ڪري ڏنائينس ۽ چيائينس تہ موتي ميرچنداڻي گهر ۾ ڪونهي.

وري هلچل شروع ٿي ويئي تہ هيءُ نوٽس ڇو آيو. هن ۾ ڪا چال هوندي. اُتي گهُرائي، ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ هيٺ ميرچنداڻيءَ کي اَندر ڪندا. سنجيو ۽ سندس دوست وري ڀڳا وڪيل وٽ. وڪيل صلاح ڏني تہ موتيءَ کي under ground ڪري ڇڏيو، جيستائين صحيح پڪچر جي خبر پوي. صبح جو سويل پنجين بجي، سِواءِ سنجيو جي، ڪنهن کي بہ سُڌِ ڪانہ هئي تہ موتيءَ کي ڪٿي لڪايو ويو هو. منهنجو ڏير، ڏيئر ۽ ناني، سڀ پهچي ويا هئا. سڀ اَسان جيان ئي هراسيل. صبح جو ستين بجي وري نوٽس آيو. ڇيو ويو ميرچنداڻي وڪيل وٽ ويل آهي. اَٺين بجي وري ڪو اِنسپيڪٽر آيو. اَسان ساڳي ڳالهہ چئي. ڦاٽڪ تي تالو لڳل هو. نوين بجي خود Dy.SP(City) جيپ ۾ اچي ويو. بدن جو ڀريل، آواز ڪڙاڪيدار، گانگٽ جيڏيون مڇون. پوليس ڪان تہ هونءَ ئي ڀؤ لڳي، باقي بہ سندس صورت ڏسي دهشت ۾ اچي وياسين. ڦاٽڪ تي زوردار ڪُڙڪو ڪري ڀيڪيدار آواز ۾ چيائين تہ 'ڦاٽڪ کولو'.

دپ وچان ڦاٽڪ کولڻ جي همت ئي نہ ٿئي. ڀؤ اِهو هئوسين ضرور construction ڊنل ڏسندو ۽ آپدا ايندي. اڌين منٽ بہ گذري ويو. هوُ تپي لوهہ ٿي ويو. جڏهن نہ جيڪر برڇون ۽ ڀالا لڳن، اَهڙن گهاوَ ڏيندڙ اکرن ۾ چيائين تہ ڦاٽڪ نہ کولي منهنجي بيعزتي ڪري رهيا آهيو. خبر اَٿوَ تہ مان ڪير آهيان؟ ڦاٽڪ نہ کوليندا تہ مان توهان کي صفحہ هستيءَ تان مٽائي ڇڏيندس.

سندس زبان مان ڏهڪائيندڙ اَلفاظ ائين پئي نڪتا جڏهن مشين گن مان گوليون وسنديون هجن. هڪ هڪ گولي ڏماڪو

ڪندي اَندر کي چيريِندي پي ويئي.

واڳهن سان ڪير ويڙ پائي. هيئَن بہ مرڻو - هونءَ بہ مرڻو. مون ٻين جي صلاح سان ڦاٽڪ کوليو. هو سڌو هلي باغيچي جي پاسي جتي ناجائِز اَڏاوت اَڏي ويئي هئي. ٻيڄاريِندڙ آواز ۾ پڇيائِين، ”هي ڪنهن ٻانو؟“ اَسان مان ڪير اهڙو ڪُڇي جهڙي پِٽِ. جڻ سڀ گونگا هئاسين. پنهنجو بوُٽُ زمين تي زور سان ٺڪائيِندي چيائِين، ”توهين سمجهو ٿا تہ توهان جي تمام هلندي پُڄندي آهي. مان توهان کي چيتاوني ٿو ڏيان تہ بنارس ۾ يا توهين رهندا يا مان رهندُس. توهان ۾ ايتري طاقت آهي تہ منهنجي بدلي ڪرائي ڇڏيو.“ ائين چئي هو ڦاٽڪ مان ٻاهِر نڪري ويو. ساڻس گڏ ٻہ ٽي ٻيا بہ اِنسپيڪٽر هئا.

ڦاٽڪ کي تالو ڏنوسين. پر سرير ۾ جڻ ساهہ ئي ڪونہ هو. هاڻي ڇا ٿيندو؟ پوليس ڇا نٿي ڪري سگهي! هن نئين آپدا لاءِ تہ اسين تيار ڪونہ هئاسين. مون چيو مان ايس. پي. سِتي وٽِ ٿِي وڃان. وَڃي ٿِي ڪيس مدد لاءِ ٻاڏايان، هيءَ سڄي روئداد بيان ڪري ٻُڌايان. هڪ دوست اِسڪوٽر ڪنيو. مان ساڻس گڏ وڃڻ لا تيار ٿيس. اَندر ۾ پوڪنپ متل هوم. ڇا زندگي ايتري ڀيانڪ، ايتري ڪُروُپ بہ ٿيندي آهي!

اَڄا ڦاٽڪ جي تالي ۾ چابي پي ڦيريم تہ منهنجي پنيءَ جو هڪ خاص دوست ۽ ساڻس گڏ هڪ اَڻ ڄاتل شخص ڦاٽڪ جي ٻاهران بيِنل ڏٺم. ڦاٽڪ کوليم. دوست منهنجي صورت ڏسي چيو،”ڇا ٿيو آهي ڀاڀيءَ؟“ مان اَڇي اوچِنگارن ۾ پيسِ. روئندي روئندي بيني ئي سموري ڳالهہ بيان ڪري ٻڌايم ۽ چيومانسِ تہ مان هينئر سِڌوء سان ملڻ پيئي وڃان.“

هُن اَڻ ڄاتل شخص کي ڪاديءَ جا ڪپڙا پيل هئا. چهري تي سنجيدگي. نهر وچان پاٻوهہ ڏيندڙ آواز ۾ چيائين،”توهان

ڪي ڪٽي بہ وڃڻ جي ضرورت ڪانهي. توهِين اَندر هلو.'' مان سندس پُٺيان ڪنپٽليءَ وانگُر اَندر آيس.

اَندر هال ۾ گهڙڻ سان هن فون تي ڪو نمبر ملايو ۽ چيائين، ''مان گنگا سهاءِ ڳالهائي رهيو آهيان.'' ٻئي پاسي کان هلڪو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو. مسٽر سهاءِ حاڪماڻي آواز ۾ چيو،''مان اُتان ڳالهائي رهيو آهيان، جتي هينئر توهِين ڪنهن ناريءَ کي ڌڪائي آيا آهيو. مان هينئر جو هينئر چؤڪيءَ تي اَچي رهيو آهيان. توهين اُتي هُججو.''

ڇهُ سنين آسمان مان هيِ شخص اَسان جي مدد لاءِ زمِين تي لهي آيو هو. اَسان کي پوءِ سُڌ پئي تہ ڊپٽي ايس. پِي. تي بہ اِنفليوئنس هلايو ويو هو، جنهن هو اَسان کي آزاري، ڌڪائي اِها جاءِ خالي ڪرائي سگهي. مسٽر سهاءِ جي هلنديِ پُڄنديءَ ڪري ڊپٽي ايس. پيِ(سِٽيِ) کي neutral رهڻو پيو.

اِن واردات کان پوءِ اَسان جا ٻار تمام گهبرائجي ويا ۽ اَسان تي زور بار آندائون تہ اَسِين شهر جي ڪِن خاص ماڻهن کي وچ ۾ وهاري سمجهوتو ڪرايون. اَڳ ۾ بہ اَسان ڪيس هلندي سمجهوتي جون گهڻيون ڪوششون ورتيون هيون، پر هوُ ڪنهن بہ سمجهوتي تي اَچڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. هنن گندا گرديءَ رستي، زبردستيءَ اَسان کان جاءِ جو قبضو وٺڻ ٿي چاهيو. هِن ڀيري شهر جي ايڪس ميئر ۽ واپار منڊل جو پريزيڊنٽ اَسان ڄي پاران وچ ۾ پيا. اَسان جي ٻارن بہ تمام گهڻو پاڻ پتوڙيو. ٻارن اَسان کي چيو، ''جانِ آهي تہ جهانُ آهي. توهِين هتي رهندا تہ اَسان کي چِئِن ڪون هوندو. هر وقت توهان جو فڪر لڳو پيو هوندو. فيصلو جيڪو بہ ٿئي - اَسِين قبول ڪنداسِين.''

اَسان لاءِ چڻ ٻيو ورهاڱو هو. اَسان جو ٺهيل ٺُڪيل چاليهن سالن جو جميل ڌنڌو (دُڪان بہ اِنهيءَ ئي پريمسِس ۾ هو) ڇڏڻو

پيو. اَسِين بيو پيرو بي گهر تي پياسِين. گهر جو سڄو سمورو فرنيچر ڏيئي وني، ڪوسا ڪوهر ڪري وڪٽي ڇڏيوسِين. دڪان جو سامان بڌي ۽ سستي اگهه تي هوٽلن ۽ دُڪاندارن کي وڪيوسِين. مهيني اَندر اَسان کي گهرُ ۽ دُڪان خالي ڪرڻا هئا.

پڇاڙيءَ جا ٻه ڏينهن اَسِين پنهنجي ئي اُن راجائي گهر ۾ وراندي ۾ زمين تي سمهياسِين. ماني ڪنهن نہ ڪنهن دوست وٽان ايندي هئي. يادِ اٿم اُهو پڇاڙيءَ جو ڏينهن، جنهن ڏينهن اَسان کي گهر جي ڪُنجي واپس ڏيڻي هئي.

هال جو دروازو بند ڪيوسِين. ڪُليل دريءَ مان هال ڏانهن نظر وِرايم. بنا فرنيچر جي هال ڪيڏو نہ وڏو وڏو ۽ ٻسو لڳي رهيو هو. ڄڻُ ڪنهن نئي نويلي ڪنوار سُهڻا وستر ۽ زيور لاهي وڌا جو لباس پاتو هجي!

مون پريل نگاهن سان پڇاڙيءَ جو پيرو پنهنجي گهر جي ديوارن ڏانهن نهاريو، پنهنجي اُجڙيل باغيچي ڏانهن نهاريو. من ئي من ۾ اُن ڌرتيءَ کي پرڻام ڪيم - جنهن ڌرتيءَ تي مون پنهنجا چاليهہ سال گُذاريا هئا.

اَسِين ٻئي ٻاهر نڪتاسِين. موتيءَ ڦاٽڪ کي تالو لڳايو. هڪ رڪشا روڪي مونکي پيار وچان هٿُ ڏيئي اُن ۾ وهاريائين؛ ڄڻُ اُن وقت مان ننڍڙو ٻار هيس. سوز پريل آواز ۾ پُڇيائين، ”ٺيڪُ آهين نہ؟“

مون چيو ”ها“ پر منهنجون نگاهون اُن وقت بہ اُن ڦاٽڪ ڏانهن هيون ....... اُن تالي ڏانهن هيون، جو وري اَسان لاءِ ڪڏهن کُلڻو ڪونہ هو.

□ □

# ايڪهين صدي

— گوپال پروانو

ايڪهين صديءَ جو پهريون سِڄ، ويهين صديءَ جي ڪُکِ مان پيدا ٿيڻ وارو هيو. ١٣ ڊسمبر جي گريوتي ماءُ هڪ نئين ٻار کي جنم ڏيڻ جا سوُر سهي رهي هئي. هن ويهين صديءَ ۾ جيڪي ڏک ڏولاوا ۽ ڪيترا نه سور سنا آهن، پر ماءُ سڀ خوشيءَ خوشيءَ برداشت ڪندي آهي، ڇاڪاڻ جو هڪ نئين انسان کي جنم ڏيندي آهي ۽ قدرت جي ڪارخاني کي هلائڻ لاءِ وجود ۾ آڻيندي آهي.

هن ويهين صديءَ جي ماءُ پنهنجي پيٽ ۾ ٻار جا کهڙا کهڙا نه اَنگل سنا — ١٩٠١ کان وٺي ١٩٩٩ تائين — ٻه مهاڀاري لڙايون، جن ۾ اِنسانَ لکن جي تعداد ۾ پنهنجي نسل جي ايجاد ڪيل ائٽم بمن جي هٿان قربان ٿي ويا. ائٽم جي هڪ ننڍي ذري ۾ ايتري طاقت پيري ڇڏي جو لوهه ٻه پگهرجي پاڻي ٿي ويو — ننڍ-وڏا اِنقلاب آيا : روس جو اِنقلاب، چين جو اِنقلاب؛ قومون قومن کي آدم-خورن وانگر ٻُڙڪائي ويون. ڌرتيءَ کي ننڍن خانن ۾ ورهائي ڇڏيو. ڌرتي نه هئي، پر ڪچن ۾ رکيل مرچ مصالحن جي پيٽي هئي. ظالم پنهنجي ڏاڍ تي مسڪرائيندا رهيا ۽ مظلوم درد جي دانهن ۾ دٻجي مري ويا.

١٣ ڊسمبر جي سرد رات هئي. بس ڪجهه ساعتن جو ساٿ هيو پراڻي صديءَ جي بدن ۾، ۽ نئين صديءَ جي جنم ۾. ڇا هيِ صرف انگن جي راند هئي. ١٩٩٩ مان بدلجي ٢٠٠٠ ٿيڻ جي؟ مون سڄي رات بيچينيءَ ۾ گهاري. دل ئي دل ۾ پرارٿنائون ڪري رهيو هيُس. حسرت هئي ته نئين صديءَ جو پهريون سورج ڏسان، هڪ نئون صبح ڏسان - وقت ڪي واجهائيندي اوير طرف هڪ نئين ورڻي مثل ڳاڙهي لباس ۾ پرهه ڦٽي رهي هئي. اِجهو سِج جون باڪون اُيرنديون، روشنيءَ جي پهرين ڪرڻ ڌرتيءَ جيِ مانگ ۾ سِندور پريندي. جن کي نئين سِج- اُيرڻ جو انتظار هيو، تن سڄي صدي انتظار ۾ گذاري ڇڏي. روشنيءَ جون ليڪون منهنجي ڪڙڪي تائين پهتيون. مون ديوار تي ٽنگيل نئين سال جي ڪئلينڊر جو باريڪ پنو هٽايو، جيئن سهاڳ رات نئين ڪنوار جو باريڪ گهونگهٽ هٽائبو آهي. ڪئلينڊر جي مٿين اڌ جي تصوير کي ڏنو ته سمنڊ جي پيٽ مان ڳاڙهو گول-مٽول سِجُ منهن ڪڍي رهيو هيو. مون ڪئلينڊر جي پهرئين انگ هڪ (١) کي ڳاڙهي ماڪر پين سان گول دائري ۾ قيد ڪري ڇڏيو. مون دل ئي دل ۾ شڪرانو ادا ڪيو، جو پيدا ڪندڙ مون کي ايترو وقت ڏنو جو هڪ نئين صديءَ جو اِنسان شمار ٿي سگهان.

ايتري ۾ ڪنهن منهنجي ڪمري جو دروازو ڪڙڪايو. مون دروازو کوليو. ٻه پنجن-ستن سالن جا ٻارَ، سرديءَ کان ڪنبي رهيا هئا. هڪ ڇوڪري، ڦاٽل ۽ ڇتيون لڳل فراڪ ۽ پراڻي ميري اِسڪرٽ ۾، پيرين اُگهاڙي بيٺي هئي؛ ۽ ڇوڪرو، جيڪو عمر ۾ ڇوڪريءَ کان وڏو هيو، هڪ پراڻي شرٽ ۽ ڦاٽل پتلون ۾ سرديءَ کان هٿ مهٽي رهيو هيو.

”بابوجي، اسين ٿوري دير لاءِ اَندر اَچون؟ ٻاهر سردي آهي“ ڇوڪري چيو.

چيري هينان سرديءَ کان بچڻ لاءِ ويهي رهياسين.``

”ڇا توهان جو پيءُ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪونهي جو اوهان جو خيال رکي.`` مون پڇيو.

”اَسان جي ماءُ هئي سا به ڪي مهنا اَڳُ هِڪ آٽو رِڪشا واري سان ڀڄي ويئي.`` پريتم چيو.

” ضرور اوهان جو پيءُ پئسا ڪونه ڏيندو هوندس - نشي ۾ مارِيندو به ضرور هُئُس.``

” ڇا اوهان اَسان جي پيءُ کي سُڃاڻندا آهيو؟`` پريتم معصوميت سان پُڇيو.

” مان توهان جهڙي معصوم ۽ مظلوم ٻارن جي سيني پيئڙن کي سُڃاڻان.`` منهنجو جواب شايد سندن سوچ کان مٿي هيو.

”اوهان اِسڪول به اَڏ ۾ ڇڏي آيا هوندؤ.``

هُنن ڪنڌ لوڏي ها ڪئي.

”اَوهان به ته گهر ۾ اَڪيلا آهيو - ڇا اوهان جي گهر واري به ڪنهن سان ڀڄي ويئي آهي ڇا؟`` پريتم معصوميت مان پُڇيو. پر سندن هيءَ ننڍو جُملو دِل ۾ تير وانگُر چُڀِي ويو. حقيقت ۾ مان به هِڪ لاوارث ٻار وانگُر ٻن ڪمرن جي ننڍي فليٽ ۾ زندگيءَ گُذاري رهيو هوس.

”منهنجي زال به پئسا گهُرندي هئي - گهر هلائڻ لاءِ نه، ڪاڏي پيتي لاءِ نه، پر پنهنجن ڪپڙن لاءِ، پنهنجي هار سينگار لاءِ ۽ پنهنجين سهيلين سان مقابلو ڪرڻ لاءِ - ڪيسِ جاڻ هئي ته منهنجي آمدني سندس ضرورتن کي پوريْ ڪرڻ لاءِ ناڪافي هئي - هِڪ اَمير ماڻهوءَ سان ناتو جوڙي، مون سان ناتو توڙي هلي ويئي.``

ٻئي ٻار ڪجهه سمجهندي ڪجهه نه سمجهندي ڪنڌ جهڪائي ويٺا هئا. مان به پنهنجي غم کي پاسيرو ڪري لڪائي

رهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس.

”بابا گهر اَچي ويو هوندو - اَسان کي گهر نہ ڏسي پريشان ٿي رهيو هوندو.“ ٻئي چُپ ڪري هليا ويا.

زندگي پنهنجي محور تي گهمي رهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ بيوفا پنهنجي نئين بئنڪ بئلنس سان گڏ شاپنگ ڪندي نظر اَچي ويندي هئي. هوءَ ڪنڌ کي هلڪو جهٽڪو ڏيئي، پنهنجا ڪٽيل وار هوا ۾ لهرائيندي ڪار جي اَڳين سيٽ تي ويهي رهندي، مون ڏانهن نهارڻ کان سواءِ هلي ويندي هئي.

مان دل ۾ چوندو هيس، ”اي عورت! ڪيترو نہ سستي وڪامجي ويئيئن؛ عياشيءَ جي چڪر ۾ ست ڦيرا ٻہ وساري وينيئن. تو هٿن تي لڳل مَهنديءَ جون ليڪون ريشمي رومال سان مٽائي ڇڏيون.

نئين صدي منهنجي جيون ۾ اِنقلاب آڻي ڇڏيو. مون پنهنجي دماغ مان محنت، ايمانداري، خوش آمد ۽ ٻيون پنهنجن اَصولن جون پابنديون ڪچي مٽيءَ جي گهڙن وانگر ٽوڙي ڇڏيون. رشوت، مٿين آفيسرن جي خوشامد ۽ هر اُهو ڪمُ ڪرڻ لڳُس جِن لاءِ مان اَڳ ٻين کي ٽوڪيندو هيس. مان آهستي آهستي رشوت جو پئسو جوڙڻ لڳُس. يارن دوستن سان گڏ بيئر پيئڻ شروع ڪري ڏنو. ٽِن مهنن کان پوءِ عهدي جي ترقي ملي ۽ مان آفيس سپرنٽينڊنٽ ٿي ويس. عهدي جي ترقيءَ سان گڏ پگهار تہ وَڌي پر رشوت جي آمدنيءَ ۾ بہ چڱو اِضافو ٿيڻ لڳو. مونَ پنهنجي رهڻي ڪهڻي جو معيار وَڌائي ڇڏيو. مهانگا ۽ قيمتي ڪپڙا پهرڻ شروع ڪري ڇڏيا - جيڪو مون گذريل صديءَ ۾ نہ ڪيو، سو نئين صديءَ ۾ ڪرڻ لڳس. هينئر اڪثر سوچيندو هيس تہ جِن زندگيءَ جي اصولن کي پنهنجي دِل ۽ دماغ ۾ جمائي فريز ڪري ڇڏيا هئا ۽ اُنهن

جي سبب زندگيِ اُجاڙ ٿيِ ويئيِ هئي. سبب؟ سبب صرف پئسو، صرف پئسو هيو. ورنہ منهنجي پيار ۾ ڪا ڪميِ تہ نہ هئي جو هوءَ مونکي روهہ ۾ رولي هليِ ويئيِ.

مونکي جيولس فيوچڪ جيِ هيءَ چوڻيِ اڪثر ياد ايندي رهي. هن چوڻيءَ مطابق بزدل پڇيِ ويندا آهِن، ڪمزور صلح ڪندا آهِن ۽ بهادر جنگ ڪندا آهِن. مون زندگيءَ سان صلح جو عهدنامو ٽوڙي، بهادريءَ سا جنگ ڪرڻ لڳس. مان معاشري جي نهيل سيمينٽ جي گهاٽن جهنگلن جي پناهہ گاهہ مان نڪريِ، ڪليل سرسبز وادين ۾ ساهہ کڻڻ لڳس. اڳ من جي غفائن ۾ لڪو وينو هيس، انهن مان ٻاهر نڪري، پراڻن ٻُتن کي نوڪر هٽيِ ڊانس ڪلبن ۾ وڃڻ شروع ڪيو.

سوچ ۽ عمل جي اڄ جي نظريئي کي ڪالهہ جي صدي جي اصولن کي پلٽي ڇڏيو. منهنجي اَندر لڪل اَڳيون اِنسان مريِ رهيو هو ۽ نوان جذبا اَنگڙائيِ وَٺي رهيا هئا. منهنجي اَندر جي جوار ڀاٽا لوڙ جي ڪناري لڳائي ويئي. مون پنهنجي اَڪيلائيءَ کي طلاق ڏيئي ڇڏيو. منهنجون اَکيون ڪنهن اَهڙيِ صورت کي تلاش ڪرڻ لڳيون جيڪا منهنجي اَڱڻ اَچي، منهنجو گهر سنواري، منهنجا سپنا سچا ڪري ۽ من جو مونجهارو مٽائي.

مان بار رومس ۽ ڪلبن ۾ باقاعدگيءَ سان وڃڻ لڳس. پهريائين تہ سڀ چهرا نوان هئا - اَڻ واقف. روز روز جي وڃڻ سان نوان چهرا بدلجيِ پراڻا واقف شڪليون بڻجيِ رهيون هيون. ڪڏهن ڪڏهن نوان خوبصورت چهرا چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر نظر ايِندا هئا. آخر هڪ شام بار روم جي ٽيبل تي اڪيلو ويٺي بيئر جا ڍُڪ ڀري رهيو هوس تہ هڪ خوبصورت عوُرت منهنجي ٽيبل جي ڀرسان اَچيِ بيِٺيِ ۽ چيائين تہ ”چا مان هِن ٽيبل تي ويهيِ سگهان ٿي؟“ مون ڪنڌ مٿي ڪري

ڪيس ڏنو - هو جواب ٻُڌڻ ڪان اَڳيئي سامهون واريِ ڪرسيءَ تي ويهيِ رهي. منهنجيون اَکيون حسن جيِ پئمائِش ڪري رهيون هيون. منهنجي منهن مان اَچا ڪو لفظ بہ ڪونہ نڪتو هيو.

”چا اوهان مهمانن جيِ عزت ايئن ڪندا آهيو چا؟“

”اوهو، معاف ڪجو. مان اوهان جي حسن ۾ جذب تيِ ويو هيس.“ مون ڪرسيءَ تي سِڌو تيِ ويهندي چيو ۽ هٿ جي اِشاري سان ٽيبل بواءِ کي پاڻ وٽِ گهُرايو. ٽيبل بواءِ جي پهچڻ شرط مون هن خوبصورت عوَرت ڪان پُڇيو،”بيئر هلندو يا ٻيو ڪجهہ؟“

”اوهان سان سَاٿ ڏيڻ لاءِ بيئر پيئندس.“ هڪ سهٽو آواز آيو. ”تون پڙهيل لکيل لڳين تيِ.“ مون اندازو لڳائيندي پُڇيو.

”جيِ ها، اِنٽر تائين پڙهيل آهيان.“ عوَرت وراڻيو.

”تہ پوءِ هِتِ هِن ڪلب، هن ماحول ۾ ڪيئن؟“ مون سوال ڪيو.

”اوهان سوال گهڻا تا پُڇو. مون اَوهان کي اَڪيلو ڏنو - مون سوچيو اَچ اَوهان سان ڪمپنيِ ڪجي. ڏسڻ ۾ بہ چڱا آهيو.“ عوَرت چيو.

منهنجي ڪنن ۾ ”اَچ“ جون گهنٽيون وڄڻ لڳيون . چا هوءَ هر روز ڪنهن نہ ڪنهن سان گڏ هونديِ آهي!

”هلو تہ هلون“ هن عوَرت ٽِن لفظن ۾ گهڻو ڪجهہ چئي ڏنو.

”ڪيڏانهن هلون؟“

”اوهان جي گهر يا منهنجي گهر.“ هن بينام عوَرت بيئر جو ڍُڪ پريندي چيو.

”اوهان سان پوري جاڻ سُڃاڻ بہ نہ تي آهي. اوهان ايترو

فريِ free تيِ ويا آهيو؟'' مون سپاٽ چهري سان چيو.

''منهنجو نالو عورت آهي. نالي ۾ ڇا رکيو آهي. مان سِيتا هجان يا مريم. راڌا هجان يا مارگريٽ. ڪهڙو فرق پوندو آهي. اوهان مرد آهيو، موهن هجو يا مائيڪل يا ٻيو ڪو نالو. مان اوهان کي پسند نہ آهيان تہ ٻيِ ڳالهہ آ، راتِ اَجان شروع تيِ آهي.'' سندس گُفتگو ڪاروباريِ اَنداز جيِ هئي.

''نہ منهنجو اِهو مطلب نہ آهي. ويهو'' مون سندس دلجاءِ ڪندي ٽيبل بواءِ ڏي اَچڻ جو اِشارو ڪيو.

''وسڪيِ، ٻہ گلاس ۽ هڪ سوڊا.''

ڪجهہ دير کان پوءِ اَسين ٻاهرِ نڪتاسين. ٽئڪسيِءَ وارا ٻاهرِ بيِنا هئا. هڪ ٽئڪسيِءَ ۾ ويهيِ مون ڊرائيوَر کي پنهنجي فلئِٽ جو ڏس پتو ڏنو ۽ روانا ٿياسين.

مون پنهنجي فلئٽ تي پهچيِ چاٻيِءَ سان لاڪ کوليو.

ڪمري اَندر داخل ٿيندي هن عورت مسڪرائيندي چيو، ''اَڇا! اوهان ٻہ اَڪيلا رهندا آهيو؟''

مون هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو، ''دروازو اَندران بند ڪري بيڊروم ۾ داخل ٿي.'' مون کيس ويهڻ جو اِشارو ڪيو - هو بنا ڪنهن حجاب جي ويهيِ رهي. مون وسڪيِ جا ٻہ گلاس ۽ بوتل کڻيِ ننڍيِ ٽپائي تي رکيا- گلاس ڀري مان ٻہ بيڊروم ۾ ساڳئي پلنگ تي ويهيِ رهيس. هو منهنجو منهن تڪي رهيِ هئي شايد مان ڪجهہ چوندس، پر مونکي شانت ڏسي، اَکين جي اِشاري سان وسڪيِ جو ٻيو پئگ گهُريو. مون کيس ٻيو پيگ گلاس ۾ ڀري ڏنو -

اَجان ٻہ خاموشيِ.

هو پلنگ جي ڪنڊ کان اُٿيِ مون سان بدن بدن سان ملائي اَچيِ ويٺي.

''ڇا ائين خاموش ويٺا هونداسين؟ هن منهنجي ڳل کي

چمندي چيو.

”ڪهڙي جلدي آ - ساري راتِ پئي آ.“ مون سندس رخسار تي پيار سان آڱر گهُمائيندي چيو.

”ساري راتِ ٻالهيون ڪندو رهندين؟“ هن عوُرت چيو.

” تي سگهي ٿو.“

هو مسڪرائڻ لڳي. ”ٿورو ويجهو اچ.“ مان ويجهو وڃي وينس.

”تنهنجو سوُٽ لاهيان“

مون ها ڪئي. هن منهنجا ڪوٽ ٽاءِ لاهي ڪليءَ تي ٽنگي ڇڏيا - قميص جا بٽڻ به کولڻ لڳي. جڏهن هن مٿيان به بٽڻ کوليا ته مون سندس هٿ روڪي ڇڏيا - ڪجهه اُلجهن پيدا ٿي رهي هئي. ”تون هِن ڌنڌي ۾ ڪڏهن آئي آهين؟“

”ڇهه مهينا اڳ.“

هن بنا ڪنهن پُڇڻ جي وسڪيءَ جو هڪ پيگ ڪنيو.

” پهرين ڇا ڪندي هئين؟“

” هر عورت پئدائشي پيشهآور نه ٿيندي آ - منهنجو سوٽ مونکي برغلائي بمبئي وٺي آيو. چوندو هيو ته تون خوبصورت آهين، توکي بمبئي جي فلم اِنڊسٽري ۾ چانس ملندو. مان به سندس دوکي ۾ اچي ويس. هو مونکي اَڪيلو ڇڏي هليو ويو.“ هوءَ گلاس ۾ بچيل وسڪي هڪ ڍڪ ۾ پي وئي ۽ به چار گاريون سوُٽ کي ڏنائين.

” ڇهن مهنن ۾ ايترو ڪجهه سکي ويئي آهين.“

”ڇهه مهنا به گهٽا آهن. هت ڇهن مهنن ۾ ايترو ڪجهه سکي سگهجي ٿو، جيڪو هڪ شريف عوُرت ڇهن سالن ۾ به نه سمجهي سگهندي.“

سندس زبان تي گاريون اَچڻ شروع ٿي ويون - ڪاوڙ ۾ پنهنجي حال تي شايد اَکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هوءَ سڏڪا

پريندي منهنجي ڳوڏي تي مٿو رکي روئڻ لڳي. مون سندس جسم کي پهريون ڀيرو ڇهندي سندس ڪنڌ پيار مان مٿي ڪندي چيو،“ جيڪڏهن پاڻ کي وڪڻڻو اَٿي ته ڪٿي نؤڪري ڪر.”

”تنهنجو ڇا خيال آ مون ڪوشش نه ڪئي هوندي. هر جاءِ تي فلم وارو چڪر - ڀهرين ڇوڪريءَ کان جسم گهُريو ٿو وڃي پوءِ ڪم جو آسرو. پوءِ مون سوچيو، جسم وڪڻڻو آهي ته ڪنهن سٺي آمدني لاءِ وڪڻجي. پر تون هي فالتو سوال جواب ڇو ٿو ڪرين توکي جيڪو ڪم ڪرڻو آهي سو ڪر ۽ جانِ ڇڏ.“ هن ڪاوڙ مان چيو.

هينئر هو وسڪيءَ جي نشي ۾ مدهوش ٿي چڪي هئي. مون کيس بستر تي ليٽائي ڇڏيو.

مون ٿنگٽي تان پنهنجو سوٽ ڪوٽ ۽ ٿاءِ لاهي ڪپڙا پاتا - ۽ ٻئي ڪمري ۾ وڃي سوفا سيٽ تي سمهي پيس. وڏي مشڪل سان مون پنهنجن جذباتن تي قابو پاتو هيو. بڪ به لڳي رهي هئي. ويهين صديءَ وارو اِنسان منهنجي جسم ۾ داخل ٿي ويو هئو ۽ منهنجي ذهن تي غلبو حاصل ڪري ورتو هيو.

صبح جو هوءَ هوش ۾ آئي. هن پنهنجن ڪپڙن، پنهنجي جسم جو جائزو ورتو. سندس چهري تي عجب جا بادل ڇانئجي ويا. هوءَ مسڪرائي ڊرائينگ روم ۾ آئي. دروازي وٽِ ويئي - دروازو اَندران لاڪ ٿيل هيو. مجبور ٿي هن مونکي جاڳايو . مان هڪدم اُٿي وينس.

”دروازو کول، مان وڃڻ چاهيان ٿي.“

مون سستيءَ سان اُٿندي پينٽ جي پاڪيٽ مان چابي ڪڍي. دروازي ڏانهن وڌيس. هوءَ منهنجي پوئتان اچي رهي هئي. مون دروازي جو لاڪ کوليو پر بولٽ نه کوليو . مان پتلون جي پوئين پاڪيٽ مان پرس ڪڍي سؤ سؤ جا ٻه نوٽ کيس

ڏنا. هو عجب سان مونکي تکي رهي هئي. هن سوَ جو هڪ نوٽ منهنجي هٿ مان وٺندي چيو،'' عامِ طرح سان تہ مان بہ سوَ وٺنديِ آهيان. پر اوهان کان هڪ سوَ وٺيِ رهيِ آهيان. سا قيمت آهي وقت جيِ. باقيِ اوهان جي شرافت کي ڏسندي ٻيو سوَ نہ وٺندس جو اوهان منهنجو جسم استعمال نہ ڪيو. هينئر مان هلان؟'' هن جي آخرين لفظن ۾ ڪجھہ درد، ڪجھہ پنهنجپائي ۽ ڪجھہ عجيب انداز هيو پڇڻ جو - مون ڪجھہ سمجھندي ڪجھہ نہ سمجھندي چيو :

''چاهيو تہ نہ وڃو - اَڄ هتي ئيِ ڏينهن گُذاريو!''

'' اوهان کي شايد ڊيوٽيِ تي بہ وڃڻو آ.''

'' مان هيِ فلئٽ اوهان جي رهڻ لاءِ ڇڏي ٿو وڃان. پنهنجو گهر سمجهيِ رهو.'' مان دروازي جيِ چابيِ کيس ڏيندي چيو. هوءَ ڪجھہ ساعتون مونکي عجيب نظرن سان ڏسنديِ رهي. هن هٿ وَڌائي چابيِ کڻيِ وريِ منهنجي هٿ تي رکيِ ڇڏيِ.

''اِن جو مطلب سمجهو ٿا ؟ مونکي گهر مالڪڻ بنائڻ جو!''

مون مسڪرائيندي چيو،'' ها.''

'' توهان جي غير موُجودگيءَ ۾ گهر ٻُهاري هليِ وڃان تہ پوءِ؟'' سندس چهري تي مونکي سچائيِ نہ پر شرارت نظر آئي.

'' منهنجي گهر ۾ رکيو ڇا آهي جو کڻيِ ويندا.''

هو چُپ رهي.

''مان ٿوريِ دير ۾ تيار ٿيِ آفيس وڃان ٿو. اوهان بعد ۾ پنهنجو سامان کڻيِ هت اچيِ رهندا؟'' مون ڪپڙن جيِ الماريِ کولي ڪپڙا ڪڍيِ پلنگ تي رکيا.

'' ڪِچن ۾ ڪجھہ آهي ؟'' هن اوچتو سوال ڪيو.

''شايد ڪجھہ هجي.''

مان باٿروم ڏانهن تيار ٿيڻ لاءِ ويس.

هوءَ ڪچن ۾ هليِ ويئي.

باٿروم کان جيئن مان ٻاهِر آيس - ٽيبل تي چانهه جا ٻہ ڪپ رکيا هئا.

’’ بس ايترو ڪجهہ موجود هيو ڪچن ۾.‘‘ هن مسڪرائيندي چيو.

مان تيار ٿي آفيس ويس. منهنجي آفيس جو اسٽاف منهنجي وَهنوار ۽ رَوَيي کي ڏسيِ پاڻ ۾ اکين جي اِشارن کي اِستعمال ڪري رهيا هئا ۽ ڪي ڪُسر-پُسر ڪري رهيا هئا. مان پاڻ بہ عجيب محسوس ڪري رهيو هوس. ڪجهہ مهينن جي تبديليءَ کان پوءِ وريِ ساڳيو اِنسان. ويهين صديءَ وارو اِنسان، ايڪهين صديءَ ۾ ڪجهہ مهينا جيئرو رهيِ وريِ پُراڻي ڪئلينڊر جي تاريخن ۾ گُم ٿيِ ويو. مون ٻاهہ لڳائي پاڻ کي ماچيس تيلي پنهنجي پاڪيٽ ۾ رکي ڇڏيِ هئي.

شام جو آفيس کان سِڌو پنهنجي فليٽ پهتس. دروازو کڙڪايو. ڪجهہ سيڪنڊن کان پوءِ دروازو کليو. ڪمري جي اَندر صفائي، هر شيءِ پنهنجي مناسب جاءِ تي رکي هئي ۽ هو هڪ گهريلو عورت وانگر نہ چپن تي لِپسٽڪ، نہ ڳلن تي روُج جي چمڪ، سندس جسم مان صرف پائوڊر جيِ خوشبوءِ اچيِ رهي هئي. مون بريف ڪيس ٽيبل تي رکي ڪيس ڀاڪر ۾ ورتو- هن بہ خاموشيءَ سان منهنجي چوڏاريِ ٻانهون پکيڙي سيني تي گردن رکي ڇڏيو. مون پيار سان سندس ڪاڏيءَ کي مٿي ڪيو ۽ سندس اَکين ۾ جهاتيِ پاتي. سندس اَکين ۾ نميِ هئي، مون ٻيهر ڪيس ڀاڪر پاتو. چند ساعتن کان پوءِ مون ڪيس اَلڳ ڪري صوفي تي ويهاري ڇڏيو ۽ پاڻ بہ قدم پري سندس سامهون ويهي رهيس. مان سندس پورو جائزو ورتو. هوءَ مسڪرائيندي مونکي ڏسنديِ رهي. ڪنهن ماڊل وانگر جنهن کي ڪنهن رول ملڻ جيِ اُميد هئي.

”چا خيال آ - هلون ٻاهِر؟ ڪلب ۾ وهسڪي به پيئنداسين ۽ ماني به اُتِ کائينداسين. رات به بک مئاسين.“ مون مصنوعي اَنداز ۾ پڇيو

”مون ماني گهر تيار ڪئي آهي.“

مون گهر لفظ کي دل ۾ دهرايو. ڪجهه عجيب به هيو ۽ ڪجهه دل خوش ڪندڙ به هيو. مون سندس چهري ڏانهن خوشيءَ سان ڏسندي چيو: ”گهر ۾ ته ڪجهه به نه هيو؟“

”مون اوهان وارو سوَ ۽ ڪجهه پنهنجا روپيا خرچ ڪري ڪچن جي اَندر ضروري سامان ۽ فرج ۾ ڪجهه فروٽ وغيره رکي ڇڏيو آهي.“ هن چيو.

”اِهو مناسب نه آهي ته تون پنهنجا پئسا خرچ ڪري سامان وٺي آئيئَن.“ مون چيو.

”چا مان اوهان جي ڪجهه نه لڳان؟“

مان خاموش رهيس. ڪجهه منٽن جي سوچ ۽ خاموشيءَ بعد مون هٻڪندڙ آواز ۾ چيو، ”جيڪڏهن تون سچ پچ هِتِ رهڻ چاهِين ٿي ته مونکي ڪهڙو اعتراض. مان به گهڻو وقت اِهو سوچيندو رهيس، توکي پنهنجو بڻايان؛ تو منهنجي سوچ کي آسان ڪري ڇڏيو.“ مون ٻيئي ٻيئي ٻانهون ڏگهيون ڪري ڪيس پنهنجي ڀاڪر ۾ اچڻ جي آڇ ڪئي. هو هڪدم ٽپو ڏيئي ٻه قدم هڪ ٽپي ۾ لتاڙي منهنجي ڀاڪُر ۾ اَچي ويئي.

ٻن اِنسانن جون زندگيون، جيڪي اَلڳ اَلڳ راهن تي هلي رهيون هيون، هڪ راهه تي هيون.

هوءَ هلڪا هلڪا خوشيءَ جا سڏڪا ڀري رهي هئي ۽ منهنجي اکين مان به خوشيءَ جا لڙڪ وهڻ لڳا. ڪجهه ڪلاڪن جو ساٿ، مهينن جو سفر لتاڙي هڪ ڀاڪُر ۾ سميٽجي ويو.

# بولڊ ۽ بيوٽيفل

— چترو ناگپال

ماڻھو نہ رُڳو پنھنجيءَ ذات مان، پر قدرت طرفانِ مليل بدني خاصيتن مان بہ پيا ڪمائين. ڪرڪيٽيِر سچن تيندُلڪر ۽ فلم ائڪٽرُ گووندا رڳو ڏند ڏيکاري سائيڊ ۾ لکين رپيا پيا ڪمائين. پر مُرڪَ پنيان ڏند لڪائي پنج سؤ سال نالو ڪمائي وجڻ، اِھا ھڪ نئين ڳالھ آھي. ١٩٩٩ع ۾ ڪوجنا ڪئي اَتن تہ ١٥٠٣ع ۾ نھيل جڳ پرسِڌ پينٽِنگ مونا ليسا واري ماڊل ايسابيلا جي مُرڪَ پنيان ھُن جا غليظ ڏند لِڪل آھن. اُن ماڊل کي ڏندن جي کھڙي بيماري ھئي، ھوءَ ڏند ڪرتيندي ۽ ڪوتيندي بہ رھندي ھئي، اِھا بہ ڪوجنا ڪئي اَتن. پھرين چيو ھئائون تہ جڏھن ھن جو پورتريٽ ناھيو پئي ويو، تہ ھوءَ پيٽ سان ھئي، حالان ڪِ پينٽِنگ ۾ ھن جو پيٽ ظاھر نہ آھي، رُڳو مونا ليسا جي چھري مان اِھا خبر لڌي اَتن. خير، ڪوجنيڪن کي سوَ سوَ سلام!

سپ ڪنھن جي پنھنجي پنھنجي پسندگي آھي ۽ سونھن تہ ڏسندڙ جي اَکيُن ۾ ھوندي آھي. سچ پُڇو تہ مونا ليسا مونکي اَڳيِ ئي ڪانہ وڻندي ھئي، جيئن منھنجيءَ گھرواريءَ کي تاج محل ڪونہ وڻيو- نہ تہ وٺي ڏيکُو پوي ھا! ھن کي راجستانَ جا جھوُنا محل وڌيڪ وڻندا آھن. توھان ڏٺو ھوندو،

موناليسا جي اکيُن متان ڀرون گم آهن. آرٽِسٽ ليئونارڊو-ڊا- وينسيءَ جي آئيڊيا هئي تہ ڏسندڙ جي نظر سِڌو ئي سُندريءَ جي اَکيُن ۾ وڃي. اَکين جي سونهن اينجواءِ ڪرڻ ۾ ڀرون رنڊڪ وجهنديون، اِن ڪري آرٽِسٽ ان کي اومٽ ڪري ڇڏيو ۽ ماڊل جي رڳو اکين ۾ مشڪ تي فوڪس ڪيائين.

منهنجي خيال ۾ موناليسا جي پيٽ ۾ اَسان جي ايشوري راءِ گهٽو گهٽو وڏيڪ لهي. ڇا تہ موتيُن کي مات ڪندڙ ڏند، ڇا چپَ ۽ مُشڪ، ڇا نيڻ ۽ اُنهن متان ڀرون! پينٽر کي بہ هفتا کيس وهاري پورٽريٽ ناهڻ جي ضرورت ئي ناهي. ملتي ڪلر فوٽو فوٽ پاٿ تي ڏهين رُپئي ۾ تو وڪامي. گهر ڪٽي وڃي ٽنگيو، سڀ جي دل خوش. غلط نہ سمجهجو. مان ڪو ڪانگريس جي ليڊرياڻيءَ کي خيال ۾ رکي، اتئلين بيوٽيءَ جي گهٽتائي نہ تو ڪريان.

موناليسا جي ڀرؤن جي عدم موجودگيءَ جي ڳالهہ نڪتي آهي، تہ اَڳوپوءِ ٻڌايانوَ تہ منهنجيءَ هڪ ساليءَ جون ڀرون بلڪل ڪامديو جي ڪمان هيون، پر هوءَ اِنهن ڪمانن کي بہ تيرن وانگر تِکو ڪرائڻ لاءِ، هر هفتي بيوٽي پارلير مان ٽريڊنگ ڪرائڻ لڳي. نتيجو اِهو ٿيو جو اُهي ڀنوَرن جهڙا ڀروان، اونداهين راتين جي چنڊ وانگر ڏن-بدن سنها سنها ۽ اڃا بہ سنها ٿيندا، آخر سندس پيشانيءَ جي هستيءَ تان ئي ميسارجي ويا! هڪ ڏينهن ڏٺم تہ اُهي اوچتو وري پرگهٽ ٿيا. آخر ساليءَ سليو، تہ هينئر هوءَ امپورٽيڊ آءِ-برو پينسل يوز ڪندي آهي. مان کيس موناليسا سڏيندو آهيان، تہ هوءَ ڏاڍو خوش ٿيندي آهي.

اِئين تہ اِستري سؤندَريہ تي لکڻ ويهجي تہ سوَلائيءَ سان سَوين صفحا ڪارا يا نيرا ڪري سگهجن ٿا، پر سونهن جي ورڻن ۾ اَڃا ڪاڳر بہ ڇو ويهي ڪارا ڪجن. اِن ڪري ’پردي ۾ رهني دو‘

مونِڪا جي smartness سان اَسانجي سِياسَت-دانن جي بہ جاءِ ناهي، جي اِستعفائون ڏيئي پنهنجيون آتم ڪٿائون سِڌو سَنواتو ضمير مُتڪلم (’مان‘ فارم ۾) يا ناول جي روپ ۾ لکي هڪ ٻئي جا پولَ پڌرا ڪندا آهن. اِن ۾ بہ ڪجهہ ڪُوڙ ۽ ڪلپَنا جي گنجائش رهندي آهي. نَرسِنگهہ راءُ ڪي ناول لکڻ ۾ گهڻا سال لڳي ويا؟ مونِڪا ۾ ڪهاڻي ٻُڌائڻ جي ناتڪي ڪلا، عشق جي آرٽ کان بہ وڌيڪ آهي. هڪ هنڌ چوي ٿي : ”مون کي جاچ ڪرڻ مهل سڀ ڪُجهہ سَلَڻ لاءِ، ايترو تہ پيرِيائون، جو مون اَمالڪ مٿان دريءَ مان ٽپو ڏيڻ جو سوچيو.“ اِها حقيقت آهي تہ رومانس کان بہ وڌيڪ رومانچت ڪندڙ هوندي آهي رومانس جي ڪهاڻي.

خُشوَنت سِنگهہ لکيو آهي تہ ”پريم هڪ تمام ڪَڻ پنگُر، بي-بقا ۽ خيالي جذبو آهي، جو گهڻو وقتُ جَٽاءُ ڪونہ ڪندو آهي. جڏهن ڪِ واسنا ور-ور ڪري ماڻڻ جي مزيدار چيز آهي.“ خُشوَنت سِنگهہ کي ايمانداريءَ سان ۽ بولڊ ٿي سچُ لکڻ سبب، سُلَبي اِنٽرنئشنل طرفان ’١٩٩٨ جو ايماندار ماڻهو اَوارڊ‘ ڏهہ لک روپيا ۽ هڪ سونو بِلو ڏنو ويو آهي. هڪ ئي چيڪ ۾ چار ڳيان-پيٺ! پر سچائيءَ جو انعامُ وٺي، پوءِ هُن ٻڌايو تہ : ’مان دراصل، ڪُوڙو بہ آهيان! ڳهڻن کي ئي خوش ڪرڻ لاءِ ڪوڙ بہ ڳالهائيندو آهيان ۽ ڪيترن سيمينارَن ۾ سَوير وڃي، خالي ڪُرسيُن تي ٻين لاءِ رکيل فولڊرن مان پينون بہ چوري ڪندو آهيان.

△ △

# هڪڙي هٿ جو ڪمال

— ڪلا ڏر

ماسي بصران اَڄُ ڏاڍي خوش خوشال پئي نظر آئي، ڇو تہ هن اڄُ آدل انڊيا ريڊيو تان اينڊز سماچارن ۾ پنهنجو نالو ٻڌو هو. انهيءَ خوشيءَ ۾ ڪيس سڄي رات ننڊ بہ ڪانہ آئي. جيئن ئي صبح ٿي تہ ڳوٺ جي ماين ماڻهن جو اَچي بارو چٽورهو. هرڪو ڪيس مبارڪون ڏيڻ جي لاءِ سندس گهر ڏانهن پئي ڪهي آيو. هوءَ سيني جي مُبارڪن کي جهيڻي جهيڻي آواز ۾ "آمين" چئي، مُشڪندي قبول ڪري رهي هئي. هوءَ اڄ ايڏي تہ خوش هئي جو اِهو بہ ڀُلجي ويئي هئي تہ هوءَ فالج جي ڪري ڪامعزور يا ڪمزور آهي ۽ سندس ڪاٻو پاسو ڪوتو آهي. جيڪو پئي آيو، تنهن کي هن پاڻ کي مليل ايوارڊ، سنمان پتر ۽ ٻيون پيت سوڳاد طور مليل شيون پئي ڏيکاريون.

قدرت جي ڪارنامن ۽ ڪريائن کي ڀلا ڪيرُ سمجهي سگهيو آهي؟ نِت نوان کيل ڪيڏندي رهي آهي! ڪڏهن ڏُڪار تہ ڪڏهن سُڪار، ڪڏهن زلزلو تہ ڪڏهن طوفان، ڪڏهن واءُ تہ ڪڏهن جهُڙ. ائين ئي دنيا وارن کي پنهنجيءَ ڏاڍ ۽ طاقت جو احساس ڪرائيندي رهندي آهي، جنهن جو ٻيءَ مخلوقات سان گڏ انسان کي وڏيڪ احساس ٿيندو آهي.

ماسي بصران بہ پنھنجيءَ زندگيءَ ۾ ننڍپڻ کان ئي قدرت جي ڪِنِ حادثن ۾ ڏاڍاين جو شِڪار ٿيلن مان ھڪ آھي.سندس پيءُ ھڪ ڏينھن شھر مان اٺو پتو ۾ پيو ضروري سامان-سيڌو وٺڻ جي لاءِ اُٺ تي سوار ٿي وڃي رھيو ھو. شھرُ ڳوناٺي علائقي کان اٽڪل ستر ڪِلوميٽرن جي مفاصلي تي ھو. روڊ رستا ڪچا ھُئڻ جي ڪري ڪا بس يا گاڏي ايندي ئي ڪانہ ھئي. اُنن گھوڙن کان علاوہ پيو ڪو ذريعو ئي ڪونھ ھيو، جنھن سان شھر پھچي سگھجي. مٿان وري چؤماسي جا ڏينھن. اَھڙن ڏينھن ۾ اگر پُلجي بہ ڪا گاڏي ھن علائقي ڏانھن نڪري ايندي ھئي تہ بنيءَ جي چيڪي مِٽيئہ ۾ گچي پوندي ھئي. پوئي ھن کي ڪڍڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿي پوندو ھو.

سندس پيءُ کي ٿورو تپُ بہ آيل ھو. تنھن جي باوجود بہ ھو اڄ شھر لاءِ نڪري پيو ھو. واٽ ويندي کيس ڪاھي ڪوسو برو اچي ويس. ھن لاءِ اُٺ تي وِھڻ ھاٽي مشڪل ٿي پيو. ھن اُٺ کي ھڪ ڪنڊيءَ جي ڇانوَ ۾ ھُشايو. اُٺ کي مور ۾ ٻڌي پاڻ ڪجھہ آرامي ٿيڻ جي لاءِ سُمھي پيو.

مالوَندا ماڻھو اڪثر پنھنجي صحت ۽ حفاظت طرف ڪو ايڏو ڌيان نہ ڏيندا آھن. جيڪي ملندو اَٽن، جھڙو ملندو اَٽن، کايو-پيتو شڪر مڃيو سُمھي پوندا آھن. ھُن پنھنجي اڇرڪ ڪنڊيءَ جي ٿڌي ڇانوَ ۾ وڇائي. سِري ڪرڻ جي لاءِ ھُن ٻيڏانھن ھوڏانھن ڪجھہ نِھاريو. ڪجھہ دوريءَ تي ڪنھن مينھن جو لاٿل بوسو پيو ھو، جيڪو ھاٽي سُڪي ڪنِڻ ٿي ويو ھو. سو ڪٽي ھُن سِري ڪيو. تنھن ۾ ڪو زھريلو ڪارو وڇون وينو ھو. جيئن ھن چيٽو سِري ڪيو، تہ ھوُ وڇون سُري ھن جي ڪنڌ تي چڙھي آيو ۽ اَچي ھن کي زور سان ڏنگُ ھنيو. گرمي ۾ گھم ڏاڍي ھئي جنھن جي ڪري ھن جي سڄي سرير کي زھر پيلي ويو. ھوُ سورن وچان ٿڙڦندو رھيو ۽ آخر ھُتي ئي گذاري ويو.

ٻڌءِ ماري، ڦلاڻي جي ڌيءُ جي باري ۾؟ هاڻي هن کي سندس پيءُ شهر ۾ ڪٿي ڇڏي آيو آهي. چوي ٿو ته پڙهي ڪڙهي هوشيار ٿيندي. آخري وقتُ اچي ويو آهي، اَدي! آخري وقتُ ..... توبهه ڪريو، لٽيون! توبهه. الاجي ڪهڙا پيا اَڻ-ڏِٺا ڏينهن اَچن. ”تورو جيئَنداسين، جهجهو ڏسنداسين“، ٻيءَ ڳالهه کي وڌائيندي چيو.

”اَڙي، ڪارو ڪائيس. برقعو پائي بس ۾ چڙهندي آهي ته سمجهندي آهي بس، هاڻي مون کي ڪوبه ڪونه ٿو ڏِسي، هاڻي مان حفاظت ۾ آهيان. اَڙي، تنهنجي منهن کي ڪو ڪونهه ٿو ڏِسي سگهي، پر تون ته پرايَن مردن جا منهن ڏسين سگهين ٿي نه!“

توبهه، الله. منهنجي توبهه. شل اهڙا ڏينهن مَ ڏيکاريم.

ڳوناڻي زالن جي اِنهن تنقيد پري ڳالهين جو ئي ته اثر هيو، جو بصران جي ماءُ جهڙين مائرن پنهنجين نياڻين کي بلڪل نه پڙهڻ ڏنو. صفا جاهل رکيائون. هنن جي منان ڇوڪريون پڙهي وينديون ته ٻوئي ڪَري وينديون.

تنهن جي باوجود بصران ڳوٺ جي ننڍڙن ننڍڙن پڙهندڙ ڇوڪرن کان لِڪ ڇپ ۾ ڪجهه نه ڪجهه سکندي رهي. هاڻي هوءَ پنهنجو نالو ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه لکڻ جي قابل ٿي ويئي هئي. ته ڳوٺ ۾ ٻاهران آيل خطڙ و ڪاڳڙ آهستي آهستي ڪندي ڪندي پڙهي ويندي هئي. پر بصران سڀ کان وڌيڪ ڏيان پرت پرڻ تي ڏنو. هوءَ پرت پرڻ ۾ ماهر ٿي چُڪي هئي. پرت جو ڪو به اَهڙو ٽانڪو يا سيبو اَهڙو نه هيو، جو بصران نه ڄاڻندي هجي. ڳوٺ جون مايون وهانوَ-واڌائي ٽاڻي پنهنجي ياورن جي ونين جا سُهاڳ جا ڪنجرا يا گهوٽن جي موڙن جون پٽيون بصران کان ئي پرائينديون هيون. سندس هٿ اهڙو ته باريڪ ۽ سنهڙو هيو، جو جنهن به ڪپڙي تي سُئي رکندي هئي ته ڪپڙي

۾ جان پئجي ويندي هئي. سندس پيرت هر ڪنهن جي هردي کي ڪينچي وٺندو هو. هن جي پيرت ۾ جٽيل ٽڪون به پنهنجو متُ پاڻ هونديون هيون جنهن کي ڏسي ته بعض ماڻهن کي ته وشواس ئي نه ٿيندو هو ته واقعي هي ڪو هٿ جو پيريل پيرتُ آهي. ايڏي منجهس سلوڪت ۽ سودائي هوندي هئي. مجال آهي جو ڪٿي به ڪو ڦير گهير ٿيو هجي يا ڪو ڪڻُ يا سيبو آڏو ڏنگو ٿيو هجي!

سياري جو سِجُ اُڀري آڪاس ۾ اونچو چڙهڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. ماسي بصران گهر مان ٻهاڙي پائي، هاڻي گهر جي اوٽي تان ڪرو صفا ڪري رهي هئي. اوچتو هن کي هڪ جهوٻو آيو. هوءَ ڌو .... پٽ تي ڪري پيئي. هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هيِ ڇا ٿيو. هُن اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هيءُ ڇا؟ هن جو کاٻو پاسو سڄو چُرڻ کان چوڪ ٿي پيو هو. سڄو پاسو شل ٿي چُڪو هو. هن کي پنهنجي منهن ۾ به ڪجهه لعنت اچي وڃڻ جو احساس ٿيو. هن رڙ ڪرڻ چاهي، پر هوءَ ڪجهه زور سان ڳالهائي نه سگهي. سندس منهن به ڪجهه ڪجهه ڦڏو ٿي ويو هو. هن هٿ پير چوري سنئون ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پر هوءَ سنئي نه ٿي سگهي. ڳوٺ جي ڪنهن مائي جي هن تي نظر پيئي. هن هائي گهوڙا ڪئي جنهن کي ٻڌي ڳوٺ جو مايون ڇڙي آيون. سيني کيس هٿن تي کڻي گهر پيرو ڪيو. گهريلو دوا درمل ڪيائون. ڪبوتر ڪُڏي رتُ به مکيو ويو، پر ڪو خاص فرق نه پيو. ڳاڏيءَ ۾ کڻي کيس اسپتال پهچايو ويو. سندس بيماري وڌڻ کان ته رهجي ويئي پر لڳل ڏک ۾ ڪوُ فرق نه آيو. ڊاڪٽر جي چوڻ موجب اهو فالج جو حملو هيو.

هاڻي ماسي بصران ماڳهين مجبور ۽ لاچار ٿي پئي. نوڪري ڌنڌو يا ٻي ڪا آمداني ته اڳي گهٽ هئي. هوءَ جيڪو خوبصورت اهڙو پيرت پريندي هئي، تنهن کان به هاڻي رهجي ويئي ڇو ته ٻن

هوءَ بيحد متاثر ٿي.

هن پنهنجي پرس مان هڪڙو فارم ڪڍيو ۽ اُتي ئي اُهو فارم ڀُر ڪيو. هن ماسي بصران جو پرت پرڻ واري اَدا ۾ هڪ فوٽو بہ ڪڍيو ۽ ڪانٽُس هڪ، هن جي پنهنجي هڪڙي هٿ سان پريل ڪجو وٺي ضلع اُديوگ ڪنيدر معرفت دهليءَ موڪلي ڏنو.

نِرڻايڪ ڪميٽيءَ جا ميمبر واري واري ديش جي ڪُنڊ ڪُڙڇ کان آيل ڪلا ڪرتين کي اُتلائي پُتلائي معائنو ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي ڊائرين ۾ ڪي ضروري تفصيل ۽ نوٽس لکندا رهيا. جنهن جي هٿ مان ماسي بصران وارو ڪجرو ٿي نڪريو، تہ اُن جي حيرانيءَ وچان واتُ ڦاٽي ٿي ويو.

آخر انهن ڪلاڪرتين تي ڪجهہ چرچا هلي. سيني انهن ڪجري جو خاص ذڪر ڪيو. آخرڪار هُنن ڪجري کي اَوارڊ لاءِ پسند ڪرڻ جو سيني يڪراءِ فيصلو ڪيو. اُهو نئشنل اَوارڊ راشٽرپتيءَ جي هٿان ماسي بصران کي عطا ڪيو ويو، جنهن ماسي بصران بيساکين جي سهاري منچ تائين وڃي سويڪار ڪيو، جنهن کي وٺندي ماسي بصران اکيون خوشيءَ جي آنسن سان ڇلڪي پيئيون.

انهيءَ اَوارڊ نہ صرف ڪڇ کي گئورءُ ڏياريو هو، پر سڄي سنڌي جاتيءَ ۽ ثقافت جو بہ ڳاٽُ اوچو ڪيو هو. ماسي بصران کي هڪ هٿ سان مغرور ڏسي راشٽرپتيءَ جي مُنهن مان الفاظ نڪريا : واهہ ڀئي واهہ، يہ تو ايڪ هاٿ ڪا ڪمال هَي.''

◸◸

# چابِيُن جو چُڳو

— اُشا سارسوت

پوڙهي جمنا جي اکين ۾ چمڪ هئي. شام جو وقت هو. سندس ڏوهِٽي-ڪُنوار آشا هينئر اجا اَڱڻ ٻُهاري، پاڻيءَ جو ڇڻڪار ڪري، راتِ جي روٽيءَ جي تياريءَ ۾ لڳِي چُڪِي هئي. جمنا چَپوچوُرو ڪري کير جو گلاس کٽ هيٺان رکي هٿ سان چادر تي ڪِريل قرساڻ جا ذرا پاڻ ميڙي ميڙي هيٺِ ڦٽا ڪندي پئي ويئي. کيس چادر تي هِڪ بہ گهُنجُ يا ڪنهن شيءِ جو ڪٽو بہ هرگز پسند ڪين هو. کٽ تان ڪِريل قرساڻ جا ذرا ڪٺندڙ سندس آڱريون اجا بہ، هِن عمر ۾ بہ، ڇا تہ ڊوُلائِتيون هيون! ڊگهيون ڊگهيون اَڇيون جهڙيون ڪيڙُ؛ ٻُڌائي رهيون هيون تہ ڪنڌهرن جي عمارت ڪنهن وقت ٻُلند هئي تنهنجي گواهي اَڄ بہ وتانئُس ملي رهي آهي. هن جون آڱريون چادر کي سَهيڙي رهيون هيون ۽ سندس اکيون دوُر دوُر ٻنين جي پار ڊوڙنديون، بادلن کي چيرِينديون ماضيءَ ۾ گُم ٿي رهيون هيون....

عاليشان وڏو گهرُ- هيٺِ مٿي نهيل. ڪُشادو وڏو اَڱڻُ ۽ اَڱڻ جي وچ ۾ تُلسيءَ جو هِڪ ٻوٽو. روز هوءَ تلسيءَ تي ڏيئو ٻارِيندي هئي ۽ سنجها جو آرتي ڪندي هئي. وڏي عمر هوندي بہ منجهس سگهہ تمام گهٽِي هئي. گهر کي چمڪائي چنڊي ڦوڪي رَکائڻ جو تہ خاص شوق هوس. گهر ۾ نؤڪرن چاڪرن

جي ڪا ڪمي نہ هئي، پر رنڌڻو هن سدائين پنهنجي هٿ ۾
رکيو. ڪاڌو بہ اهڙو تہ سوادي ٺاهيندي هئي جو هرڪو پيو هٿ
چٽيندو هو، ۽ سيني کي ڪارائي هوءَ بہ آتمڪ سنتوش پائيندي
هئي. مٺيو-منڊي، پيسو- لٽو، اناج- گيهہ، ڏڌ-مکڻ سيني شين
جا ڀنڊار ڀريل. دل ايڏي تہ ڪشادي هئس جو بنا پڇئي پيئي
گهرجائُن جي مدد ڪندي هئي ۽ هنن جون گهرجون پوريون
ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽائيندي هئي. اِهو سڀ ڪجهہ هوندي
بہ هئي زبان جي ڏاڍي تِکِي. ٽوڪڻ ۽ گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان
ڪڏهن نہ گُسندي هئي، رڳو موقعو ملڻ جي دير هجي!

اوچتوئي ڪنهن موٽر جي هارن وڄڻ جو تيز آواز ٿيو،
هوءَ ڇرڪ ڀري خيالن مان ٻاهر نڪري آئي ۽ هُن جي منهن
مان هڪ ٿڌو شوڪارو نڪري ويو. هوءَ وري ٽُٻيءَ ۾ پئجي
ويئي.

تنهن وقت جو رواج هوندو هئو تہ پنهنجي نيات کان
ٻاهر نياٽي نہ ڏني ويندي هئي. براهمڻن ۾ خاص ڪري ٻارهي
۽ ٻاونجاهي جو ڏاڍو چڪر هو. نياتي گهر ۾ پرڻائڻ لاءِ عمر کو
بہ مطلب نہ رکندي هئي. جمنا بہ اِنهيءَ ڪُهنيءَ ريت جو ٻڪُ
ٻڌجي ويئي. تيرهن سالن جي مس هئي جو سندس شادي هِڪ
ڪرڙوڙي، پر نياتي براهمڻ سان ڪرائي ويئي! ڪيڏو نہ قهر
هو، هِڪ نماڻي، نازڪ ڪومل گُل وانگر ٽڙندڙ ڪليءَ سان!
جمنا جي شڪل شبيہ ۽ روش، راجڪمارين کي بہ شرمائيندڙ هئا.
اَڇو ڪير جهڙو رنگُ جنهن ۾ ڄڻ تہ گُلاب مليل هجي، گُلابي-
گُلابي ڳل ڄڻ تہ برف جي مٿان ڪنهن سِنڌُر اوتي ڇڏيو هجي.

شاديءَ کان پوءِ جمنا ڪجهہ ڏينهن ساهرن ۾ رهي، پوءِ
واپس نتي پيڪن ۾ آندي ويئي. الهڙ جمنا کي ڪا بہ خبر نہ
هئي تہ هن سان ڪهڙو وئل ٿي ويو آهي. سڄو وقت اُڇا ريشمي
ڪپڙا، مٺيو منڊي پائي پيئي نچندي هئي. ٻن سالن کان پوءِ
جمنا کي ساهرا وٺڻ آيا. مائٽن جي اڪيلي ڌيءُ جمنا، ڏاڍي لاڏ
ڪوڏ سان پليل هئي. نڪو هوس ڀاءُ نڪا ڀيڻ. چاچي جي پُٽن

مهينن کان پوءِ کيس هِڪ ڏيِءُ ڄائي، جڻُ تہ ڪو پريءُ جو بچڙو هجي. پر جمنا کي ڪا خاص خوشي ڪانہ ٿي، ڊپُ دائمي ڏيرو ڪري هن جي من تي ڇانيل هو تہ ٻار ٻچندو بہ ڪين نہ. مٿان وري وڏوا هٺَڻ ڪري ڪيس سڄو وقت ٿڌن پٽنِ تي سُمهڻو پوندو هو، نڪا تيل-مالِش، نڪي آل-ويائيءِ لاءِ ڪاڏو خوراڪ. اِنهن مصيبتن هٺي هن جي پُٺيءِ ۾ ڪُٻُ ڪري ڇڏيو ۽ سُهٽي سُندر جمنا کي هلڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي. آهستي آهستي هوءَ جهڪي ڪري هلڻ لڳي. هنجو ڪنڌو ٻاهِر نِڪري آيو هو. مُڙسَسِ جي ملڪيت هئي آٽاهہ، سو جمنا بہ ڏير سان لڙي جهڳڙي ڏار ٿي. هاڻي هوءَ خود مختار هئي. پنهنجي ڏيءُ کي ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پالِيندي هئي.

گُماشتا ايندا هئا، اڪيلي وڏوا زال-مٿان وري ڪو بہ وڏو چوڻ وارو هوئي ڪونہ سو هن جي من مرضي ويئي وڌندي. گوميءَ کي تہ ڏنو نہ سهندي هئي، پر مدد ضرور ڪندي هئس جو گهوٽس پارت ڪري ويو هوس؛ باقي اوتري ئي مدد ڪندي هئي جنهن مان هنن جو رڳو پيٽ گُذران ٿي سگهي.

...                ...

جمنا جي منهن مان هِڪ ٿڌو شوڪارو نڪري ويو، پر هاڻي پڇتائِڻ مان ڇاٽي وريو واپريو. کيس ڪلَ تہ ڪانہ هئي تہ ڪو سڀ ڪُجهہ ڇڏي ڪري هيِنءَ پڄڻو پوندو. پاڻيءَ جو گِلاس ڪٽي ڪري هن بہ ٿي ڍُڪ پاڻي پيِتو ۽ وري ماضيءَ ۾ گُم ٿي ويئي.

پيڪن ۾ ويندي هئي تہ ڀاڄاين کي ڄڻ تہ تپائي ڪٽندي هئي. ڀائرن کان مارون ڪارائِڻ، پاڻ دٻون ڪڍڻ هن جو روزانو ڪم هو. زال مڙس کي گڏ ويٺل ڏسي، يا ڪنو خوش ٿيندو ڏسي هوءَ ڪڏهن بہ سهي نہ سگهندي هئي. تنهن ڪري ڪو بہ نہ چاهيندو هو تہ ڪو هوءَ سندن گهر اچي. پر ٻارن سان هن جو تمام گهڻو موهہ هوندو هو، جڏهن بہ پيڪي ويندي هئي تہ سڀني لاءِ قيمتي سوکڙيون ضرور کڻي ويندي هئي،

ڪري هن جي آتما تريپت ٿي هئي. گوميءَ به ڏاڍا ٿورا مڃيا ۽ ٻڌايائين ته ڪيئن پاڻ ڏتڙيل حالت ۾ هئا. ڪِڪي پڇڇي ڪري وقت تي مدد ڪئي. ايترن سالن ۾ ته گهر جي حالت ئي زبون ٿي ويئي هئي. هاڻي مرمت چالوُ آهي ۽ پاڻ پنهنجن ڇهن ئي ٻارن سان اُتي ئي رهي پيئي آهي. ڪٻٽ مان ٻنين جا ڪاغذ مليا. ٻنيون هاڻي سندن نالي تي ٿي ويون آهن. ياٿوءَ (ناني) جي ڪري ئي وڏيرو دين محمد هنن لاءِ ڀال ٻٽيو ٻيڻو هئو جنهنجي ڪري ئي سندن گهر ٻچي سگهيو ورنا، اَلائي ته ڪهڙي حالت ٿئين ها! وغيره وغيره.

به لُڙڪ لڙي اچي اَچن لتن ۾ گُم ٿي ويا. اندر ۾ ٿورو پڇتاءُ، پر گهٽي خوشي هئس. پڇتاءُ هو ته وقت ضرورت تي مون هنن جي بلڪل به مدد نه ڪئي. اِنهيءَ ساڳيءَ ملڪيت مان هڪ ڪاڻي ڪوڏي به ڏيڻ لاءِ تيار نه هئس. خوشي اِنهيءَ ڳالهه جي ته چڏيل ملڪيت جا وارث وري به ست-ڏاريا نه، بلڪ پنهنجا ئي ڪُٽنبي ٻٽيا هئا.

پورا به ڏينهن هن ڏوهٽي ڪان ڪوٽي ڪوٽي اُتان جون ڳالهيون پڇيون هيون. گوميءَ ناني وارو حقو ڏياري مُڪو هئو، جيڪو اجا به نانيءَ جي ڪٽ تي رکيل هئو. ڏوهٽي ٻڌايُس ته سِنڌ جون حالتون تمام بدلجي ويون آهن. جڏهن هو گوميءَ وٽ گهر پهتو ته سندس ڪٽنب ڏتڙيل حالت ۾ هو. گهرُ چاهي وڏو ۽ عاليشان هئو، پر وٽن ڪاڏي لاءِ ڪجهه به نه هئو. گوميءَ جا به وڏا پٽ خسيس نوڪري ڪري پيا ڪٽنب جو پيٽ پاليندا هئا. وري به شڪر جو سڀ گڏيل ڪٽنب سان هئا ۽ رُکو سکو ڪائي به پاڻ ۾ سؤنپ سان پئي هليا.

”تو پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪٻٽ کولي ڏنا؟“

”ها، مون چاٻين جو ڇُڳو ڪڍي، پنهنجن هٿن سان ڪُلف کوليا. اکيچار چانديءَ جا ٻاسڻ ۽ ڳهڻا ڏسي ڪري سيني جون اکيون ڦاٽي ويئون. مون راتِ جو سيني سان ملي

# پريم جي پيچري تي

—— رتن ڏيواڻي

گوپالداسَ کي حيدرآباد سنڌ ۾ بوتن جو سٺو دڪان هو. ڪمائيءَ ۾ ڪمي ڪانہ هئس. هر ويل ٻہ چار گراهڪ بيٺا ئي هوندا هئس. لاشڪ، زندگيءَ جي سکن جو ڪافي ساٿ هوس، پر دلي خوشين کان محروم هو. سندس جيوَن ساٿڻ سَدوري ٿائي، جوانيءَ ۾ ئي جُدائيءَ جو ڏنپ ڏئي ويئي هئَس. پر نِشانيءَ طور هڪ سُندر سوپياوان ڪِڪيِ ڪَڇ ۾ ڏئي ويئي هئَس. گوپالداس پنهنجيءَ ڪِڪيِءَ کي اَتيِ پيار ڪندو هو. سندس هرڪا ڳالهِ مڃيندو هو. راڌان اسڪولي تعليم پوري ڪري ڪاليج ۾ داخل ٿي هئي. گوپالداس جي هاڻ اِها ئي چاهنا هئي تہ راڌان کي جيترو جلد شينهن ڪُلهي چاڙهي، اوترو سٺو. راڌان کي دل گهُريو ور ملي تنهن کان اڳ مذهب جي خيال کان ڀارت جا ٻہ ڀاڱا ڪيا ويا. سنڌ سڳوري ملي پاڪستان کي. هِندن جي لڏپلاڻ شروع ٿي. ڪي ڪٿي، ڪي ڪٿي. خون-ريزي روزانو واقعو هئي. سنڌين سنڌ ڇڏي، ڌارين سنڌ والاري. پنهنجا ٿين پراوا، پراوا ٿيا پنهنجا. سنڌي هندو ڀارت ۾ ڀٽڪڻ لڳا. ماني ٽڪر لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳا. گوپالداس ۽ سندس ڪڪي راڌان مُمبئيءَ پهتا.

هوُ ڪئمپ ۾ پناهگير ٿي داخل ٿيا. ڪئمپ ۾ رهندي گوپالداس حالتن جو جائزو ورتو. وقت پئي سرڪار کان قرض وٺي بوٽن جو دڪان کوليائين. مفت جو ڪاڏو ڪاڻ ڇڏي پنهنجي لاءِ هڪ ڪوٺي مسواڙ تي ورتائين. راڌان کي رڌڻ جو شؤنق هو، سو ڪاڏي جي ڪابہ ڏکيائي ڪانہ ٿين. راڌان جي دلي خواهش هئي تہ ڪنهن ڪاليج ۾ داخل ٿي، گهٽ ۾ گهٽ B.A جي ڊگري حاصل ڪري. پر ڪاليج گهڻو پري هو ۽ سنڌين لاءِ وايومنڊل خون خطري کان خالي ڪونہ هو، پر پڙهڻ جو شونق هوس. اِن ڪري نانا پرڪارن جي وشين تي ڪتاب خريد ڪري پڙهندي هئي ۽ دماغ کي درست رکندي هئي. جوانيءَ ۾ علم وڌيس تہ حسن بہ ٻٽي ڪونہ رهيو. سونهن وڌندي رهيس ۽ اُن سان گڏو گڏ گوپالداس جي چنتا. ڌيءُ لاءِ ڪو لائق وَرُ ملي تہ هوُ چنتائن کان ڇٽي. پر لالاٽ ۾ لکڻ واري قلم هٿ ۾ ڪونہ ڪنيو هو.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو هليو. ڪن کي خوشيون، ڪن کي ڏک، روئڻ-پٽڻ وغيره. مُند بہ ڦيرو ڪاڏو. ساوڻ جا ڏينهن آيا. ميگهہ ديوتا، روز تازو توانو ٿي، نوان نوان وستر پهري، بادلن کي جهول ۾ جهليندو، آسمان جو سئر ڪرڻ نڪرندو هو. هڪ ڏينهن سورج ديوتا ناراض ٿيو؛ منهن موڙيائين. گهٽي گهٽان ٿي. هر ڇهري تي پگهر جا نيسارا وهڻ لڳا. مينهن ديوتا موج ۾ اچي کيلڻ لڳو. جوانن وَ جوانڙين کي اکين جا اِشارا ڪرڻ لڳو — يارو! اَچي ملو مون سان! راڌان کان بہ رهيو نہ ٿيو. سهي سنيري، پر واري پارڪ ۾ پهتي. پارڪ جي ٻيءَ ڪُنڊ تي ڪالي ماتا جو ننڍڙو مندر هو. پوڄاري روزانو صبوح-شام پاٺ پوڄا ڪرڻ ايندو هو. شرڌالن جي بہ ڪمي ڪانہ هئي. راڌان اچان پارڪ ۾ اندر پهتي تہ گجگوڙ ٿي. وڄ جا چمڪاٽ ٿيا ۽ برسات پنهنجو جلوو

نڪتا : ماتا، معاف ڪر. ماتا، معاف ڪر.

برسات بند ٿي. شرڌالو مندر ۾ اَچڻ لڳا. پوڄاريءَ جي هيءَ حالت ڏسي ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳا. ننگو ٿيو سمهيو پيو هو. اکيون بند، وات مان گش ۽ اُهي ئي اکر 'ماتا معاف ڪر'. ڊاڪٽر ڏانهن ماڻهو ڊوڙيو، پر ڊاڪٽر جي اَچڻ کان اڳ ئي پکيءَ پرواز ڪيو. صبوح سوير پوڄاريءَ جو مڙهه کٽي، ماڻهو هليا مَساڻ. هر وات اِها ئي هئي وائي ته پوڄاري پهتل هوا ماتا درشن ڏنو هوس. ايتري قدر جو اخبارن ۾ اِها خبر ڇپي ته هن مندر جي پوڄاريءَ کي ديوي ماتا درشن ڏنو هو. راڌان اِها خبر پڙهي وهاڻي ۾ منهن وڌو. مُشڪي يا پنهنجيءَ زندگيءَ تي روئي! ڏسو قدرت کي ڇا منظور آهي.

ٿورن ڏينهن پڇاڻا، راڌان ڏنو ته سندس دريءَ وٽ ڪو شخص روزانو هڪ گلدستو رکي ٿو وڃي. هيءَ وري. ڪهڙي آپدا پئدا ٿي! پيءُ کي ساري خبر ڏنائين. پٽس پاڙي مان پُڇا ڪئي. هڪ نوجوان سرڪاري آفيسر سندس گهر جي پرسان واري بنگلي ۾ رهندو هو. اَڪيلو هو. وٽس ڪڏهن ڪنهن کو پار ٻچو يا زال ذات ڪانه ڏٺي هئي. سيني سان منو ۽ فضيلت سان ڳالهائيندڙ هو.

هڪ ڏينهن راڌان سويل پرو اُٿي اچي دريءَ وٽ ويٺي. پاءُ پلڪ به ڪونه گذريو ته ڪنهن گلدستو رکيو. يڪدم راڌان اُن هٿ کي پڪڙيو.

''اَوهين ڪيرُ آهيو؟''

''محبت جو ماريو.''

''اَندر اچو.''

جوان اَندر ڪمري ۾ آيو. اِشارو ملندي ڪوچ تي ويٺو. راڌان پڇيس ته اَوهين ڪهڙيءَ مُراد سان روزانو گلدستو رکندا آهيو؟

”پيار جي نشاني پيش ڪندو آهيان“ هُن چيو.
”اَوهين مون کي پيار ڪندا آهيو؟“ راڌان پڇيو.
”ثبوت جو ضرور هجي ته پيش ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان.“
راڌان اُتندي چيو : مان پيٽَ سان آهيان.
”مان اُنهيءَ بالڪ جو پتا آهيان.“ هُن چيو.

راڌان کي سِر ۾ چڪر آيو. آيل جي گود ۾ ڪري پيئي. گلابي گل کي چُمڻ کان مهمان پاڻ روڪي نه سگهيو. چپ چپن سان مليا. راڌان سُجاڳيءَ ۾ پاڻ کي هن حالت ۾ ڏسي ڏڪي ويئي : ”معاف ڪجو.“
”هن هڪ لحظي لاءِ جيءُ جهان به قربان“ موت ۾ جواب مليو.

وقت پنهنجي رفتار ۾. راڌان جي شادي ڪرشن سان ٿي. ڪرشن کي ڪو ويجهو مٽ مائٽ ڪونه هو. شادي لال سائين مندر ۾ ٿي.

راڌان ڪتابن ۾ پڙهيو هو ته ٻار جڏهن پيٽ ۾ هجي تڏهن روزانو صبح سويل ڪنهن سهڻي دلڪش تصوير ڏانهن ڌيان سان ڏسڻ گهرجي ته ٻار اهڙوئي سهڻو پيدا ٿيندو. اِنهيءَ سبق پڙهندي هوءَ روزانو صبح جو اَڌ ڪلاڪ ڪرشن کي پنهنجي سامهون وهارِيندي هئي. سبق سچو نڪتو. ٻار پيدا ٿيو سندس روش مهانڊو ڪرشن جي مُهانڊي سان مليو ٿي. ناني گوپالداس کي سيني کان وڌيڪ خوشي ٿي. راڌان بود ۾ آئي. حسن ۾ اِضافو آيو.

بالڪ جو نالو نڪتو جواهر. اَج ننڍو سُيان وڏو. اِنجنيئرنگ جو اِمتحان گهٽي قابليت سان پاس ڪيائين. ماءُ پيءُ بهار بهار هئا، خوشين ۾ نه پئي ماپيا. هڪ شام راڌان ۽ ڪرشن موٽر ڪار ۾ سئر سفر ڪندا خوشيءَ جون ڳالهيون ڪندا

پي گهر موٽيا تہ رستي جون لائيٽس اوچتو بند ٿي ويون. سامهون ايندڙ مال سان ڀريل ٽرڪ راڌان جي ڪار مٿان چڙهي ويئي. راڌان ۽ ڪرشن موٽ جو شڪار ٿيا. پوليس آئي، پڪڙ پڇاڙ ٿي. خون جو ڪيس ڪورٽ ۾ داخل ٿيو. ٽرڪ ڪنهن تمام نامور ۽ وڏي ڪمپنيءَ جي هئي. ڊئريڪٽرن جو نالو سرڪار وٽ عزت سان پيش ايندو هو. اُنهن درخواست وڌي تہ اِنهيءَ خوني حادثي لاءِ هنن کي گهڻو ڏک آهي. موٽ جي عيوض هو ڪرشن جي پٽ جواهر کي هڪ لکُ رپيا روڪ ٿا ڏين ۽ کيس پنهنجي ڪمپنيءَ ۾ پنج هزار رپيا مهيني پگهار سان مئنيجر ٿا مقرر ڪن. کيس بنگلو پڻ بنا مسواڙ جي ڏنو ويندو. ڪورٽ اِنهيءَ تي ويچار ڪري تنهن ڪان اڳ جواهر کي هڪ لک رپين جو چيڪ ۽ نوڪريءَ جو آرڊر پهچي ويو.

جواهر پنهنجي قابليت ڏيکاري وڏي عهدي تي پهتو. سندس بنگلي پرسان هڪ شاهوڪار سنڌي واپاريءَ جو گهر هو، جتي سيٺ هرومل ۽ سندس ڌرم پتني موتل ٻائي ۽ سندن هڪ سهڻي ڌيءَ مومل رهندا هئا. پهرين تہ هڪ ٻئي ڏي نهاريندا بہ ڪين هئا، پر پوءِ سُئيءَ سَڳي کي سيريو. مومل جڏهن ڏسندي هئي تہ جواهر ٻاهر پنهنجيءَ ڪار وٽ بيٺو آهي تہ پاڻ بہ ٻاهر ايندي هئي ۽ نمستي ڪندي هئس.

هڪ ڏينهن مومل وجهہ وٺي جواهر کي چيو تہ ''اَڄُ منهنجي ڪار خراب ٿي پئي آهي، لفٽ ڏيندين؟''

''ڇو ڪين! مان نوين بجي آفيس لاءِ تيار ٿي ايندُس، تون بہ انهيءَ وقت اچج.''

مقرر ٿيل وقت تي مومل جواهر جي ڪار وٽ اچي بيٺي ۽ جواهر پڻ حاضر ٿي ويو.

''يلا تون پوئينءَ سيٽ تي وهندينءَ يا اَڳينءَ تي؟'' جواهر پڇيو.

مومل ماءُ منجهي پيئي. اَصل وائڙي تي ويئي. چيائين، ”تو نياپو موڪليو نہ؟“

”مونکي تہ اجا پنج ڇهہ ٻيون بہ ڇوڪريون ڏسڻيون آهِن. اِهو بہ ڏسڻو اَٿم تہ مومل گهر جهالائو ڇوڪري آهي يا نہ. گهر جو ڪمڪار ڪري سگهندي يا رڳو نوڪر تي ڀاڙيندي؟“

ءُ متي تي هٿُ هڻي موتل ٻائي ٽڪڙو ٽڪڙو ڏاڪڻ لهي اَچي گهر پيرو تي. مومل کي طعنو هڻي چيائين، ”ٻڌءِ نہ؟ چوندي آهين تہ ’منهنجيءَ آڱر ۾ ٻڌو پيو آهي.‘ هو تہ اَجا پنج-ڇهہ ڇوڪريون ٻيون بہ ڏسندو، تنهنجي بہ آزمائش لهندو. پوءِ جا پاڳہ پوءِ سان! خبردار تي. ڏيءُ ڏڻ آهين! هڪ مان ٻي نہ تي پوي.“

ٻئي ڏينهن سڄ ڪني بہ ڪانہ ڪڍي هئي تہ در تي ڪڙڪو ٿيو. مومل اَندر آئي. پراٺي ساڙهي پيل هئس. ”ڪاڪا! ٻهاري ڪٿي رکي آهي؟“ جواهر وائڙو ٿي ويو.

”چا پئي چئين؟ چانهہ جو ڪوپُ پي تہ دماغ جاءِ اچيئي!“

”منهنجو دماغ تڏهن جاءِ ايندو جڏهن توکي ڪم ڪار ڪري ڏيکاريندس تہ مان بہ گهر جهالائو آهيان. گهر جو سڀ ڪم ڪري جاڻان.“

جواهر کان ٺهڪ نڪري ويو. اُٿندي ئي مومل کي ڀاڪُر ۾ ڪٽي پلنگ تي سمهاري مٿانس چڙهي وينو.

”بي شرم هي چا تو ڪرين؟ ڪنواري ڪنيا مٿان چڙهي وينو آهين؟“

”منهنجي پٽ راڻي! تو شايد ڪوي ڪاليداس جو دنيا ۾ مشهور ناٽڪ شڪُنتَلا ڪونہ پڙهيو آهي. ڏاچي هٽي ڏهہ توڏو هٽي تيرهن. هاڻي اُٿُ، آفيس جو وقت پرجي آيو آهي.“

”توکي تہ اَجان پنج ڇھ ڇوڪريون ٻيون ڏسٽيون آهِن نہ؟“

مومل جي ڳِل تي چڪُ پائيندي جواهر جواب ڏنو، ”ماڻهين جو هيِ باڪسَ ڪٺيِ آئي، تنهن کي ڇا چوان؟“

”منهنجيِ ماءُ تہ پوتخاني ۾ وهارڻ جهڙيِ آهي. ڇڱو تون سنان تي وڃُ، مان تيِ باڪسن جو نيڪال ڪريان.“

هڪ باڪس حلوي جيِ ڏنائين ڪاڪي ڪرمچند کي، ”ڪاڪا! هيِ حلوو، ديوان جيِ مٺّي جو آهي.“

”واڏايون هُجنيِ.“

”هيِ بہ پيٽيون باداميِن ۽ پستن جي مٺائيِءَ جون.“

رکُ فرج ۾. روز شام جو چانهہ وقت ڏجانسِ. چار پيٽيون مٺائيِءَ جون ديوان جي آفيس ۾ ڪٺيِ وڃُ. بہ سندس آفيسرن کي ۽ بہ ٻئي عملي کي. انهن کي ٻُڌائِج تہ ديوان جو پلئہ تتيِهر پکيِءَ سان اَٽڪيو آهي!“

... ... ...

مزي سان شاديِ ٿيِ. چاچين ماچين، جِن بہ جوڙو ڏٺو تن سيني ساراهہ ڪئي. سينيِ جو اِهوَ رايو هو تہ ايشور مومل پيدا ڪئي هئيِ خاص جواهر لاءِ. حسن جيِ هاڪ هئي.

وقت پئي چمن ۾ بہ گُل ڪِڙيا - جاڙا ٻار — هِڪُ ڪِڪو ۽ هِڪَ ڪِڪيِ. اَڄُ نندا سُيان وڏا. اِسڪول ۾ داخل ٿيا.

هڪ راتِ جواهر ترندو گهر آيو. مومل جاڳيِ پي. چيائينسِ، ”سياڻي مان ڪمپنيِءَ طرفان هڪ هفتي لاءِ اَميريڪا ويندُس. جي ڪم ٺيِ ويو تہ ڪمپنيِ مونکي ورڪنگ پارٽنر مقرز ڪنديِ. تون موڪل ڏيندينءَ نہ؟“

مومل ڪهڙو جواب ڏئي. جواهر جي گود ۾ ليٽيِ پيئي. جواهر اَميريِڪا پهتو. روز راتِ جو مومل سان بہ ٽي منٽ ڳالهائيندو هو.

”سُپاٽي هوائيِ جهاز ۾ نڪرندس ۽ پرينهن اِتي تو وٽ.“ مومل کي موبائيِل فون تي آواز آيو، ”جاني، باقيِ ٻه ڪلاڪ.“

اُن وقت دهليِ دوردرشن تان خبرون اَچيِ رهيون هيون. اوچتو نوين بجي انگريزيءِ ۾ خبر آئيِ :

**’هندستان جو هوائيِ جهاز جيڪو نيوُيارڪ کان نڪتو هو، جنهن ۾ ١٧٣ مسافر هئا اُهو اوچتوئيِ سمنڊ ۾ ڪِري پيو. جاچ هلندڙ آهي.‘**

مومل خبر ٻُڌڻ سان ٽي.ويءَ وٽِ ئيِ ڪِري پيئي. ٻارن هاءِ گهوڙا مچائي. ڪاڪو ڪرمچند ڇا ڪري. مومل جيِ ماءُ آئي، اوڙي پاڙي جا سڀ مرد زالون آيا پر صبح جو سويل مومل جو جنازو نڪتو.

◳ ◳

# وحدت الشهود جو نظريو

## حصو ٻيون

— تاجل بيوس

ڪاڻي ڪاميان ڪرمو، چوڏس چِٽاڻو
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڌاڻو
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهِ ڪو. (شاهه)
آءٌ اصل ۾ پاڻي آهيان، ڪينَن تا سمنبِ سڏِن
نانءُ مَتِم ناحق جا، رکيا اَلاجي ڪِن. (سچل)
ٻيڪ ڏري آيو، خاوند پاڻ خلق ۾،
چاهه ورائي چت سان، نانا رنگ لايو،
ڳِڻتيءَ ليکي ڪون پري، اَچرجُ ماچايو،
سامي سَمايو، نيارو رهي نَپ جيان. (سامي)

وحدت الوَجوُد جي نظريي کي جڏهن پنج سؤ (٥٠٠) سال گذريا، تہ ١٩٧١هہ ۾ سَرهِند ۾ جنم وٺندڙ شيخ احمد مجدد الف ثانيءَ هجري يارهين صديءَ ۾ تصوف جو ”وحدت الشهود“ وارو نظريو پيش ڪيو، جنهن وڏي غور ويچار کان پوءِ خالق ۽ مخلوق جي ذات ۽ صفات ۾ سَئو سيڪڙو فرق ڪندي ”همہ از اوست“ جي مسلڪ دنيا جي صوفين ۽ ويدانتي لوڪن آڏو رکيو. ’همہ از اوست‘ جي معنيٰ آهي ”سڀ ڪجهہ اُنهيءَ يعني خالق اَڪبر کان آهي.“ هتي مطلق هستيءَ جي حيثيت خلقيندڙ ۽ انسان جي خلقيل واري وجي

بيھي ٿي، جنھن جو مطلب صاف ظاھر آھي تہ ھڪ کي حيثيت خدا واري ۽ ٻئي لاءِ ٻانھپ يا عبديت واري حد مقرر ڪئي ويئي.

مجدد الِف ثاني قرآن جو حافظ ھو، جنھن بعد ۾ دهليءَ ۽ آگري ۾ بہ تعليم حاصل ڪئي ھئي. مذهبي ۽ مسلڪي مامرن ڪري، مغل بادشاہ جھانگير، پنھنجي وڏي وزير آصف جاہ جي چوڻ تي، شيخ احمد کي قيد ڪرائي، ڪيس پورا ٻہ سال گواليَر جي جيل خاني ۾ رکيو ھو، جتان بعد ۾ ڪن شرطن تي ڪيس آزاد ڪيو ويو ھو.

”وحدت الشھود“ جو خاص نقطو ھن طرح آھي تہ خدا ھن عالم ناسوت ۾ معبود ۽ خلقيندڙ جي حيثيت رکندڙ آھي ۽ انسان کي خالق اڳيان بندي وارو درجو مليل آھي، جنھن کي ھن مادي دنيا ۾ ”عبديت“ جو پوش پارائي، ظاھر ڪيو ويو آھي. ھن نظريي جا مختصر ھيٺيان اُصول آھن :

(۱) خالق ۽ مخلوق ٻہ جدا وجود آھن.

(۲) ممڪنات يا ممڪن (بندو/مخلوق) کي خالق پاڻ مان نہ پر عدم مان پيدا ڪيو آھي. ائين چئجي تہ ذاتي تعليٰ جي ذاتي طاقت ۽ جلون ”ممڪن“ کي عدم (شُونيہ -Nothingness) مان وجود ۾ آندو آھي.

(۳) انساني وجود خالقِ اڪبر جي وجود کان ھڪ جدا وجود آھي.

(۴) ذاتي تعليٰ مخلوق جو محتاج ناھي، پر مخلوق سندس محتاج ۽ آسروند آھي.

(۵) حقيقي توحيد ھن طرح آھي تہ ذات ۽ صفات کي شريڪ ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي.

(٦) توحيد پاڻ معبود آھي ۽ مخلوق ”عبديت“ جو پوش پائي اڳتي وڌي ٿي.

(٧) اِهو غلط آهي تہ ”ممڪن“ اِمڪان جون حدون لتاڙي وڃي وجود اڪبر تائين پهتو. ”ممڪن“ ڪڏهن بہ پنهنجي امڪان جي حدن کان ٻاهر نٿو نڪري سگهي.

(٨) اِهو بہ غلط آهي تہ ”ممڪن“ اِمڪان جون حدون لتاڙي وجود واحد تائين وڃي پهتو، جنهن کي **”معراج“** ٿو چئجي. اِهو ”عنيت“ جو نہ، پر ”عبديت“ جو ڪمال آهي، جنهن ۾ تيون وجود رسالت جو اچي ٿو وڃي.

هيٺ شاھ، سچل ؒ سامي ءَ جا بيت ڏجن ٿا، جن ۾ وحده الشهود جي ”همہ از اوست“ جو رنگ پريل آهي –

انا عبد، معبود تون، نڪو شرڪ نہ شڪ
پڇارون پرين جون، محبتيُن مَرڪ
سو سيوئي حق، جنهن ۾ پسڻ پرين کي. (شاھ)

ستر ڪر ستار! آءٌ اُگهاڙي آهيان
ڍڪين ڍڪڻهار! ڏيئي پاند پناھ جو. (شاھ)

ساراھ ڪر سُبحان جي، مولي جو ملڪن
مڙيو ئي محفوظ ڪيا، ڏسو ڏيھ ڏٺيُن،
ڪي ڪامل ڪرسيءَ تي چڙهي، وهوا واعظ ڪن
ڪي پڙهيا پاڻ پُرجهہ سان، ٻهون پڙهائن
سَوين سبق ڏين، ڪي ڪاتب ڪتابن جا. (سچل)

بي انتَ جو اَنتُ، ڪنهين پاتو ڪينڪي
سمجهي ڪو **سامي** چئي، سُجاڪو سَنتُ،
ڏنو جنهن اکين سان، پيد بنا پگوَنتُ،
جيئن ڪامڻ پائي ڪنتُ، رَتي وَتي رنگ ۾. (سامي)

هيٺ اَسان تاجل بيوَس جون ٻه ڪافيون ڏيون ٿا، جن مان اسان کي مؤجوده وقت جي سائنسي، جديد ۽ ترقي پسند لاڙن جي خبر پئجي سگهندي :

(۱)

پاڻَ آيو پاڻَ مان، وينو پاڻُ ڳولهي پاڻ ۾
آسمانن کان اوچو، ڪيئن ماپندو مهراڻ.
پاڻ باطن، پاڻ ظاهر، پاڻَ غائب، پاڻ حاضر،
”ڪُن“ چئي ڪيئن قيد ٿيو، هڪ الف جي اُهڃاڻ ۾.
پاڻ مالڪ، پاڻ خالق، پاڻَ صاحب، پاڻ سالڪُ،
پوءِ پلا ڪيئن آهي ٿاتو، ميمَ جي مانداڻَ ۾؟
پاڻ مؤمن، پاڻَ ملحد، پاڻَ ”بيوَس“ پاڻ بيحد،
بي-مثل، بي-جون آ، ماپي نٿو هِڪ ماڻَ ۾.

(۲)

پاڻُ لِڪائي آءٌ نه جاڻان،
آهيان بس اِنسانُ.

ڌرتي منهنجي دنيا، عقبيٰ،
هِتِ ئي آهيان، اعليٰ ادنيٰ،
مِٽي منهنجو مانُ.

اَندر باهِر پاڻ ئي آهيان
احد ۽ احمد ڪيئن سڏايان
رام، نڪي رحمانُ.

جوئي آهيان، سوئي آهيان
ريءُ آدم، ٻيو ڪوئي ناهيان
اَنُ آهي ايمانُ.

فرشي آهيان، عرشي ناهيان
روز ازل کان ”بيوَس“ آهيان
پوڻُ سَڄيءَ جو پانُ
(همه از اوست وارو رنگ)

# تصوف جو ماڊرن ۽ پوسٽ ماڊرن نظريو

متئين عنوان جو مطلب تصوف جو جديد ۽ موجوده نظريو آهي، جنهن کي اَسان تصوف جي اوائلي ۽ روائتي نظريي سان ڀيٽي سگهون ٿا. ظاهِر آهي تہ اَجوڪو اِنسان ڪيترين ئي فرسوده روايتن کي اَلائي تہ ڪٿي ڇڏي، هتي پهتو آهي. هونءَ بہ روايتن سان بغاوت ڪري، زندگيءَ جي هر شعبي ۾ جديد قدر ۽ سائنسي حل تلاش ڪرڻ، جيڪڏهن مسلمانن ۾ گهٽِ سياوِڪ رهيو آهي، تہ يوروپي ماڻهن ۾ اوتروئي اَتل ۽ سياويڪ رهيو آهي. ٻيءَ صورت ۾ زندگيِ ۽ زندگيءَ جا وَهنوار بيٺل پاڻيءَ جي سينواريل تلاءَ جهڙا رهجي ٿا وڃن. ڪٿي وري ائين بہ ڏٺو ويو آهي تہ مذهب اِنساني ترقيءَ ۾ وَڏي ۾ وڏي رڪاوٽ ثابت ٿيندو رهيو آهي، جيڪو سماج کي هڪ هنڌ بيهاري (stagnant) ٿو ڇڏي.

اَسان يوروپ ۾ اميريڪا جي ماڻهن تي نظر وجهنداسون، تہ خبر پونديِ تہ يوروپ جو ماڻهو زراعتيِ سماج (Agrarian Society) مان نڪريِ، زرعيِ صنعتي سماج (Agro-industrial Society) ۾ داخل ٿيو هو، جنهن کان پوءِ اساسيِ صنعتي سماج (Classic Industrial Society) مان ٿيندو، سرمائيداريِ سماج تي پهتو ۽ ايئن جديد سرمائيداريِ نظام (Modern Capilatist System) کان ٿيندو موجوده سرمائيداريِ سماج (Post-Modern Capitalistic Socity) ۾ داخل ٿيو آهي. جنهن جو پيرو ويهين صديءَ جي آخري چوٿائيءَ کان ڪجهِ سگهي ٿو. هاڻي تہ ايڪيهين صديءَ ۾ پير پائڻ سان يوروپ توڙي اميريڪا ترقي يافتہ سرمائيداريِ سماج (Advanced Çapitalistic Socity) جي چار ۾ قاتل نظر ٿو اَچي، جنهن ۾ تهذيبيِ ڏيوالپڻو ۽ حد کان وَڌيڪ فحاشي (Absurdity) خاص تنقيد جوڳا عنصر بہ ملن ٿا.

هوڏانهن يوروپ ۽ اميريڪا جي تجديدي عمل (Renovational process) تي نظر وجهبي تہ خبر پوندي تہ اَسان اُتي بيٺل نظر .

ايندا سون. پر يوروپي ملڪ اَدب، مصوري، سنگيت، سنگتراشي. ويندي مذهبي ۽ اجتمائي جاکوڙ تائين هر شعبي کي جديد نظرين سان سينگارڻ لاءِ الائي تہ ڪيترين تحريڪن تي عمل ڪري چُڪا آهن.

اچو تہ اهڙي تجديدي زنجير جي ڪڙين کي بہ جاچي ڏسون:

١) جدت پسندي Modernism
٢) علامت پسندي Symbolism
٣) اِظهاريت Expressionism
٤) منظر نگاري Imagism
٥) غير منطق حقيقت پسندي Surrealism
٦) مستقل پسندي Futurism
٧) فطرت پسندي Naturlism
٨) روائتي پابندين کان آزاد تحريڪ Dadaism

مٿين تحريڪن سان گڏ شعوري ڌارا (Stream of Consciousness) جي اسلوب، فڪر، احساس ۽ ادارڪ (Perception) جا هٿيار کڻي غير مسلم ملڪن روائتي پابندين ۽ دشوارين خلاف وڙهڻ شروع ڪيو. پر ايشيائي ۽ افريڪي مسلمانَ ننڊ جون گوليون کائي سُتائي رهجي ويا!

هر شيءِ کي تڪميل تي پهچائڻ (Updating) تجديد ڪرڻ (Renovation)، نئين سر جوڙجڪ ڪرڻ (Reconstruction) ۽ استحڪام بخشڻ (Stabilization) آمريڪا ۽ يورپي مُلڪن جو اصول بڻجي ويو. روس ۾ عملي زندگيءَ ۾ بهرو وٺڻ عام ماڻهن لاءِ لازمي بڻجي ويو، تہ يورپ ۽ آمريڪا ۾ سفيد پوش يا پگهار کڻندڙ ملازم (White Collar jobs) بيش بيش رهيا. پيداوار کان وڌيڪ مشين جي ڪارج (Utility) ۽ خدمت گذاري (Services) تي زور ڏنو ويو.

متين ۽ ٻڪ ٻوڙ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ يورپ توڙي ترقي پسند سماجن، خدا يا مذهبي صداقتن ۽ ٻين جي مسئلن کي وجداني ڪيفيت يا بصريت ذريعي ڄاڻڻ بدران، ڪن ٻين عقلي ۽ عممي وسيلن سان ڄاڻڻ تي عمل ڪيو. اهڙيءَ طرح ايشيا جي اڄوڪي صوفيءَ کي بہ انڪشافن، ڪشف ۽ ڪرامتن جي ڏيڻ مان نڪري، انساني تجربن ذريعي هن مادي دنيا ۾ سُرخرو ٿيڻ واري زندگي گهارڻي آهي. اسان کي اِهو بہ واضح ڪرڻو آهي تہ صوفيءَ کي روائتي صوفي رهڻو آهي يا ڪيس سندس مسلڪ سميت گهڙي، ناهي ناهوڪڙي ڪرڻ واري عمل مان گذري، ايڪيهين صديءَ جو صوفي بڻائي دنيا سان متعارف ڪرائڻو آهي. ائين نہ ٿئي جو اسان صوفيءَ کي انساني بستين، ماڻهن ۽ مڪانن مان لوڏي، ڪيس زندگيءَ جي عام وهنوار کان محروم ڪري، وري بہ لوڙهي اَندر وهاري، ٻاهران ڍنگهر ڏئي ڇڏيون!

## اڄوڪي سائنسي دؤر ۾ تصوف جو تصور

هن کان اڳ اسان تصوف جي ماڊرن ۽ پوسٽ-ماڊرن، ۽ پوسٽ ماڊرن نظرئي جا ترقي پسند ۽ منطقي لاڙا بيان ڪيا آهن. اسان اِهو بہ ظاهر ڪيو آهي تہ ماڊرن جو مطلب جديد يا جديد-قدر ۽ پوسٽ-ماڊرن جو مطلب جديت کان پوءِ وارو يا موجوده نظريو آهي. اَڄو تہ مضمون جي متئين سِري کي ٻن حصن ۾ ورهائي اڳتي وڌڻ جي ڪوشِش ڪيون.

اسان ويهين صدي عيسويءَ کي خير آباد چئي ۽ ايڪيهين صديءَ ۾ داخل ٿيا آهيون. جڏهن اَمريڪي ماهرن جين (اِهي عنصر جي موروثي طور نسلن ۾ منتقل ٿين ٿا) کي سُڃاڻي ورتو آهي، جا حاصلات دنيا جي چند وڏين دريافتن ۾ شمار ٿي رهي

آهي، ڇاڪاڻ تہ اڳتي هلي ڊاڪٽر اِهو بہ ٻڌائي سگهندا تہ فلاڻي ماڻهوءَ کي ويهن سالن کان پوءِ ڪهڙي بيماري لڳندي وغيره. اڄو تہ سائنس جي هن دؤر ۾ تصوف، تصوف جي تعليم ۽ سندس اصولن کي جاچي ڏسون :

١) اڄوڪو صوفي، وجداني ڪيفيت، ڪشف ۽ ڪرامتن وسيلي ڪا منزل ماڻڻ بدران، علمي، شعوري ۽ عملي جاکوڙ ۾ يقين رکي ٿو.

٢) ايڪيهين صديءَ جو صوفي، فرسوده روايتن ۽ ڏند ڪٿائي وهمن ۽ وسوسن کي ٺيلي ڏيئي چنڊ تي پهچڻ، جينس جي دريافتن، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي، اي-ميل ۽ اِنٽرنيٽ جي حاصلات کي سامهون رکي، زندگيءَ جا اُصول مرتب ڪرڻ ۾ رڌل آهي.

٣) اڄوڪو صوفي، روايتن جي بيٺل تلاو ۾ علم، شعور ۽ عمل جا پٿر اُڇلائي، لهرون پيدا ڪرڻ واري موڙ تي پهتو آهي.

٤) اڄوڪو صوفي، مذهب کي انساني ترقيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ سمجهي ٿو.

٥) اڄوڪو صوفي، زندگيءَ کي تجديدي ۽ نئين سِر جوڙجڪ جي عملن مان گذاري، زندگيءَ کي سائنسي قدرن سان مالا مال ڪرڻ گهري ٿو.

٦) اڄوڪو صوفي، جُبو ۽ ڪُلاهہ پهري، پاسي ۾ پاڻ کان وڏي ڏانگهہ رکي، لوڙهي اندر بند ٿي وهڻ بدران، زندگيءَ جي هر مادي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ”هٿڻ ۽ هڪلڻ“ تي عمل پيرا ٿيڻ ٿو چاهي.

٧) اڄوڪو صوفي، مادي جي تصور کي اَوليت ڏيندي، مادي مادي کي روح مٿان رکي، مادي گهرجن لاءِ جکوڙي، هِن ئي مادي دنيا ۾ سرخرو ٿيڻ گهري ٿو.

٨) ايڪيهين صديءَ وارو صوفي، تصوف جي منزلن ۽ ويدانت جي اَوَستائن مان گذري، تصوف مان صرف ۽ صرف سماجي ڪارج ڳولهي لهڻ ۾ غلطان آهي. ائين ڪڏهن بہ ناهي تہ صوفي سماجي بستين، ماڳن ۽ مڪانن کي اورانگهي ڪنهن نئين منزل تي رسي ٿو.

٩) تصوف لچڪدار اصولن جي هڪ پُل آهي، جنهن کي اُڪرڻ سان اڄوڪو صوفي انساني قدرن سان مالا مال ٿي، اَندر جو آنند ۽ ڪلياڻ حاصل ڪري ٿو.

١٠) تصوف مذهب نہ، پر زندگيءَ جي مثبتي رَوَين جو قانونچو آهي.

١١) صوفي ۽ صوفي منش، انسان ملائزم جي اُبتڙ، حق ۽ سچ جا ڳولهائو آهن. هن راهہ تي هلندي منصور حلاج، سرمد، شاهہ عنايت، مخدوم بلاول، مائي حوا ميربحر، مائي بختاوَر، ذوالفقار علي ڀٽو، مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شاهنواز ڀٽو کي شهيد ٿيڻو پيو هو.

١٢) تصوف مڪمل طور سوشل سائنس جو مطالعو آهي. دنيا جا قانون ۽ فيصلا انساني بستين تي مڙهيا پئي ويا آهن، پر تصوف اُهي اُصول نا آهن، جن تي رضاڪاراڻي طور جمهوري رنگ ڍنگ سان عمل ڪيو ٿو وڃي.

١٣) تصوف ’مان‘ يا آءٌ-پڻي يا انائيت، کي ختم ڪرڻ جو نالو آهي، جنهن کان پوءِ مثالي زندگيءَ جو نظام شَروع ٿئي ٿو.

١٤) روح کي مادي تي ترجيح ڏيئي، وجودِ واحد کي پاڻ ۾ يا پاڻ کان ٻاهر ڳولهڻ بدران، تصوف انساني زندگيءَ کي معاشي، سماجي، سياسي، فني ۽ اخلاقي طور سينگارڻ ۽ سنوارڻ جو نالو آهي.

١٥) صوفيءَ جي نظر ۾ مرد ۽ عورتن ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي تہ اُهو سماجي ڪردار يا انساني قدرن جي واڌ ۽ ڪوٽ وارو ئي ٿي سگهي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ مرد ۽ عورت برابر آهن، جنهن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ سماج ۾ جيترو حق مرد کي آهي، اوترو ئي حق عورت کي آهي.

١٦) جيئن مرد عاشق ۽ معشوق، طالب ۽ مطلوب، محب ۽ محبوب آهي، تيئن عورت بہ ساڳيا درجا رکي ٿي.

لطيف سائينءَ جي جي رسالي ۾ سنڌ جي عشقيہ داستانن جي سرزمين کي تہ شاهہ صاحب حق ۽ سچ جي تلاش ۾ عاشق يا طالب جو درجو ڏنو آهي ۽ مرد کي معشوق يا مطلوب وارو.

## اجوڪي سائنسي دور ۾ تصوف ۾ سماجي ڪارج ڳولڻ

تصوف جو پيغام ڪتابن ۾ نثر جي روپ ۾ ملڻ کان وڌيڪ صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ ملي ٿو. خاص ڪري ڪافين، بيتن ۽ واين ۾. ڪنهن بہ شعر ۾ جيڪڏهن سماج جي سُڌاري جي ڳالهہ ناهي ڪيل يا منجهس سماجي ڪارج اَڻلڀ آهي تہ اُهو شعر انساني بستين يا سماجيات سان نہ، پر ڪنهن آسماني مخلوق سان واسطو رکي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو چيو وڃي ٿو تہ شاعر سڦلي زندگيءَ لاءِ قانون سازي ڪندا آهن. اچو تہ صوفين جي ڪلام ۾ سماجي ڪارج ڳولهڻ جي ڪوشش ڪيون :

(١) تصوف ۾ ماڻهوءَ کي قتل ٿيڻ کان بچائڻ وارو سماجي ڪارج.

صوفين جي تعليم ۾ وڏي ۾ وڏو ۽ خاص نقطو هيءُ آهي تہ هر شيءِ ۾ الله آهي. اسان جي اَندر ۾ بہ الله آهي. يعني انسان جي دل الله جو گهر آهي. جنهن بہ انسان کي نقصان پهچايو يا ڪيس قتل ڪيو تہ قاتل جڻ الله جو گهر

اُجاڙي ويران ڪري ڇڏيو. انسان کي قتل غارت کان بچائڻ لاءِ اِهو وڏي ۾ وڏو مسيحائي نقطو آهي، جنهن جو مٽ ازل کان هِن وقت سوڌو ڪوبہ ولي، ڏاهو، حڪيم، رِشي مُني ۽ مسيحا پيش نہ ڪري سگهيو آهي. خبردار! متان ماڻهوءَ کي قتل ڪري الله جو گهر اُجاڙين!! هڪ للڪار آهي، دڙڪو آهي ۽ ماڻهن کي قتل ٿيڻ کان بچائڻ جي هڪ بي-مثال تدبير آهي، جنهن کي اسان صوفين جي تعليم ۽ تربيت جو وڏي ۾ وڏو سماجي ڪارج ٿا سڏيون.

**(٢) عاشق ۽ معشوق جهڙن محاورن ۽ علامتن ذريعي سماجي ڪارج پيدا ڪرڻ :**

عشق مجاز، روائتي صوفياڻي شاعريءَ جو خاص موضوع رهيو آهي، جنهن ڪري عشقيہ داستانن جيئن تہ مومل-راڻو ۽ سسئي پنهو وغيره کي مجازي شاعريءَ ۾ سِرمور هئڻ واري حيثيت مليل آهي.

اِها ئي روايتي شاعري سنڌ جي ماڻهن جي ڪمزوري پئي رهي آهي، جنهن ۾ صوفي شاعرن عاشق، معشوق، طالب، مطلوب، محبوب، پرين، جاني وغيره جهڙا لفظ، محاورا ۽ علامتون ڪتب آڻي صوفياڻي شاعريءَ کي شهري ٻوڙي ٻهراڙيءَ جي وسنين ۽ واهڻن ۾ هڪ جيترو مقبول بڻائي شاعريءَ ۾ سماجي ڪارج پيريو. سماجيات جي تعليم ۽ اُصولن موجب، هِتان جي هر مرد ۽ عورت يعني عاشق ۽ معشوق جي اندر جي جذبن جي عڪاسي ٿيڻ لڳي.

**(٣) موسيقي روح جي غذا آهي :**

هيءَ هِڪ مڃيل حقيقت آهي تہ موسيقي روح جي غذا آهي، جڏهن تہ انتها پسند مسلمانن وٽ ساز سرود جي محفل حرام سمجهي ويندي آهي. موسيقي، راڳ رنگ جي محفل ۾ صوفياڻي ڪافين ڪلامن کان سواءِ بي-معني آهي. پيٽ ڀرڻ لاءِ

ڪاڏو يا غذا هٿ ڪرڻ تہ آسان آهي، پر روح جي غذا ملي وڃڻ هڪ وڏي حاصلات آهي. اِن ڪري موسيقي ۽ صوفياڻو ڪلام انساني بستين ۾ وڏو سماجي ڪارج پيدا ڪن ٿا.

**آڳاهيون يا اڳڪٿيون :**

اِها حقيقت آهي تہ مذهب ۽ سائنس ۾ شروع کان وٺي تضاد پئي رهيا آهن، پر صوفياڻو رَوَيو رکندڙ شاعر، سائنسدانن جا نقيب پئي رهيا آهن. اهڙين آڳاهين يا پيشنگوين تي ئي سانسدانن سائنس جو بنيادي پٿر پئي رکيو آهي، جن ۾ خودبخود سماجي ڪارج نمودار پئي ٿيو آهي. اهڙيون ڪجھ آڳاهيون يا اڳڪَٿيون هيٺ ڏجن ٿيون :-

**۱. نيرا گهوڙا ڏيرا، اُتر کان ايندا،**
**واسا مان وائن تي، ورهائي ويندا،**
**ٿِهان پوءِ ٿيندا، طبل تاجاڻين جا. (هڪ ماموئي فقير)**

هِن اڳڪٿيءَ کي قنڌار کان ٿيندڙ پٺاڻن جي حملن سان ملايو ٿو وڃي.

**۲. چرخ اُڏائيندو آسمان ۾ مڪڙ جي مثل.**

مٿين آڳاهي انگريزن جي باري ۾ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ جي شاعر عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي ڪيل آهي، جڏهن هوائي جهاز جو تصور بہ ڪين هو.

**۳. نڪو چارو چنڊ جو، نڪي سج سرو،**
**اُتي آديسين جو لڳو دنگ درو،**
**پُري پين پرو، ناٿ ڏنائون نانهن ۾.**

سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ مٿين بيت ۾ خلا جي باري ۾ اڳڪٿي ڪئي آهي. لطيف ۱٦۸۹ع ۾ جنم ورتو، ۱۷۵۲ع ۾ لاڏاڻو ڪيو، جڏهن نہ هوائي جهاز سيارا خلا ۾ اُڏايا ٿي ويا ۽ نہ وري اجوڪي وقت وانگر يوروپين خلا ۾ انساني ڪالونيون جوڙڻ بابت سوچيو هو.

۴. جب شهر مين هو تو همين کيا غم جب اُٿينگي
لي آئينگي بازار سي جاکر دلو جان کچھ اور.

هيِ مرزا غالب آهي، جنهن بازار مان نهيل ٽُڪيل انساني دل خريد ڪري جسم ۾ پيوند ڪرڻ لاءِ آگاهي ڏني آهي.

۵. مون ۾ ۱۹۸۳ع ۾ ”پڙهو عقاب“ جي عنوان سان هڪ علامتي ڪهاڻي لکي، اڳڪٿي ڪئي هئي، جا پنجن سالن کان پوءِ سچي ثابت ٿي هئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ عقاب جي جبر ۽ استحصال کي مون جنرل ضيا جي ڪردار طور پيش ڪيو هو ۽ عقاب کي هڪ شڪاريءَ هٿان بندوق جي فائر سان ختم ڪيو هو، جنهن هڪ نديءَ جي ڪپ تي اچي ڦهڪو ڪيو هو ۽ پوءِ جڳ ڏٺو هو ته جنرل ضيا پنهنجن جوابدارن سميت اچي نديءَ جي ڪناري ڦهڪو ڪيو هو.

منهنجي مٿين ڪهاڻي ۱۹۸۳ع ۾ ف.م.لاشاريءَ هلال مخزن ۾ ڇپي هئي، جيڪا ڇئن سالن کان پوءِ جڏهن سچي ثابت ٿي هئي، ته اسان – مون ۽ فقير – شام جو هڪ خاص بينڪ جو انتظام ڪيو هو.

هڪ ٻي آڳاهي، تازو هِن ئي مهيني يعني آڪٽوبر جي تيرهين تاريخ تي، فقط ڇهه ڏهاڙا اڳ، مون عوامي آواز اخبار ۾ ڪالم ”قصو ٻن پائر مانگرمڇن جو“ جي عنوان هيٺ ڪئي آهي، جنهن ۾ مون سِنڌو درياهه پرسان هڪ سينواريل تلاءَ ۾ ٻن مانگرمڇن کي ڏيکاري پنهنجي رنگ ڍنگ سان سندن انت آندو آهي ۽ ائين سنڌوءَ جو تازو ۽ اڇو اُجرو پاڻي ٻه اچي تلاءَ ۾ داخل ٿيو آهي. دنيا وارا ساڳيءَ رات ۽ ساڳئي ڏينهن تي جنرل ضيا جي شاگرد ۽ سندس ننڍي ڀاءُ جي اقتدار جي عبرتناڪ تبديلي ڏسي چُڪا آهن.

Tajal Bewas, TAJAL's NEST, A-3 Pioneer Homes, Karachi (Sindh) Phone (021) 671429

مضمون

# گوچر اَگوچر (ڀاڱو ٻيون)

— نند جويري

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُ
حق حقيقي هيڪڙو، ٻوليءَ ٻيءَ مَ ڀُلُ،
هو ھلاچو ھلُ، با الله سندو سڄڻين.
(ڪلياڻ ١٥ : ١)

پرماتما جي هيڪڙائيءَ مان(وحدتان) سرشٽيءَ
جي گهڻائي(ڪثرت) ٿي آهي، حقيقت ۾
برهم (حق) هڪُ ئي آهي؛ تون ڪنهن ٻول
تي ڀُلجي نہ وڃُ. الله سندو سنسار جو
سمورو شورگُل هن هڪ حق جو ئي آهي.

صوفي وشواسن موجب شروعات ۾ صرف اڪيلي ذات يا تت (Essence) هو، اُهو ئي الله جو حقيقي وجود هو. هڪ اڪيلو وجود نِرآڪار هو جيڏَن ناهِ، جنهن کي شبد پوُرڻ چئي ئي بيان ڪري سگهن ٿا ۽ جنهن کي صوفي اَحديت چون ٿا.

پوءِ پورڻ مان چيتنا (Consciousness) يا سُرتِ پيدا ٿي، ڪجهہ تيڻ جي ٻيو ڪجهہ هوئي نہ جنهن لاءِ پورڻ چئِنييہ

يا سُرتِيو ٿئي.پورڻ جي هن حالت يا مقام کي صوفيِ وحدت چون ٿا. ڪجهہ تيڻ جي چيتنا مان سوچ پيدا ٿيِ. سوچ تہ مان چا ٿيان. اِتان تيڻ جي چيتنا جو وڪاس ھو. اِن وڪاس مان اَهمُ پيدا ٿيو، ڏُونيِ يا شبد پيدا ٿيو جنهن کي صوفين وحدانيت چيو آهي.'' (دي صوفي ميسيج - حضرت عنايت خان - ص ۱۱۱)

پرماتما کي شڪتيِوان چيو ويو آهي. شڪتيِوان لفظ ۾ شڪتي ۽ وان، ٻن لفظن جو جوڙ آهي، جنکي ملائي شڪتيوان ٺهي ٿو. هاڻ اَگر شڪتيِوان مان شڪتيِ لفظ کي ڪڍيِ ڇڏجي تہ وان لفظ جيِ ڪا اَهميت نٿيِ رهي، اَگر وان لفظ کي ڪڍيِ ڇڏجي، تہ پوءِ بہ شڪتيِءَ جيِ اهميت قائِم رهي ٿي. اِنهيِءَ لاءِ ائين چئيِ سگهجي ٿو تہ شڪتيِ ئيِ پرماتما آهي. ساڳيِ لفظ ۾ قدرت لفظ جو سماويش آهي، اِنهيِءَ لاءِ اِئين چئيِ سگهجي ٿو، تہ قدرت ئيِ پرماتما آهي. ڇو جو قادر ئيِ قدرت ٿيو آهي، وحدت ئيِ ڪثرت آهي.

پرماتما ۽ پرماتما جيِ شڪتيِ بہ اَلڳہ وجُود ڪون آهِن، بلڪ اهي ٻئي هِڪ ئيِ وجود آهن. آسمان ۾ بجليِ آهي، اها لڳاتار آسمان ۾ رهي ٿيِ، جيڪا وگيانڪ حقيقت آهي. پر اَسان کي بجليِءَ جو اَحساس تڏهن ئي ٿو ٿئي جڏهن آسمان ۾ بجليِ چمڪي ٿيِ، تہ پوءِ چا ائين چئيِ سگهجي ٿو تہ بجليِ ۽ بجليِءَ جو چمڪڻ بہ اَلڳ اَلڳ وجود آهِن؟ نہ اِهو نٿو چئيِ سگهجي. بجليِءَ ۾ بجليِءَ جي چمڪڻ جو سماويش آهي اِنهيِءَ لاءِ بجليِ بجليِ آهي. ساڳيِ نموني شڪتيِءَ ۾ سرشٽيِءَ جو سماويش آهي جنهن سبب اُها شڪتيِ چوائي ٿيِ. قادر جيِ قدرت (سگهہ) ۾ ڪائنات جو سماويش آهي جنهن سبب وحدت يا پرماتما جيِ هيڪڙائي پرماتما جيِ پورڻتا چوائي ٿيِ. جيئن بجليِءَ جو هئڻ ۽ بجليِءَ جو چمڪڻ، بہ سروپ آهِن،

تيئن پرماتما جي شڪتيءَ جا ٻه ٻه سروپ آهِن، جِن مان هڪ اَگوچر (باطن) آهي، ۽ ٻيو گوچر (ظاهِر) آهي. جيڪو اَگوچر آهي اُهو شڪتيءَ جو لطيف سروپ آهي ۽ جيڪو گوچر آهي، سرشتيِ سروپ آهي. پر اَسان جي حواسن جي پڪڙ ۾ صرف سرشتيِ سروپ ئي اَچي ٿو. اَسان آسمان ۾ بجليءَ جو چمڪڻ ڏسي سگهندا آهيون، پر بجليءَ کي ڪونہ ڏسيِ سگهندا آهيون. ساڳئي نموني اَسان سرشتيءَ کي ڏسيِ سگهون ٿا پر سرشتيءَ جي چيتنا کي نٿا ڏسيِ سگهون. سرشتيءَ جي وجُود (Being) کي ڏسيِ سگهون ٿا، پر سرشتيءَ جي وجوديت (Beingness) کي نٿا ڏسيِ سگهون. اِهي سرشتيءَ جا وجود ۽ وجودگيِ ٻہ سروپ آهِن، پر وجود هِڪ ئيِ آهي. اِها اَسان جي حواسن جيِ مجبوريِ آهي، جنهن سبب اَسان قادر ۽ سندس قدرت کي ٻِن هستين جي روپ ۾ ڏسون ٿا. جيئن پرماتما پنهنجي شڪتيءَ سبب پرماتما ٿئي ٿو، تيئن پرماتما جيِ شڪتيِ بہ پنهنجي گوچر سروپ سبب اَگوچر سروپ سان سُڃاتيِ وڃي ٿيِ. پرماتما ۽ پرماتما جيِ شڪتيِ پنهنجي گوچر ۽ اَگوچر سروپ سان پرماتما جي پورڻتا جو پورڻ روپ آهي. پرماتما جي اِن روپ کي پرماتما جيِ هيڪڙائي يا وحدت چئجي ٿو.

پرماتما جيِ شڪتيِ جيڪا اَگوچر آهي، اُها بيِاِنتها سوکيم آهي، اَسان جي حواسن جي پڪڙ ۾ نٿيِ اَچي، پر اُن ئيِ شڪتيءَ جو گوچر سروپ جيڪو سرشتيءَ جي روپ ۾ اِسٿول آهي اسان جي حواسن جي ويجهو آهي. سڀ ملائي شڪتيءَ جو اَگوچر ۽ گوچر سروپُ پرماتما پاڻ ئيِ آهي، حق پاڻ ئيِ آهي. حق سڀ جيِ حقيقت آهي. هو وڻ روپيِ سرشتيءَ جي ٻج جو اَگوچر ٻِجُ آهي. اِن اَگيات ٻج جو گيات سروپ ايشور آهي، سهڳڻ اَلله آهي جنهن کي اَسان جا حواس پئدا ڪن ٿا. حق اَنادي آهي، اَلله پوءِ جي پئِدائِش آهي، جيڪو اِنسانن جي

حواس سبب سهگڻ تي پئدا ٿئي ٿو. اِهو سڀ اڳ ذڪر هيٺ اَچي چڪو آهي.

ڪن مذهبن جو چوڻ آهي تہ هڪ وقت ڌرتي ۽ آسمان ٻئي هِڪُ وجود هئا، ۽ اَلاه اُنهن کي اَلڳ ڪري ٻن وجودن جو روپ ڏنو. اِستول ڌرتي ۽ سوکيم آسمان ٻئي گڏ هئا، هڪ وجود هئا. پر اِهو ڪيئن ممڪن آهي؟

آسمان هر اِستول توڙي سوکيم وجود جو نواس آهي. وجود صرف خال ۾ ئي ٿي سگهي ٿو. ڌرتي آسمان ۾ ممڪن آهي، ڇو جو ڌرتيءَ لاءِ آسمان ۾ جاءِ آهي. پر اِهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ آسمان ڌرتيءَ ۾ هجي؟ آسمان هر هستيءَ جو گهر آهي، پوءِ اِهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو آسمان ڪنهن هستيءَ ۾ هجي؟ يا ڪا هستي آسمان جو گهرُ هجي؟

پر اِهو ممڪن آهي، هڪ وقت هو، جڏهن آسمان ۽ ڌرتي ٻنهي وجودن جو سماويش هڪ وجود هو. وِهين صديءَ جي وچ ڌاري، وگيانين ثابت ڪيو آهي، تہ هڪ وقت سڀ ڌرتيون، سڀ تارا، سڀ چنڊ، ۽ سڀ سورج گڏ هئا. اُهي لڳاتار چوطرف وڌندڙ هِڪ باهہ جي گولي ۾ هئا، جيڪو باهہ جو گولو آسمان ۾ هئو. پوءِ ائين ٿيو جو هِڪ ڏينهن اِهو باهہ جو گولو ڦاٽو، ۽ اُن قاتل باهہ جي گولي مان لکين ڌرتيون، لکين سورج ڦٽي آسمان ۾ ڦهلجي ويا، ۽ اَجا تائين اَڄُ بہ اُهي سڀُ ڦهلجي رهيا آهِن، ۽ ساڻ ساڻ آسمان بہ ڦهلجي رهيو آهي. وگيان جو هيءُ سِڌانت بِگ بئِنگ جو سِڌانت چوائي ٿو. بِگ بئِنگ جي هِن سِڌانت ثابت ڪيو آهي تہ:

(۱) برهماند ڦهلجي رهيو آهي.

(۲) اُن سان گڏ آسمان بہ ڦهلجي رهيو آهي.

(۳) ۽ سموري برهماند جو مول ٻجُ هِڪُ ئي آهي.

اَڄُ جڏهن آسمان ڦهلجي رهيو آهي، برهمانڊ ڦهلجي رهيو آهي، ته ڪو سان ڪاله اِهو ڦهلندڙ برهمانڊ ننڍو هوندو، ۽ آڪاس به ننڍو هوندو. ۽ اُن کان اڳ سڀ برهمانڊ سڀ آڪاس، هڪ نقطي ۾ هوندا. اُن کان به اَڳ ڪاله جي ڪاله ڪونه هوندي، ۽ نه ئي ڪوئي ڪال هوندو. پر تب هوندو، سڀ هوندو، ۽ سڀ ناهِ (Non-Existance) ۾ هوندو. سڀ ناهِ هوندو. صرف ناهِ ئي ناهِ هوندي. پرماتما به ناهِ ۾ ناهِ روپي هوندو.

پرماتما سَناتَن آهي ۽ سَدا برهمانڊ سان آهي. پرماتما اڄ ڦهليل برهمانڊ سان آهي ۽ ڪاله هوُ اَڻ-ڦهليل برهمانڊ سان هو. ۽ ڪاله جي ڪاله جڏهن برهمانڊ هڪ نقطي جي روپ ۾ هو، تڏهن پرماتما به اُن نقطي ۾ هو. ۽ اُن کان اَڳُ هوُ اُن ڪاله ۾ به هئو جنهن ڪاله ۾ ڪو ڪالُ نه هو، صرف ناهِ ئي ناهِ هئي. تڏهن به هوُ ناهِ روپُ ۾ ناهِ روپي هئو. وحدت کان اَڳُ هو اَحديت جي سروپ ۾ هئو. پرماتما جي ’اَحديت‘ سروپ کي شاهه لطيف ’ناهِ‘ چيو آهي :

جتي عرشُ نه اُپُ ڪو، زمينَ ناهِ ذَرو،
نڪو چاڙهو چَندَ جو، نَڪو سِجَ سَرو،
اُتي آديسِيُن جو لَڳو دَنگ دَرو،
پَري پِيُن پَرو، ناٿُ ڏِنائون ناهِ ۾.

جتي نه پرماتما جو تخت (عرشُ) آهي، نه ئي آسمان، نه زمين ، نه اَٽو (ذرو)، نه چنڊ جو چڙهڻُ آهي، نه ئي جيون جو نشان سورجُ آهي، اُتي اُن جاءِ (دنگ) تي جوڳين پنهنجو آسڻُ (درو) لڳايو آهي. آد کان هنن کي گيان(پرو) هو. هنن

ناٿ کي ناهِ ۾ ڏنو.

عرش عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ڦارن شريف ۾ اِن جو اُپيوڳ اَلاه جي تخت لاءِ ڪيو ويو آهي. اسلام جي عالمن اَلاه جي تخت کي اَلاه جي اختياري يا سگهه ڪري ٻڌايو آهي. چنڊ پريم جو نشان آهي، ۽ اِڇا جو پرتيڪ آهي. جيئن تہ سِڄ سوئي جِيون ممڪن ناهي اِنهيءَ لاءِ سِڄ کي جِيون جو نمائِندو سمجهڻ گهُرجي.

اِڇا جڏهن اَلله جي اَختياري (عرش) قائم ڪونہ ٿي هئي، ۽ نہ ئي ڪنهن وجود (زمين وغيره) لاءِ ڪا جاءِ (اُتُ) هئي، نہ ئي اَڻُوُ (ذرو) هئو. نہ ئي اِڇا يا چاهت (چنڊ) هئي، ڇو جو جِيون (سڄُ) ئي نہ هو. اُن (ناهِ روپي) جاءِ تي جوڳين پنهنجو ديرو لڳايو آهي. آد (پري) کان هنن کي گيان (پرو) هو، جِن ناهِ ۾ پرماتما ڏٺو آهي. ناهِ ڪنهن جاءِ جو بيان ناهي، پر نرگُڻ احديت جو بيان آهي. اِهو حق جو بيان آهي. اِهو حق جو بيان سالڪ وٽان تڏهن اَچي ٿو، جڏهن سالڪ سيني مذهبي ڪتابن کي پري رکي، ٻاهر کان پاتل گيان جو تياڳ ڪري، پنهنجن حواسن جي رُخ کي اَندر جي مرڪز ڏانهن موڙي ٿو، تہ هو اُهو ڪجهہ پائي ٿو جنهن کي صوفين جي حقيقت چئِجي ٿو. هِن بيت ۾ اَحديت جو بيان آهي، جيڪا سڀ جو حق يا سچُ آهي.

هيءُ ڪُل ئي بيان پورڻ روپ ۾ صوفي بيان آهي، ۽ ڪنهن بہ مذهبي ڪتاب ۾ اِن ريتِ جو بيان موجود ڪونہ آهي. اِن کان اڳ صرف رِگ ويد جي ١٠ منڊل جي ١٢٩ سلوڪ ۾ ڪجهہ اهڙو بيان ملي ٿو :

١ - ”اُن وقت نہ ست هو نہ ئي اَست هو. آڪاس بہ

قائِم ڪونہ هو ۽ نہ ئي اُن کان مٿي اَنترڪش هو. ڪنهن هن کي ڍڪي رکيو هو؟ هو ڪٿي هو ۽ ڪنهن جي آسري هو؟ ڇا هو قديم ڳُجهو گنڀير جلُ هو (جنهن ۾ اِهو سڀُ موجود هو)؟

٢- موت بہ نہ هو، اِنهيءَ لاءِ اَمرتا جي ڀاونا بہ نہ هئي. رات ۽ ڏينهن ۾ ڀيد ڪرڻ وارو پرڪاش بہ نہ هو. اُن وقت هو هِڪُ ئي بنا ساهہ-پساهہ جي ڪريا جي جيِوت رهڻ وارو (صرف هوُ ئي) موجود هو. هن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو.

٣. شروعات ۾ اُن وقت اَوا ڪيہ سمنڌ جي روپَ ۾ اَنڌڪار هو؛ پرڪاش رَهِت هڪ اَهڙو انگورو کهري تُهہَ سان ڍڪيل هو؟ هُن هڪ جي اُتپتي تَپَ جي شڪتيءَ مان ٿي.

٤. شروعات ۾ پريم اُن کي ظاهر ڪيو، جيڪو هِرديہ مان پيدا ٿيل ٻِجُ هو. ڪوِيُن پنهنجي هرديہ ۾ کوج ڪرڻ کان پوءِ، ٻُڌيءَ پاران اَسَت جو سَتَ سان جوڙَ جو پتو لڳايو.

٥. اُن جي ڪِرن، جا چؤڌِس ڦهليل هئي، اُها مٿي بہ هئي ۽ هيٺ بہ. ٻج کي ڌارڻ ڪرڻ وارا بہ هئا، شڪتيون هيون، آتم شڪتي هيٺ هئي، اِڇا شڪتي مٿي هئي.

٦. تہ پوءِ ڪير ٿو ڄاڻي ڪنهن ڪيو آهي ظاهر، ڪنهن مان هيءَ سرشٽي پيدا ٿي؟ ديوتائون بہ سرشٽيءَ جي اُتپتيءَ کان پوءِ آيا.

٧. تہ پوءِ ڪير ٿو ڄاڻي، سرشٽي ڪِٿان آئي؟ جنهن مان هِن سرشٽيءَ جو اُپرڻ ٿيو، اُنَ اِنَ کي بڻايو يا ڪونَ بڻايو، اوچي ۾ اوچي اَنترڪش لوڪ ۾ اوچي ۾ اوچو ڏسڻ وارو حقيقت ۾ ڄاڻي ٿو يا هوُ بہ نٿو ڄاڻي؟

سڀ کان پهرين شاهہ لطيفَ بيت جي پهرينءَ سِٽ ۾

الله جي اختياريءَ (عرش يا تخت) جي غير-موجودگي ٻڌائي آهي، ڇو جو اُن وقت صرف ’ناهِ‘ هئي، پرماتما ئي ’ناهِ‘ سروپ آهي. اِن کان سواءِ ڪئنواس (اُپُ) بہ نہ هو، زمين روپي ڪوئي آسرو بہ نہ هو ۽ ڪا سَتا ڪنهن روپ (ذري) ۾ نہ هئي. لطيف ڇوي ٿو تہ اِڇا (ڇنڊ) نہ هئي، ڇو جو اَڇا جيوَن (سِڄُ) ئي نہ ٿيو هو. اِهو سڀُ سَت ۽ اَسَت ڏانهن اِشارو آهي. ست ۽ اَست سڀُ ’ناهِ‘ روپي هئا، اِهو ئي شاهہ لطيف جو چوَڻ آهي. ڪن صوفي سنتن اِن حالت کي ”اَل-عما“ يعني گهور اَنڌڪار چيو آهي (آسيت اِدم تَمو پيِتَم). اَهڙو گهور اَنڌڪار، جنهن جو بيان ممڪن ناهي. اِهو سڀ وحدت کان اَڳُ اَحديت جو بيان آهي، اُن برهم جو بيان آهي، جنهن کي ويدانت ۾ ”اَسنهيؤتي برهم“ چيو ويو آهي. ٻُڌ اِن کي ”شوُنيہ“ چيو آهي، شاهہ لطيف ”ناهِ“ چيو آهي. ڌرتي ۽ آسمان ٻئي هِڪُ هُجن، اِهو صرف ”ناهِ“ ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو، ۽ پاڪ ڪتاب ۾ ڌرتي ۽ آسمان جو هڪ وجود ۾ سَماويش، اِهو ”ناهِ“ ڏانهن ئي اِشارو آهي.

> ” جيڪي ڪي تون دنيا ۾ پسين ٿو، سو نہ فقط الله کان سِواءِ ٻيو ڪي ڪينَ آهي، بلڪ جيڪي آهي، سو سڀ الله آهي. اِنهيءَ عقيدي کي ’همہ اوست‘ يعني سڀ ڪُجهہ اُهو پاڻ آهي، چئبو آهي.“

(غلام محمد شاهواڻي: شاهہ جو رسالو. ٦٣)

سڀ پرماتما آهي، اِهو صرف تڏهن ممڪن ٿئي ٿو، جڏهن سڀ پرماتما مان هجي. جنهن لاءِ شاهہ لطيف جو بيان آهي تہ ”وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل.“ اهڙو ساڳئي قسم جو ٻول صرف اُپنِشدن ۾ ملي ٿو.

”شروعات ۾ هُوئي هڪ اڪيلو برهم هو، هُن کي
ڄاڻ هئي تہ مان ئي تہ هڪ اڪيلو برهم' آهيان
جنهن سبب هُو ئي سڀ ڪجهہ ٿي پيو.“

**(برهد آرڻيڪ اُپنِشد ۱۰:۴:۱)**

برهم جيستائين ڪجهہ نہ ٿيو هو، هُن جي ”نہ ٿيَڻ“ جي سروپ کي ويدانت ۾ ”اَسَميوتي برهم“ چيو ويو آهي ۽ صوفين اِن کي ”احديت“ چيو آهي. ۽ برهم جڏهن ڦهلجي ٿو، ڪُجهہ ٿئي ٿو، تہ ويدانت ۾ اِن سروپ کي ”سنهيوُتي برهم“ چيو ويو آهي ۽ صوفين اِن کي ”وحدت“ چيو آهي.

احديت بنا نالي، بنا ڪنهن سنبنڌ، بنا ڪنهن ظاهري گُڻ جي نِرگُڻ آهي. ۽ پرماتما جو ٻيو سروپ ”وحدت سگُڻ“ آهي، جنهن ۾ ڪجهہ ٿي پوڻ جي اِڇا اَچي ٿي، پوءِ اها وحدت مان ڪثرت ٿئي ٿي (ايڪوهم بَهُسيامَ).

’برهم‘ شبد سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن اُن جي معنيٰ ’پرماتما‘ ناهي، جيئن عام طور سمجهيو ويندو آهي. سنسڪرت ڀاشا ۾ ’برهم‘ اُن کي چيو ويو آهي، جنهن جو سَناتن چوڌِس ڦهلاءُ ٿيندو هجي. هر دِشا ۾ لڳاتار وِستار ٿيندو هجي، ۽ وگيان ثابت ڪيو آهي تہ آد ڄڳاد کان برهمانڊ جو سَناتن چوڌِس ڦهلاءُ قائم آهي. اِنهيءَ سبب برهمانڊ کي برهم جو سرير مڃيو ويو آهي. برهمانڊ ’هُئَڻُ‘ يا وجود (Being) آهي ۽ برهم اُن ’هُئَڻ‘ جي ’هُئَڻيَت‘ يا وجودگي (Beingness) آهي. برهمانڊ ئي برهم آهي، اِها ساڳي ڳالهہ لطيف هينئين لفظن ۾ چئي آهي:

”ڏسڻ ڏسين جي، تہ همہ کي حق چئين“

ناهِ، احديت، حق يا برهم، پرماتما جو پهريون ۽ مول سروپ آهي. جتي وحدت ۾ 'ڪجهه تيڻ' جي اِڇا جاڳي ٿي، اُهو پريم آهي، جيڪو جيوَن جي انگوري کي ظاهر ڪري ٿو. اِهو سڀ ٻُڌائي ٿو تہ نيستيءَ (Non-Existence) مان هستيءَ (Existence) جو ٿيڻ ٿيو آهي. اَست مان ست ٿيو آهي. هِن بيت ۾ اِهو ئي شاهہ جو عقيدو ڏسڻ لاءِ ملي ٿو.

◻◻

سُرَ-سنگيت جو پانڌيئَڙو

# ٻُلو سيِ. راڻي

—— وينا شرنگيِ

خوشي ڏيندين تہ خوش رهبو،
جي غم ڏيندين تہ پيو سهِبو
مونکي جيئن هلائيندين،
تنهنجيءَ مرضيءَ سان پيو هلبو.

اَڄُ اوچتو هيءُ گيتُ لبن تي اَچي ويو آهي. وَر-وَر ڪري تَرنم ۾ گنگنائيندي رهيس. مان گلوڪارا تہ ناهيان، پر من جي ويڻا سر سنگيت جون تارون ور ور ڪري ڇيڙيندي رهندي آهي. مون کي ننڍپڻ کان ئي نرتيہ ڪرڻ جو ڏاڍو شونق هو. منهنجا پير سنگيت جي لئہ ۽ تال تي اَڄُ بہ ڇُرپُر ۾ اچي وڃن ٿا. مون طرفان نرتيہ جي ڪلا کي اپنائڻ جو مطلب سسي ڏڻ کان ڏار ٿيڻُ. منهنجي اندر وارو فنڪار بي چين رهيو. حالتون سازگار نہ هئڻ جي باوجود ان گيت سنگيت طرف رخ ڪيو پر ٻَائڻ وڃائڻ بہ اسان جي زميندراي خاندان جي توهين هئي. حالتن ۽ حادثن جي تقڙن مون کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ڪناري تي آڻي ڦٽو ڪيو. هڪ ڇولي گهلي سنڌيت جي تحريڪ، مارئي تنظيم جي مهڙ تي آڻي ٻهاريو. منهنجي تخليقڪار من ان وير جي وهڪري ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪري ڇڏيو.

حيدراباد سنڌ ۾ جائو نپنيو، پڙهيو لکيو سنگيت جي دنيا ۾ داخل ٿيو؛ بلي سي.راٽي جو لاڙو ان طرف ڪيئن ٿيو؟ پريرڻا ڪيس ڪٿان ملي ...؟ اِن طرح جا ڪئي سوال من ۾ اُٿن ٿا، بلي سي. راٽيءَ ٻڌايو سنگيت جي پريرڻا ڪيس پنهنجي پتا وٽان ملي، جيڪي تمام سٺو باجو وڄائيندا هئا. ان دور ۾ ڪي.ايس.درياڻيءَ جا ناٽڪ ٿيندا هئا تنهن جو بئڪگرائونڊ ميوزڪ سندس پتا ڏيندو هو. ١٩٣٥ ۾ ان جي پهرين فلم **'انسان ڪ شيطان'** فلم جو ميوزڪ ڪمپوز ڪيو، پارت-ڪي-بيتي نالي فلم جو به هن ئي ميوزڪ ڪمپوز ڪيو، مشهور ميوزڪ ڊائريڪٽر انيل بسواس ان وقت سندس جي پتا جو اسِٽنٽ ٿي ڪم ڪندو هو. جنهن ڪري سنگيت جي پروگرامن جي ڪمپوزيشن ڪندو هو. ١٥ سالن جي ڄمار ۾ ڪنهن خيرخواهه ڪيس صلاح ڏني ته تو وٽ ڏات آهي ڏانو آهي، ڇو نه تو فلمي دنيا ۾ پير پائين، اُن سڄڻ جي صلاح تي سنهڙو سيپڪڙو نوجوان لاهور روانو ٿيو جتي ماسٽر غلام حيدر سندس ٽرائيل وٺڻ لاءِ ڪيس پهريون ڳانو ڏنو. پر ڪيس ان سنهڙي سيپڪڙي سنڌي نوجوان جي سُر ڪونه ڇهيو.

ان نااُميديءَ ۽ مايوسيءَ دوران هن کي نورجهان جو رڪارڊُ - **ڪون سي بدلي ۾ ڇپا هئه ميرا چاند ......** ٻڌي آٿت آيو. بادلن ۾ گهڙين چنڊ نيٺ ته ڪارن ڪڪرن مان ٻاهر نڪرندو. مايوسي ۽ نااُميديءَ جي گهڙين ۾ هن گيت کيس انسپائر ڪيو. بلي سي راٽيءَ همت نه هاري. جاڪوڙ ۽ ڪوشش ڪانپوءِ رنجيت اسٽوڊيو ۾ پلي بئڪ سنگر طور داخل ٿيو. هندي فلمي دنيا واري ماحول ۾ سندس سنڌي مادري زبانَ ۽ تلفظ رڪاوٽ نه بڻيو. زندگيءَ جي جستجو واري سفر ۾ سندس گرو کيمچند پرڪاش کيس گهڻو همٿايو. ٽي سال سندس رهنمائيءَ ۾ ڪم ڪيائين. اُن وقت جي مشهور فلم تانسين جو سڄو بئڪ گرائونڊ ميوزڪ بلي.سي.راٽيءَ ئي ڏنو. هن هڪ ڳانو ان دور جي مشهور ڳائيندڙ فنڪارا خرشيد

جي آواز ۾ ڪمپوز ڪرايو : او دڪيئڙا جيئڙ روئي نين ..... سندس پهرين پڪچر 'پگلي دنيا' هئي، جنهن اُن وقت جبلي ڪئي ۽ ڪراچيءَ جي ٿيئيٽرن ۾ ڌومَ مچائيِ. اُن بعد فلم 'ڪاروان'، 'مورتي' وغيره. جڏهن خرشيد فلم مورتيءَ جي گيت جي رڪارڊنگ ڪري رهي هئي تہ ملڪہ ترنم نورجهان پاڪستان مان آئي هئي ...... بلي.سي.راٽيءَ کي جڏهن گيت 'بدريا برس گئي' تي اوارڊ مليو، تہ هن کي بي حد خوشي ٿي. ذات هن تي مهربان ٿيڻ لڳي هن هڪ بي خو بصورت ڌن تيار ڪئي ' اَنبو نا پئي ڪويل ڊولي ساجنا جهولا جهولي هولي هولي ڊولي ساجنا' ........ سنڌ ڌرتي جي هن جائي لاءِ خوشي جهڙي ڳالھ اها هئي جو هن فلمي صنعت جي ڪيترن ڪلاڪارن کي بريڪ ڏنو. مشهور فلمي مئگزين اسڪرين فلمي دنيا جي مقبول ڳائيندڙ مُڪيش جي وفات تي پنهنجي آرٽيڪل ۾ اها ڄاڻ ڏني تہ مُڪيش کي پهرين چانس بلي سي.راٽيءَ ئي ڏنو. مُڪيش رنجيت اسٽوڊيو ۾ ٢٥٠ رپيا مهينو پگهار تي هن سان گڏ نوڪري ڪندو رهيو. جيڪو پهرين گيت هن رڪارڊ ڪرايو سوهو :

'جاپرواني جا ڪهين شمع جل رهي هئہ، پنکھ ڪٽي هئہ
پرواني ڪي اور شمع هئہ دور جلني ڪو هئہ بي چين،
قريي اُڙني سي مجبور......

هن سنگيتڪار ٨٥ فلمن ۾ سنگيت ڏنو جنهن ۾ 'بلوا منگل' جنهن جو هڪ گيت ثريا جي آواز ۾ بيحد مقبول ٿيو :

قر دنيا ڪو ياد رهيگا، تيرا ميرا افسانا
پروانون سي پريت سيکہ لي شمع سي سيکا جل جانا....

مشهور گيت 'مت جا مت جا جوڳي پانءِ پڙون مين توري' جي مقبول فنڪارا گيتا دت کي پهرين بريڪ بہ هن سنگيتڪار ڏني. جڏهن طلعت محمودؔ ڪلڪتي کان پهريون ڀيرو ممبئي جي فلم ننگريءَ ۾ پير پاتو، هن بہ پهريون ڀيرو بلي سي.راٽيءَ جي

ڪمپوزيشن ۾ ڳاتو. فلم جي مشهور معروف شخصيتن هن سان ڪم ڪيو جن ۾ لتا منگيشڪر، امير بائي ڪرناٽڪي وغيره شامل هئيون. اڳي جيڪي هيروئنون هونديون هئيون تن اڳيان اها بہ چئلينج هوندي هئي تہ پنهنجا گيت پاڻ ڳائين، جيڪا ڪمپوزر لاءِ وڏيڪ ئي چئلينج هئي. ان للڪار کي بہ بلي سي.راڻيءَ همٿ سان قبوليو ۽ گيت ڳارائين جنهن ۾ نرگس ڪان انجمن ۾، مڌوبالا ڪان ڏنا پڳت ۾، نلني جَيَنت، سريندر ۽ مينا ڪماري شامل هئي. مينا ڪماريءَ ڪان تہ پنجن ڇهن فلمن ۾ ڳارايا، ان ڪان بہ قدم اڳتي وڌي هن سنگيتڪار امير بائي ڪرناٽڪيءَ سان پنهنجو دوڳانو رڪارڊ ڪيو، جيڪو پنهنجي دور ۾ هر سنگيت پريميءَ جي لبن تي رهيو.

۱۹۴۲ع ۽ ۱۹۴۳ع ۾ جڏهن رپئي جو ملهہ اڄ جي سئو ڪان بہ وڏيڪ هو اُن وقت ڪيس بہ هزار رپيا پگهار ملندي هئي. هو ورهاڱي ڪان اڳ ئي فلم انڊسٽريءَ ۾ داخل ٿيو. جڏهن ڳائيندڙ جي پگهار (۱۰۰) سئو يا (۱۵۰) ڏيڍ سئو رپيا وڌ ۾ وڌ (۲۰۰) بہ سئو رپيا ڪيس ملندي هئي. اڄ جي سنگيت جي سرن جي راڻي لتا منگيشڪر کي پنج سئو (۵۰۰) ڇهہ سئو رپيا ملندا هئا. جيڪا اڳتي هلي فلمي آڪاس تي آفتاب جيان چمڪڻ لڳي. سر تال مڌر آواز واري ڪويل جو نالو اڄُ احترام سان ورتو وڃي ٿو، اڄُ سنگيت جي انهن بلندين کي ڇهيو آهي جنهن تي نہ صرف هندوستان ۾ رهندڙ پر سڄيءَ دنيا جا سنگيت پريمي فخر محسوس ڪن ٿا.

فنڪارن جي پڪ-آپ تي تبصرو ڪندي هڪ وار چيو تہ امير بائي ڪرناٽڪي ۽ مڪيش جون لمتيشنس هيون. اگر ڪو ڳائيندڙ فنڪار نہ ايندو هو تہ اُن جي جاءِ تي ٻيو ڳائيندڙ جڏهن ڪنيو ويندو هو، تہ اُن جي آواز جي پچ جي لحاظ ڪان ڪمپوزر کي وري نئون سُر، اُن جي پيت تي ڪمپوز ڪرڻ

پوندو هو. ڏن تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ سنگيت ڪار جي حثيت ۾ هن جو چوڻ هو تہ ڳاني جا ٻول اگر پهرين ملن تہ ڪمپوزيشن سٺي بڻجي ٿي. باقي ميوزڪ پهرين، اکر پوءِ لکڻ، ڪاپي واري ڳالهہ ٿي وڃي ٿي، جنهن ۾ ڪريئيٽوٽي نٽي رهي. پهرين اکر لکيل هجن تہ اها رچنا هٽ ٿئي ٿي. بلي سي.رامي ٔ نہ صرف هندي اُرڊو ۽ سنڌي، پر ٻين ٻولين ۾ بہ گيت تيار ڪيا. ڪيس هڪ وڏي للڪار سان اُن وقت منهن مقابل ٿيڻو پيو جڏهن ڪيس ڪئنيز ٻوليءَ ۾ گيت رڪارڊ ڪرڻ جو ڪانٽرئڪٽ مليو، ۽ اُهو بہ هڪ ٻہ نہ، ڪيس ست ڳانا ڪمپوز ڪري رڪارڊ ڪرائڻا هئا. پهرين تہ هن جو چوڻ هو تہ ٻول ٻُڌي تہ سنڌس مٿو چڪرائجي ويو. جيڪي گيت محمد رفي ۽ لتا منگيشڪر کان ڳارايا. سنڌس ڪمپوز ڪيل جاني بابو قوال جي آواز ۾ ڳايل قوالي لاجواب آهي. همين تو لوٽ ليا مل ڪي حسن والون ني گوري گورين گالون ني ڪالي ڪالي بالون ني ......

سنڌي گيت جي ڏن تي آڌارت هڪ هندي گيت تيار ڪيو جيڪو سنڌي ڳائيندڙ فنڪارا وشني لعل ڳاتو اُهو بيحد مقبول ٿيو ٻڙي ڀهول ڪي تو سي پيار ڪيا ..... هن جو چوڻ هو تہ هڪ واري لتا منگيشڪر ان گيت کي پسند ڪندي چيو : جيڪر اهو گيت مان ڳايان ها اوهان جي سنڌي ٿيون ڏاڍي سٺي آهي پر سنڌي فنڪارا کي دادا ڏيندي چيو : اُس ني يي اچا گايا هئہ. ٻين جن فنڪارن کان سنڌي گيت ڳارايائين انهن ۾ سي.ايچ.آتما بلوا منگل جو ڳاتو موهن پياري اس مرلي ۾ سات ڇيد هئہ ميري هرديہ ۾ لاکون ڇيد سئو سئو سُر هئہ چاهي جس پر گائي...... سي ايچ آتما جو ننڍو ڀاءُ چندرو آتما بہ سٺو ڳائيندڙ آهي، جنهن نہ صرف سنڌي پر هندي سنگيت جي دنيا ۾ ناءُ ڪمايو آهي. ٻنهي ڀائرن تي اسين فخر ڪري سگهون ٿا.. ساوتري گدواڻي، سروج ريجهہ سنگهاڻيءَ کان بہ هندي گيت ڳارا يا.

سُنو آهي.

گفتگوءَ دوران پنهنجي خواهش جو اظهار ڪندي هن چيو : سنڌ منهنجي جنم ڀومي آهي، اُتان اگر نيند ملي، ته مان جيڪر يڪدم وڃان، حالانڪ هوُ هندي فلم جي حوالي سان ڪراچيءَ مان ٽي آيو هو، پر سنڌين طرفان، سنڌي پروگرام جي حوالي سان، سندس اِها آس اڌوري ئي رهي. سنڌ جي مٽي ماٽي لاهڻ سنڌو جي جل سان اڄ متائڻ واري خواهش سيني ۾ سانڍي جنم ڀوميءَ کي ڏسڻ جي آس اکين ۾ سمائي ڪئي فنڪار هن جهان مان رمندا رهيا. بلي.سي.راڻيءَ جو ڪمپوز ڪيل گيت هن وقت منهنجي لبن تي اچي ٿو، **مانگني سي جو موت مل جاتي ڪون جيتا اس زماني ۾**... تمنائون اگر چاهڻ سان پوريون ٿين ته الائي انسان ڇاڇا پائي وٺي ......! ڪن خوشنصيبن کي ئي پلئه پونديون آهن.

ورهاڱي جي جيڪا ليڪ سياستدانن ڪڍي آهي تنهن سرحد جي صليب تي ڪروڙين انسانن اکيون ڦاڙي لٽڪي پنهنجي جنم ڀوميءَ کي ڏسڻ لاءِ واجهه واجهائيندي پراڻ تياڳيا آهن. هندي فلمي سنگيت جي ڪينر ۽ سنڌي سنگيت جي دنيا ۾ ناءُ ڪمائڻ واري سنگيتڪار بلي.سي راڻي جي فني صلاحيتن کي سلام ڪندي سندس ئي آواز ۾ ڳايل ڪلام جون چند سٽون ڏيندي خوشي محسوس ڪريان ٿي، جو هن فنڪار جي باري ۾ ڪي حقيقتون اوهان سان ونڊيون اٿم.

**خوشي ڏيندي ته خوش رهبو، جي غم ڏيندي ته پيو سهبو**
**مونکي جيئن هلائيندي تنهنجي مرضيءَ سان پيو هلبو.....**

# چٽگون چٽگون پل پرن ٿا...

ـــــ لعل پشپ

لکڻ جو مقصد ئي، جئن مڃيو ويو آهي، پنهنجي معنيٰ ٻڌائي، تخليق توڙي تنقيد ۾، تنهن ڪري اَسان هڪ طرح مجبور آهيون تہ ڪمل جي مٿينءَ سٽ جي معنيٰ ٻڌايون.

هڪ تہ سڄيءَ تنقيد جو مذڪور مقصد ئي، بنيادي طرح، تنهن ڪري تنقيد لکڻ جو بہ، هڪ غير-ضروري، اَڻ-گهربل اجائي ٻَڌايل ڪارنامي جي سرڪسي-نمائش آهي.

هڪ تہ وڏو مسئلو اِتي ٻڻجي ٿو جو معنيٰ ڪيڏڻ مهِل، ليڪ جي خونَ تي پلجندڙ جوُر، جنهن کي اَسان نَقاد جو نالو ڏنو آهي، وٽ ڪوبہ وزنائتو ۽ ڪارگر اوزار ڪونهي جو هوُ پڪ سان ٻُڌائي تہ تخليق مان معنيٰ ڪوڻڻ ڳولهڻ مهل هوُ تخليقڪار جي لکل-ٻڌايل معنيٰ تو ٻڌائي يا ٻي ڪا، جيڪا هن جي پنهنجي آهي. ٻين لفظن ۾، هوُ معنيٰ ڪڍي ٿو يا جيڪو ...... مقصد آهي يا معنيٰ وجهي ٿو؟ ٻين لفظن ۾ چا معنيٰ مٿان پنهنجي معنيٰ مڙهي ٿو؟ مزيدار ڳالهہ اِها تہ اِهو .... ملندي بہ تہ معنيٰ، ڪابہ، ٻي بہ هجي، ٿي سگهي ٿي.

مختصر ۾، نقاد کي بيروزگار بڻائڻ جا پختا دليل موجود

آهن. معنيٰ ٻڌائڻ لاءِ اَسان مجبور آهيون، نقاد هوندي.
سوال آهي : ڇو؟
اَسان کي (نقاد کي) مجبور ڪنهن ڪيو آهي؟
هڪ پڏري پٽ روايت :
تہ معنيٰ ڪڍڻي آهي، نہ تہ، تنقيد جو مکيہ مقصد ئي ناپاس ٿئي ٿو.

صاف سُٺِڙيءَ ٻوليءَ ۾، تخليق کي سمجهڻ لاءِ دليلن، سببن، مثالن، ڇيد ڪرڻ ۽ منطق سان سمجهڻ ۽ 'مقرر' ڪرڻ ٿا چاهيون.

اِهو سمجهندي بہ تہ اَسان جي ڪڍيل معنيٰ، سِٽ جي معنيٰ ڪان، جيڪا اَسان ڪان لِڪل آهي، گُجهي آهي، ٻي ۽ الڳ آهي، مڙهيل بہ ٿي سگهي ٿي. پوءِ بہ سِٽ جي پنهنجي ڪانہ ڪا، ڪا بہ، ڪهڙي بہ، معنيٰ آهي، اُن حد تائين تہ اُها ڪنهن بہ ٻيءَ معنيٰ کي رد ڪري پنهنجي معنيٰ پاڻ وٽ رکي، لِڪائي رکي، وڏي رانديگر وانگر، ڇو تہ جيترو وڏو خالق هوندو، اوترو وڏو رانديگر هوندو.

سِٽ کي الڳ الڳ نقطن ۾ وراهيون جيتوڻيڪ صفا روايتي سمجهڻ جو اِهو بہ هڪ طريقو آهي، ڇوتہ الڳ الڳ لفظ جي پنهنجي پنهنجي مقرر معنيٰ آهي. پر لفظ جڏهن تخليقي تاثر ڇڏڻ لاءِ، پاڻ ۾ جذب ٿي هِڪُ جُملو ناهين ٿا، تہ اُن جي گڏيل معنيٰ ٺهجي ٿي، جيڪا ضروري نہ آهي تہ ڇونديل الڳ الڳ لفظ جي پنهنجي پنهنجي معنيٰ ٻڌائي.

تخليق جو ٺهجي وڃڻ، پنهنجو پاڻ ۾ هڪ اهڙو کيل آهي، جو لفظن جي مقرر معنيٰ ۾ اُن جو ظاهر ٿيڻ ضروري نہ آهي.

چٽڱون ٻاھ مان نڪرن ٿيون
ٻاھِ اُنھن جو ماءُ-پيءُ آھن.

روز مرھ جي بي-معنيٰ ٻوليءَ ۾، ٻوليءَ ڪان خالي ٻوليءَ ۾
ھڪ ٻاھِ بئنڪ بئلنس آھي، ٻيون چٽڱون ڪڊايل پئسا آھن.

چٽڱون ٻاھِ جي اولاد آھن، اُنھن جي پيدائش آھن،
وارث آھن، ٻاھِ بنا اُنھن جي ذات پات ڪانھي، سبب جو
نتيجو آھن؛ شروعات جو اڳتي وڌڻ آھن، ٻاھِ نہ آھن، ٻاھِ جا
عضوا آھن، ٻاھِ جو ڦھلجڻ آھن. تنھن ھوندي بہ ٻاھِ آھن،
ڇوتہ ٻاھِ بنا اُھي ھجن ئي نہ ھا.

چٽڱون چٽڱون پل ٻرن ٿا.

سِت 'چٽڱن جي ڪوساڻ ڪڍي' ھڪ ٿڌو درد بہ آھي.
زندگيءَ جي ڪاڏل ڪا چوٽ بہ آھي.
اِئين نہ ھجي ھا تہ ھڪدم پڙھڻ سان، اَسان مان، ھڪ نہ
ٿي وڃي ھا.

درد ۽ چوٽ، ھاڻي آھي، ھِتِ آھي، اسان جي روز مرھ جي
زندگيءَ سان سڌو وابستہ آھي، ست جي سڄي سونھن اتي آھي
تہ اسان جي سامھون ھوندي بہ اسان جي پٺيان آھي، پرتي،
ھزارين سال-صديون پٺيان وڃي، سامھون ٻرندي، سڀ ڪان پھرين
ٻاھِ ٻٽجي وڃي ٿي، جڏھن ان جو جنم ٿيو ھو، جڏھن ماڻھو
غفا ۾ رھندو ھئو، اناج ڪان اَڻ-واقِف ھئو، سِين جانورن جو
شڪار ڪندو ھو، اُنھن جو ڪچو ماس ڪائيندو ھو. ٻاھِ جي

جنم سان اسان جي تواريخ جو وڏو باب بند ٿئي ٿو: صفا-سچو نئون ڪلي ٿو، جنهن ۾ ماڻهو وري پنهنجي پهرين زندگي نٿو جيئي، سُڌريل باب بڻجي ٿو، اسان اجوڪن ماڻهن تائين پهچي ٿو، رڌل ڪاڌو، جيڪو باهِ بنا ممڪن ئي نہ هو، ۽ پٿرن جي ٽڪرجڻ سان باهِ ٻرندي هٿ ڪري، باهِ بہ نہ، باهِ جون چڻگون چڻگون، جن ڪي هن باهِ بڻايو، تنهن مهِل، مان تصور ڪريان، ..... پل چڻگون چڻگون ٻريا هوندا، اُنهن جي شعاع ۾ هن پنهنجي تواريخ جو نئون باب پڙهيو لکيو هوندو، هڪ طرح ايم.ڪمل هزارين سال-صديون پنيان وڃي، پنهنجا پل چڻگون چڻگون ٻريل ڏسي، پنهنجي پڇاڙيءَ کان پهرينءَ شروعات تائين پهتو هوندو.

## چڻگون چڻگون پلَ ٻرن ٿا.

اِهو بہ اتفاق نہ آهي. اسان جي صديءَ جي هڪ تمام وڏي فرينچ ناول-نويس ۽ نقاد، مارائيس بلئنڪات، جنهن جي ناول ۽ تنقيد بنا، اجوڪي ناول ۽ تنقيد کي پڙهڻُ مشڪل ٿي پيو آهي، پنهنجي هڪ ڪتاب-ڳڏيل ڪتاب جو عنوان ئي رکيو آهي The Work of Fire.

باهہ 'سچو' آهي، چڻگون اُن جا حصا، چوڻ ممڪن نہ آهي، اُهو سچو ڪيترو آهي، عام فهم اِهو آهي، ان جو هر حصو ٻري ٿو.

سچي جي سين حصن سوڏي هڪ معنيٰ روشني بہ آهي.

باهِ روشن ڪري ٿي، روشني ڏئي ٿي، اُها پهرين آهي، ۽ پوءِ اُها. پهرين-پوءِ هڪ آهي، ساڳي آهي. اَسانجي سنسڪارن ۾ پاڻيءَ ۽ هوا وانگرباهِ جي پوڄا ڪرڻ تائين عضمت آهي، اِهي سڀ اسانجي نِجُ توڙي ڳڏيل، سماجڪ سطح تي، ڳنين-

وڏين جا پرتيڪ آهن. باهه ۽ وواهه جي ويڙهيءَ سان ڳنڍيل آهي، مساڻي ۾ ماڻهوءَ جي ...... ........ هستيءَ جي پڇاڙي پيدا ڪندڙ واهڻ آهي، ڏيئي جو جوت آهي، ڌرم جو انگ آهي، ڏسهڙو آهي، ڏياري آهي.

پلن جي پنيان هڪ درد آهي، الاجي ڪهڙو. ڪهڙو به، نالي بنا، واقفيت-سڃاڻپ بنا
نه، شاعر جو پنهنجو جيڪو چٽگن ذريعي چٽگون بڻجي، چٽگون هجي بري ٿو، باهه-چٽگن-پلن جي درد-لهس، نامعلوم شاعر جي اڻ-بڌايل، صورت-چهري تي آيل، اسان ۾ به ڪنهن نامعلوم درد کي جاڳائي ٿي، شاعر جي ڪيترن به گهڻن دردن جو ڪو به درد، اسانجي ڪيترن به گهڻن دردن جي ڪنهن درد کي بڌائي ٿي، درد ساڳيو نه هجي به درد بڻجي ٿو، ڇوجو، ڪٿي نه ڪٿي، سڀ درد هڪ درد آهن.

اونده ۾ روشن ٿئي، اڻ-ڏِٺل ڏٺل بڻجي، غير-مؤجود مؤجود ٿئي، ....... بنهي جي وچ ۾ جا ڪيترا به پل هڪ لڪل، گ منام راز کي نمايان ڪري، جمالياتي تسڪين ذريعي.
اُن هڪ ست جي بِي، وڏيڪ سقلتا آهي.

شاعر جي جملي ڪلام ۾ گهڻن هنڌ باهه-چٽگون، رڪ-بجليءَ جون لڙڪيل تارون ملن ٿا. اُنهن جي، ننڍن ڳوڙهن ۾ وچي هيٺ لهي؛ هرو پرو نتيجو ڪڍڻ جي ناداني ءَ کان پرهيز ڪري، فڪر ڪرڻ وڌيڪ سمجهه پريو ٿيندو.

☐ ☐

ايڪانڪي ناٽڪ

# فيصلو

—— لڪمي ڪلاڻي

ناٽڪ جا پاتر :

| | | |
|---|---|---|
| شيامَ ماءُ | — | عمر پنجاهه سال |
| شيامُ | — | عمر ڏهه سال |
| ريڪا | — | عمر ويهه سال |
| حشمت | — | عمر ٽيهه سال |
| ڪانتا | — | عمر اَناويهه سال |

(پردو کڄڻ سان گهر جو ڊرائينگ روم نظر ثو اچي. ڪابي پاسي صوفا سيٽ جي ويجهو ٻاهر اَچڻ-وڃڻ جو در آهي. ساڄي پاسي ڊائينِنگ ٽيبل جي پُٺيان پٺ ۾ هڪ دري آهي، جنهن تي پردو ڏنل آهي. پٺ تي دريءَ جي کابي پاسي، سنت ڪنوَر رام ۽ ساڌو واسواڻيءَ جون تصويرون ٽنگيل نظر اچي رهيون آهن. ٻاهر واري در وٽ ئي هڪ صوفا سيٽ پيل آهي. ڊائننگ ٽيبل وٽ ويهي پاڄيون وڍيندڙ شيامَ-ماءُ تي روشني پوي ٿي)

شيام ماءُ — **(پاڄيون وڍيندي)** رات جا اچي اٺ لڳا آهن، پر هن مهاراڻيءَ جو اچا ڪو پتو ڪونهي. اِها ڪهڙي آفيس آهي جيڪا ڪين رات جو اَٺين-اَٺين، نوين-نوين تائين

شيام — (ماءُ جي پير ۾ ڪرسيءَ تي ويهندي) ڪجهه کائڻ لاءِ ڏي نہ، پيٽ ۾ ڪوئا ٽا ڊوڙن.

شيام ماءُ — ريڪا! او ريڪا! (شيام کي) وڃ پيڻ کي سڏ ڪري اچ.

شيام — نہ، مان ڪيس ڪونہ سڏ ڪندومانس، مون کي ماريندي.

شيام ماءُ — (سڏيندي) ريڪا! مجال جو ٻڌي! سڄو ڏينهن هيءَ راجڪُماري ڪتابن ۾ منهن وجهي ويٺي آهي. اَهڙي پڙهڻ مان ڪهڙو فائدو! هيءَ بہ هاڻي گهر کي جواب ڏيئي نوڪري ڪندي. اَڄ جون ڇوريون ٻنهي جهانن کان ويون!

شيام — اَمان! تون ڪنهن سان ٿي ڳالهائين؟

شيام ماءُ — پنهنجي سان ! .... ريڪا! او ريڪا ! ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي ويٺي آهين ڇا؟

ريڪا — (پير پٽڪيندي اندر اچي ٿي) ڇاهي؟ ايڏا ٻوڪَ ڇو ٿي ڪارين؟ مون توکي ڪيترا ڀيرا چيو آهي، پڙهائيءَ وقت مون کي ڊسٽرب نہ ڪندي ڪر. سڀاڻي منهنجو امتحان آهي.

شيام ماءُ — اَچي پاڻين تہ چوانس ٿي تہ تو لاءِ ڪو ڇوڪرو ڳولهي. هاڻي ڏيءَ ڏڻ کي اجا گهڻو وقت گهر ۾ ويهاري رکبو! توهان ڇوڪرين کي اِهو ئي وڏي ۾ وڏو امتحان پاس ڪرڻو آهي .... شاديءَ جو.

ريڪا — (ٻڙٻڙندي) ناهي مون کي شادي ڪرڻي. مون کي پڙهي لکي پنهنجن پيرن تي بيهڻو آهي.

شيام ماءُ — ڇري! ڌيئرن لاءِ شادي ڪرڻ، گهر سنڀالڻ ۽ ٻار ڄڻڻ کان سِواءِ سندن جيون سڦلو ٿيَڻو ناهي، سمجهي ڇڏ.

ريڪا — مون کي اِهو ليڪچر ڏيڻ لاءِ سڏ ڪيُئہ ڇا؟

شيام ماءُ — (شيام کي پيٽ ۾ پٽليءَ تي ڏڪ هڻي) مُئا! اِهي ڪچا مٽر تہ نہ کاءُ. پيٽ ۾ سوُر پوَندءِ.

شيام — (پيڻ جي پنيان ويندي) ڇا ڇيُئِہ؟ ڪُوئو؟ بيهہُ تہ مان تنهنجي چوٽي تو پٽيان.

**(ريڪا اَندر رنڌڻي طرف ڊوڙندي ٿي وڃي. شيام هن جي ڪڍ وڃي ٿو)**

ريڪا — **(اَندران)** اَمان ڏسُ! مون کي چڪُ ٿو پائي.

شيام ماءُ — **(اُٿي در وٽ وڃِي)** شيامون! پُٽَ شيامون! ڇڏيس. ڏس، ڏاهو ٿيءُ.

**(اَندران خالي برتن ڪرڻ جو آواز ٿو اَچي. حشمتُ هٿ ۾ بريف ڪيس کڻي گهر ۾ داخل ٿئي ٿو. اُن کي صوفا اَڳيان پيل سينٽرل ٽيبل تي رکي ٿو. پنهنجو ڪوٽ ۽ ٽاءِ لاهيندي چوي ٿو)**

حشمت — هيءُ گهر ۾ ڇا جو گهمسان متو پيو آهي؟ دنيا ۾ ڪٿي بہ سُک شانتي ڪانهي. لوڪل ٽرين ۾ بس ۾ ڌِڪا کائي گهر اَچُ، تہ هِتِ بہ آرامُ ڪونهي!

**(صوفا تي ويهي بوُٽُ لاهي ٿو)**

شيام ماءُ — **(ويجهو اچي)** اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانهي، پٽ! گهر ۾ ٻارَ-ٻيڻ جي راند روند تہ هلندي رهندي آهي. ڪڏهن پاڻ ۾ وڙهندا آهن تہ وري جهٽ سَرچي ويندا آهن. تون هٿ منهن ڌوئي ڪپڙا بدِل، مان تو لاءِ چانهِ ٺاهي ٿي اَچان.

حشمت — ڇو؟ ڪانتا اَڃا آفيس کان ڪانہ موٽي آهي ڇا؟

شيام ماءُ — بس اچڻ واري ٿي هوندي. آفيس ۾ ڪنهن ضروري ڪم سبب اٽڪي پئي هوندي.

حشمت — نہ، اِهي سندس روز جا بهانا آهن. مان اِهي ٻڌي ٻڌي هاڻي ٿڪجي پيو آهيان.

شيام ماءُ — بهانا هوُءَ ڇو ڪندي، پٽ؟

حشمت ــ ها، اِهي سندس بهانا آهن : اَڄ باس لاءِ ضروري خط ٽائيپ ڪرڻا هئا، اڄ ڪمپنيءَ ۾ گراهڪن کي چانهه پيارڻ لاءِ ڪنهن هوٽل ۾ وٺي وڃڻو هو. هن جو باس چاڻي واڻي ڪيس هر روز دير تائين روڪي ٿو ڇڏي. ڪائي ضرورت ناهي اَهڙيءَ نوڪريءَ ڪرڻ جي. اڄ ته مون کي هن سان هڪ هڪاڻي ڪرڻي پوندي.

شيام ماءُ ــ پٽَ! ايترو اُبهرو نه ٿيءُ. ڪانتا ڏاڪٽي سُياو جي آهي. تون ڪيس ڏيرج سان سمجهاءِ ته گهر سَوير پرو موٽي ايندي ڪر. هن ويچاريءَ جي ته نوڪري ڪرڻ تي اصل دل ڪانه هئي. تو ئي ته ڪيس نوڪري ڪرڻ لاءِ زور پريو هو.

حشمت ــ (ماءُ جي ويجهو وڃي) اَمان! توکي ته خبر ئي آهي، منهنجي پگهار ڪُل ٽي هزار روپيا ۽ گهر خرچ پنج هزار روپيا. مٿان بابو به ويندي ويندي پنهنجو قرض مون لاءِ ڇڏي ويو. مان آخر اڪيلي سر اِها پورتِ ڪٿان ڪريان ها؟

شيام ماءُ ــ پٽ! مون به ته گهر خرچ جي پورت لاءِ مشين جي سِلائي ڪئي. ڪيڇا پاپڙ ڪيا. پنهنجا هڏ گسائي توهان کي پڙهايو لِکايو، لائقيءَ سان لڳايو، نه ته تون اڄ پيءُ جيان رستي تي ڦيري ڪندو هجين ها!

حشمت ــ اَمان، اِن لاءِ توکي لک شاباش آهي. اَسان تنهنجا ٿورا عمر ڀر لاهي نه سگهنداسين.

شيام ماءُ ــ نهيو نهيو. هاڻي ڇڏ اِها لُنڊي خوشامد.

حشمت ــ نه امان، مان سَچ ٿو چوان. پر تو جيڪي به ڪيو، ڍڪ پردي ۾ ڪيو. ڪنهن ٽياڪر کي خبر به ڪانه پئي. پر ڪانتا ته کلي عام لڄ لاهي هن سوناري جي پٽ لالچند سان پئي سندس ڪار ۾ گهُمي ڦري! سندس گراهڪن کي هوٽلن ۾ پئي لنچ ڊنر ڪارائي! پنهنجي جويلري

ايڪسپورٽ ڪرڻ لاءِ هينئر تہ هن کي ئي ماڊل بڻائڻ ٿو چاهي. ٻي ڪا خوبصورت ماڊل ڪيس ملي ئي ڪانہ ٿي! اڄ هوءَ محض سيلس گرل آهي. سڀاڻي ڪيس پنهنجي پرسنل سيڪريٽري بڻائي فارين بہ وٺي ويندو. نہ نہ. مون کان اِهو سڀ ڪجهہ برداشت نٿو ٿئي. دوست مون تي کِلن ٿا. چٿرون ٿا ڪن. مان هن سوناري جي پٽ ......

شيام ماءُ — پٽ! ماڻهن جي ڳالهين تي ڪن نہ ڏي. اسانجي ڪانتا اِهڙي ڪانهي. ماڻهن کي تہ رڳو ٻين جي گهرن تي پٿر هڻڻ ايندا آهن. ڪڏهن پنهنجي ڳريبان ۾ بہ نِهاريو اَٿائين تہ سندس جوان جماڻ ڌيئڻ تہ روز نهي سنيري، ڪُلهي ۾ پرس لٽڪائي، سڄو ڏينهن رُلندي پندي ٿي وتي. توبهہ توبهہ! ڪنهن بہ نياڻيءَ ٿي ڪوڙو ڪلنڪ لڳائڻ اسان لاءِ تہ مها پاپ آهي. پر هنن ماڻهن کي پرائي پچار مان مزو ٿو اچي.

حشمت — پر امان، اسان کي بہ آخر هن ئي سماج ۾ رهڻو آهي. پنهنجا بہ وياهہ مڱائڻا پرڻائڻا آهن.

شيام ماءُ — سماج، مِٽ مائٽ، يار دوستار! ٻڌاءِ ڪهڙي ڪم آيئہ اهي؟ پٽهين اسپتال ۾ گذاري ويو ۽ پنجن هزارن جو بل چُڪائڻ لاءِ تون سيني جي اڳيان هٿُ ٽنگي آئين. ڪنهن ڪاٽي ڪوڏي بہ ڏنئہ؟ هسپتال جو بل چڪائڻ لاءِ مون کي ئي پنهنجا زيوَر وڪڻڻا پيا.

حشمت — اَمان! مون کي اِهو ئي تہ اَفسوس ٿو ٿئي تہ اسين توکي هن ٻڍاپي ۾ بہ ڪو سک آرام نہ ڏيئي سگهياسين. سڄو ڏينهن تون پئي گهر جي ڪم ڪار ۾ ڳهين.

شيام ماءُ — اسان عورتن کي مُئي ڪان پوءِ ئي آرام ملندو آهي، پٽ! تون ڪانتا کي ڪُجهہ نہ چئجانءِ. مان کيس سمجهائي ڇڏيندس (شيام ماءُ وڏيل پاڃين جي ٿالهي کڻي رنڌڻي ۾ هلي ٿي وڃي)

حشمت ــ (ڪمري ۾ اچ-وڃ ڪندي) مونکي ته ڪجهه سمجهه ۾ ئي نٿو اچي ته مان ڇا ڪريان! ڪانتا ڪان ته سندس اِها نوڪري ڇڏائڻي پوندي. مان ماڻهن جا اِهي مهڻا سهي نٿو سگهان! ..... (ترسي) پر جي ڪانتا به نوڪري ڇڏي اچي، ته پوءِ گهر جو خرچ ڪيئن هلندو؟ اڪيلي سر مان ته اِن کي منهن ڏيئي نه سگهندس! بابو ته اَمان ۽ ٻن ٻارن جو بوجو مون مٿان وجهي پاڻ ته مٿي وڃي سکي ٿيو. هاڻي مون کي ئي سڄي عمر گڏهه جيان وهڻو پوندو.

**(ڪانتا هٿ ۾ ٻه-ٽي پئڪيٽ ۽ ڪُلهي ۾ پرس لٽڪائيندي اَندر گهري ٿي)**

ڪانتا ــ **(مشڪي حشمت کي ڪيڪاريندي)** ساري، ڊارلنگ! آءِ ائم ليٽ ٽُڊي. (پئڪيٽ صوفا تي رکندي) اڄ مونکي پهرين پگهار ملي. خبر اَٿئي گهڻي؟ پورا پنج هزار روپيا. بونس ۽ ڪميشن ان کان سواءِ! اڳو پوءِ سيني لاءِ سوکڙيون به وٺي آيس. **(پرس مان پگهار جو لفافو ڪڍي حشمت کي ڏيندي)** هيءُ پگهار جو لفافو.

حشمت ــ اَمان کي ڏينس. **(کي کِن ڪانتا جي اکين ۾ گهوري)** تون اِها نوڪري ڇڏي ڏي. سڀاڻي کان آفيس وڃڻ جي ضرورت ناهي.

ڪانتا ــ **(عجب مان)** پر ڇو؟

حشمت ــ تنهنجو سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر رهڻ مون کي پسند ناهي. اِن کان سواءِ امان کي به تڪليف ٿي ٿئي. ٿي ٿي ويلا کيس ئي روٽي ٿي ڪرڻي پوي. هن ٻڍاپي ۾ ته اِهو اَسان جو فرض آهي ته سندس شيوا ڪريون.

ڪانتا ــ مان به پاڻ اِهو ئي سوچي رهي هيس ته ڇونه فُل ٽائيم هڪ رڌڻ پچائڻ واري مائي رکون. هاڻي اسان اَفورڊ به ڪري سگهون ٿا. مميءَ کي هاڻي رٽائر ڪنداسين!

حشمت ـــ نہ، ڪنهن مائيءَ جي هٿ جي روٽي اسان کي ڪانہ وڻندي ۽ هيءُ پريو تريو گهر ڪنهن مائيءَ جي آسري ڇڏي ڏيڻ نيڪ ناهي.

ڪانتا ـــ پر تو ئي تہ مون کي نوڪري ڪرڻ لاءِ زور پريو هو. نوڪري ڪرڻ تي منهنجي مرضي صفا ڪانہ هئي. توئي تہ پنهنجي ڪنهن دوست کان سفارش ڪرائي لالچند جويلرس وٽ هيءَ سيلس گرل جي نوڪري وٺي ڏني!

حشمت ـــ ها، اِهو ڏوهہ برابر منهنجو آهي. مان پنهنجي غلطي مڃيان ٿو. هاڻي اِها سُڌارڻ چاهيان ٿو. مون کي اڄ اِهو پليءَ پٽ احساس ٿيڻ لڳو آهي تہ عورت جي جڳهہ گهر اندر آهي، نہ گهر کان ٻاهر. جي گهر ۾ رهڻ شروع ڪنديئن تہ اسين هڪ ٻن ٻارن بابت بہ سوچي سگهون ٿا. ٻارن کان سواءِ اسان جو گهر ڪيترو نہ ڀُسو پيو ٿو لڳي.

ڪانتا ـــ ٻار جڻڻ سَوَلو، پر ڪين پالڻ ڏکيو. ڪين پالڻ لاءِ پئسا ڪِٿان اِيندا؟ اڳ ۾ ئي گهر جو ٻاٽي پڳو خرچ آهي. گهر جي مسواڙ، شيامون ۽ ريکا جون اسڪول ڪاليج جون فيئون، ٽيوشن، ڪپڙو لٽو، بجليءَ جو بل. اڃا تہ ٽيليفون اسان کي لڳاراٽو آهي. رڳو تنهنجي پگهار مان .......

حشمت ـــ مون هڪ پارٽ ٽائيم جاب هٿ ڪيو آهي. سوچيان ٿو، ڪو ننڍو-وڏو بزنيس بہ شروع ڪريان. ڏنڌي ۾ جام ڪمائي آهي. نوڪريءَ ۾ برابر ٻارهن مهينا هٿ تنگيو پيو آهي.

ڪانتا ـــ چڱو، اِن تي پوءِ سوچينداسين. هاڻي تہ مان بيحد ٿڪل آهيان. ٿوري دير آرام ڪرڻ ٿي چاهيان.

(پڻڪيٽ ڪٽي اندر وڃڻ ٿي لڳي)

حشمت ـــ ڪانتا، بڌ! توکي سوچڻ جي ضرورت ناهي. مون سوچي فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. سيٺ لالچند ڏانهن تون پنهنجي

استعيفا لکي سياڻي مون کي ڏيئي ڇڏج. مان اها ڪين شو-روم ۾ پهچائي ايندس.
**(ڪانتا کي ڪِن يڪٽڪ حشمت ڏانهن نهاريندي ٿي رهي)**

شيام ماءُ — **( ٽري ۾ چانهه جا ڪوپ کڻي اَندر ايندي)** تون اچي ويئينءَ، ڪنوار! اڄوڪي تو لاءِ بہ چانهه کڻي آيس. هئي گڏجي ويهي پيئو! **(ڪوپ ٽِپائيءَ تي رکي ٿي)**

ڪانتا — **(پئڪيٽ صوفا تي رکي، پرس مان لفافو ڪڍندي)** هيءَ منهنجي پهرين پگهار آهي، ممي!

شيام ماءُ — **( لِفافو وٺي، خوش ٿيندي)** گهڻا آهن، ڪنوار!

ڪانتا — پنج هزار، ممي!

شيام ماءُ — **(اَواڪ ٿيندي)** ايترا؟ نہ نہ، مان هيترا ڪٿي سنڀالي رکيندس. تون ئي رک. گهر جو خرچ هاڻي تون هلاءِ. مان تہ بابا، هاڻي مُنجهي ٿي پوان.

ڪانتا — **(هڪ پئڪيٽ مان شال ڪڍي، سَسُ کي پائيندي)** ممي! توهان لاءِ هيءَ گرم شال وٺي آيس. سيارو اچي ويو آهي. توهان ٿڌ ۾ پيا ڏڪندا آهيو.

شيام ماءُ — **( شال کي چوگرد وڪوڙي، خوش ٿيندي)** تو اجايو هيتري تڪليف ڪئي. مون کي نئين شال جي ضرورت ڪانہ هئي.

ڪانتا — **(در وٽ وڃي،)** ريڪا ! شيامون !

ٻارن لاءِ بہ اَڄو پوِ هن مهيني جي بونس مان ڪي شيون وٺي آيس. روز پيا ياد ڏياريندا آهن تہ پاپي، اسان کي پنهنجي پهرين پگهار مان ڇا وٺي ڏينديءَ.

**(ريڪا ۽ شيامون ڇلانگيندا اَندر اچن ٿا)** پاپي اچي ويئي ! پاپي اچي ويئي !

ڪانتا — آهستي. ايتري هنيوچي چو ٿا هڻو؟ ريکا، تون بہ شيامونءَ جي سنگت ۾ بار ٿي بڻجي وڃين! سُپاڻي جي امتحان جي پوري تياري آهي؟ رات جو سمهڻ کان اَڳُ مون کي پنهنجا ڪتاب ڏيکارجانءِ. **(پئڪيٽ مان ساڙهي ڪڍي)** وٺ، سپاڻي تون هيءَ نئين ساڙهي پائي وڃجانءِ. هن ڀيري تو کي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيڻو آهي. ميڊيڪل ۾ داخلا وٺي، ڊاڪٽر بڻجڻو آهي.

ريکا — **(ساڙهي وٺي، ڀاڀيءَ کي ڀاڪر پائي، ڪيس گول گول گهمائڻ جي ڪوشش ٿي ڪري)** ٿئنڪ يوُ، ڀاڀي! **(ڊوڙ پائي اندر هلي ٿي وڃي)**

شيام — **(منهن ڀلو ڪري)** ڀاڀي! منهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نہ؟

ڪانتا — تون تہ سڄو ڏينهن پيو رُلين پنين، رڳو ٻاڙي ۾ ٻارن سان ڪرڪيٽ کيڏين. تو کي تہ پڙهڻ لکڻ جو شوق آهي ڪونہ.

شيام — ڏسجانءِ، ڀاڀي! مان نہ هڪ ڏينهن تو کي ٽينڊُلڪر ٿي ڏيکاريندوسانءِ. تو مون کي پرامز ڪيو هو تہ.....

ڪانتا — **(شيام کي وچ ۾ ڪٽي)** 'مون لاءِ هڪ بوٽ وٺي ايندينءَ. ائڪشن شوز، جيڪو ڪَپِل ديو پائيندو آهي.' **(ڪيس باڪس ڏيندي)** وٺُ، هي ائڪشن شوز. هاڻي تہ خوش؟

شيام — **(بوٽ وٺي، ٿپا ڏيندي)** ڀاڀي، يوُ آر گريٽ!

**(شيام بوٽ کڻي گهر اَندر ڀڄي ٿو وڃي)**

شيام ماءُ — ڌيءُ! اڄ جي تنهنجو سهرو جيئَرو هجي ها، تہ تو کي دل سان آسيس ڪري ها.

**(ڪانتا جهڪي سَسُ کي پيرين پوي ٿي)**

شيام ماءُ — **(کيس ڀاڪُر پائي)** سدا سُهاڳڻ هجين. شل چوڙين سهہ ماڻين. هاڻي تون بہ جلد ڪپڙا مٽي اچُ. روٽي تيار آهي. اچ سڀ ٽيبل تي گڏجي ويهي ٿا کائون.

**(شيام ماءُ پنهنجي شال جي پَلوَ سان خوشيءَ جا ڳوڙها اُگهنديِ اندر هلي ٿي وڃي)**

حشمت ــ تو تہ سيني کي سوکڙيون ڏيئي خوش ڪري ڇڏيو. مون لاءِ ڇا وٺي آئي آهين؟

ڪانتا ــ **(سندس ڳلي ۾ ٻانهون وجهي، مُرڪيِ)** تو لاءِ ڇا مان ڪافي ناهيان؟

حشمت ــ **(سندس ٻانهون هٽائي، ڪانئس پري ويندي)** تون ڪٿي آهين؟ مون کي تہ نظر ئي ڪانہ ٿي اَچين!

ڪانتا ــ ڇڱو ڀلا، اَکيون بند ڪريو. هٿ جي ڪرائي اڳيان وَڌايو. **(ڪانتا حشمت جي ڪرائيءَ ۾ واچ پائي ٿي ڇڏي)**

حشمت ــ **(اَکيون کولي)** واچ؟

ڪانتا ــ پسند آئي؟

حشمت ــ **(واچ لاهي، ڪانتا جي پرس ۾ واپس رکندي)** مون کي واچ نہ کپي، تون کپين.

ڪانتا ــ مان تہ تنهنجي سامهون بيٺي آهيان.

حشمت ــ منهنجي سامهون سيٺ لالچند جويلرس جي شوڪيس وارو ماڊل بيٺو آهي، جنهن جي ڳلي ۾ ڊائمنڊ نيڪليس، ڪراين ۾ هيرن جا ڪنگڻ ۽ ڪنن ۾ هيرن جا جهُمڪا ۽ چِپن تي ويڪري مُرڪ چنبڙيل آهي. مون کي پنهنجي جوءِ کپي جيڪا سيٺ لالچندُ مون کان ڦري ويو آهي.

ڪانتا ــ **(پيار مان سندس ٻئي هٿ پڪڙي)** حشو! وشواس ڪر، مان اڄ بہ سچي،ساري تنهنجي آهيان. ڪير بہ توکان تنهنجيٰ زال ڪونہ ڦري ويو آهي. اِهو تنهنجو نِسوُرو وهم آهي.

حشمت ــ **(پنهنجا هٿ ڇڏائيندي، اُبتڙ ڏِشا ۾ ويندي)** ڇا توکي اِهو احساس نٿو ٿئي تہ لالچند پنهنجي جويلري وڪڻڻ لاءِ تنهنجي خوبصورت جسم جو استعمال ڪري رهيو آهي؟

ڪانتا ــ تون سمجهڻ جي ڪوشش ڇو نہ ٿو ڪرين؟ دنيا ۾ اڄ
مون جيان لکين ڪروڙين عورتون پيٽ پالڻ لاءِ ڊاڪٽر
نرسيون، ائڪٽريسيون، ماڊل وغيره بڻجي پنهنجو پورهيو
وڪڻي رهيون آهن. تنهنجو اِهو سوچڻ غلط آهي تہ هوُ
پاڻ کي وڪڻي رهيون آهن.

حشمت ــ مان اِهو مڃڻ لاءِ تيار ناهيان. اَسان مردن کي سڄو
ڏينهن، ٻارهن ڪلاڪ پگهر وهائڻ بعد ملن ٿا ٽي هزار،
۽ استريءَ کي رُڳو سرير جو نُماءُ ڪرڻ لاءِ ملن ٿا پنج
هزار!

ڪانتا ــ (ٺهڪ ڏيندي) سُياڻي اِن لاءِ پنج لک بہ ملي سگهن
ٿا. ٻُڌو اَٿم تہ هاليووڊ جي ائڪٽريسين کي رڳو هِڪ
مُرڪ لاءِ مِلِيَن ڊالر ملندا آهن. اِهو مُلهہ بازار جي
ڊمانڊ ۽ سپلاءِ طيءُ ڪندي آهي .... (ترسي) سچُ ٻُڌاءِ،
توکي مون سان ايرڪا ٿي ٿئي؟

حشمت ــ ها، مونکي ايرکا ٿي ٿئي. تون سڄو ڏينهن پراون
مردن سان هوٽلن ڪلبن ۾ گهُمين ڦرين ٿي. اَڄُ هنن سان
چانهہ ڪافي پيئن ٿي، سُياڻ ساڻي ٿي سگهي ٿو، بيئر وسڪي
بہ پيئن! سِگريٽ بہ ڇڪين!

ڪانتا ــ اِهو ماڻهوءَ ماڻهوءَ تي مدار ٿو ڪري. (حشمت جي
ويجهو وڃي، سندس ٺاءِ پڪڙيندي) جي عورت جي پنهنجي
دل صاف آهي تہ مجال جو ڪو مردُ ڪيس هٿ بہ لائي
سگهي. (پنليان مُڙي) سچ ٻڌاءِ، ڇا تنهنجو مون ۾ وشواس
ڪونهي؟

حشمت ــ تو ۾ وشواس آهي، پر هِنن فاءِ اِستار هوٽلن-ڪلبن ۾
گشت ڪندڙ راوڻن تي ڪو ڀروسو ڪونهي. عورت جڏهن
بہ پنهنجي گهر جي لڇمڻ ريکا ٽپي ٻاهر قدم رکي ٿي،
اِهي راوڻ ڪيس سونو هرڻ ڏيکاري ڏتارڻ ۾ دير نٿا ڪن.

وانگر پڙهي لکي پهرين پنهنجي پيرن تي بيهنديس.

حشمت ــ نہ وَڏيڪ پڙهڻ جي ضرورت ناهي. اِستريءَ جو اِستان گهر اَندر رهي گرهستي سنڀالڻ جو آهي.

ڪانتا ــ (ريکا کي) تون هلي سڀاڻي جي امتحان جي تياري ڪر. اِن ڳالهہ تي پوءِ سوچينداسين.

(ريکا مايوس ٿي اندر هلي ٿي وڃي.)

ڪانتا ــ (حشمت کي) هرويرو نياڻيءَ کي هيسائي ڇڏيئہ. ساڙهي پائي ڪيترو نہ خوش ٿي رهي هئي.

حشمت ــ مون توکي اَڳہ بہ ڪيترائي ڀيرا چيو آهي، هن گهر جو مالِڪ مان آهيان. منهنجي ڪم ۾ دست اَندازي نہ ڪنديِ ڪر. هن گهر لاءِ ڇا ڀلو آهي ڇا برو آهي، اُن جو مونکي چڱيءَ طرح احساس آهي.

شيام ــ (ڪرڪيٽ کيڏندڙ جي ويس ۾ اَندر ايندي) پاپي ڏس مان هاڻي تينڊُلڪر ٿو لڳان نہ؟

ڪانتا ــ (هيٺِ ڪان مٿي هن ڏانهن نهاريندي) اَڙي واهہ، تون تہ سچ پچ ئي لٽل ماسٽر ٿو لڳين. هن جا قائم ڪيل سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏجانءِ.

شيام ــ (حشمت کي پنهنجو بوٽ ڏيکاريندي) دادا! منهنجو بوٽ سٺو آهي نہ؟

حشمت ــ سڀاڻي کان تنهنجو ڪرڪيٽ کيڏڻ بند! تون پڙهائيءَ ڏانهن بلڪل ڌيان نٿو ڏين. سڄو ڏينهن پاڙي ۾ لچ لوفرن سان رلندو پنندو ٿو وتين. هن کان پوءِ وري جي توکي ڪرڪيٽ کيڏندو ڏٺم، تہ سمجهي ڇڏ....

ڪانتا ــ (شيام کي ڪلهن کان پڪڙي)تون هاڻي اَندر وڃي روٽي کاءُ. (شيام روئڻ هارڪو منهن ڪري اَندر هليو ٿو وڃي) (حشوءَ کي) تون هرو ڀرو پنهنجو غصو ٻارن تي ڇنڊي رهيو آهين. هيءَ ئي تہ سندن کيڏڻ ڪُڏڻ جي وهي آهي.

حشمت ــ تو هنن کي پنهنجي لاڏ ڪوڏ سان ڪاري خراب ڪيو آهي. اَڄ مان توکي وارننگ ٿو ڏيئي ڇڏيان، ته هن ڪان پوءِ منهنجي گهر جي معاملن ۾ تون دخل نه ڏيندي ڪر!

ڪانتا ــ اڄ توکي ٿي ڇا ويو آهي؟ اِهو ڇئين ڇا ٿو؟ هيِ گهر رڳو تنهنجو آهي، هن تي منهنجو ڪو حق ڪونهي؟

ڪانتا ــ ها ها، هيِ گهر رڳو منهنجو آهي. توکي به منهنجيِءَ مرضيِءَ اَنوسار هلڻو آهي. اهوئيِ ڪرڻو آهي جيڪو مان چوندس. هِن گهر ۾ رڳو منهنجيِ هلنديِ. مان هن گهر جو هيڊ آهيان. Once for all اِهو چڱيءَ طرح سمجهيِ ڇڏ.

**(ڪي سيڪنڊ ترسيِ)** توکي به جي هن گهر ۾ رهڻو آهي ته رڳو منهنجيِ ٿيِ رهڻو آهي. اِهو منهنجو آخرِين فيصلو آهي. **( ڪي ڪن ماٺ ....!)**

شيام ماءُ ــ **(نئين شال ويڙهي اندر ايندي اِها ماٺِ ٽوڙي ٿي)** اِهو ڇا جو هنگامو مچايو اَٿو. هلو هلو اَندر هليِ روٽيِ کائو. کاڌو پرچي ڇڏيو اَٿم. **(حشمت کي)** پُٽ! توکي ڪيترا ڀيرا سمجهايو اَٿم ته ايترو غصو نه ڪندو ڪر، هاڻي ٿڌو ٿيءُ. ڪنوار هاڻي اَسانجيِ پنهنجيِ آهي. هوءَ به هاڻي هن گهر جيِ ڀاتيِ آهي، ڪيس هن گهر جو اونو تو کان به وَڌيڪ آهي. ٻارن سان به ڪيڏو نه پيار اَٿس.

حشمت ــ تون به هاڻي هن جيِ وڪالت ڪندينءَ، توکي هيِءَ شال جو آٽي ڏنيِ اَٿائين. مان هن عورت جون اِهي سڀ چالاڪيون سمجهان ٿو. راجنيتيِ اِن کي ئيِ چئِبو آهي. هن اَڄُ ماءُ پُٽ جي وچ ۾ به ڏار پيدا ڪري ڇڏيِ آهي. هن گهر ۾ هاڻي منهنجو رهڻ ٿيِ نه سگهندو، جتي ڪا شانتيِ ڪانهي، رُڳو گوڙ گهمسان لڳو پيو آهي.

شيام ماءُ — **(ڪيس ڳرائڙيِ پائي)** تون ھرو ڀرو ٿو پاڻ کي ڏکيِ ڪريِن، اھڙو ڪجھہ بہ ڪونھي **(ڪيس ھٿ کان ڇڪي اَندر وَٺيِ ويندي)** تنھنجو پيِءُ بہ تو جيان ڳالھہ ڳالھہ تي گرم ٿيِ ويندو ھو. مونکي تہ ڏک بہ ھٽيِ ڪيِندو ھو. مان سندس مارون سھيِ سھيِ نوُد ٿيِ وئيِ ھيس. ڪاش! مان بہ ڪنوار جيان پڙھيل ڳڙھيل ھجان ھا. پنھنجن پيرن تي بيِنل ھجان ھا تہ سندس روز روز جو اِھو اَپمان مور نہ سھان ھا..... **(ڪانتا کي)** اَچُ ڌيِءَ تون بہ اَندر اَچُ... مان حشوءَ کي سمجھائي ٿيِ ڇڏيان، ھو توکي وريِ ڪڏھن ڪو حرف بہ نہ چوندو.

**(شيام ماءُ حشمت کي ھٿ کان ڇڪي اَندر وَٺيِ ٿيِ وَڃي. ڪانتا اُتي ئي ٻت بڻجي بيِٺي آھي.)**

ڪانتا — **(درشڪن ڏانھن نھاري)** مونکي ڪجھہ بہ سمجھہ ۾ نٿو اَچي تہ مان ڇا ڪريان! مان ھيل تائيِن ھن گھر، اَميِن ۾ ٻارن جي صدقي سڀ ڪجھہ برداشت ڪنديِ آئيِ آھيان. ھينئر مون کان پنھنجيِ ھيِءَ روز روز جيِ بي عزتيِ سنيِ نٿيِ وڃي. مونکي بہ پنھنجو سوايمان آھي، خودداريِ آھي - ھيِ پُرش صدين کان پاڻ کي مالڪ ۾ اَسان اِسترين کي غلام سمجھندو آيو آھيِ. مان ھِن جي ذھنيت کي بدلي نٿيِ سگھان. مونکي پنھنجيِءَ زندگيِءَ بابت پاڻ ئيِ ڪو فيصلو وٺڻو پوندو. پنھنجي جيِون جيِ ڏور پنھنجن ھٿن ۾ پڪڙڻيِ پونديِ.